ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنڇر 24 آڪٽوبر 2026ع 12 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (70)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

افغانستان سان ڳالهه ٻولهه لاءِ تيار آهيون، دهشتگردي خلاف قابل اعتماد قدم ضروري آهن: پاڪستان

بامعنيٰ رابطن لاءِ افغان سرزمين تان جنم وٺندڙ دهشتگردي جي خطرن جي روڪٿام جي لاءِ هڪ قابل عمل طريقو ضروري آهي، امن ۽ عالمي قانون موجب تڪرارن جي پرامن حل کي ترجيح ڏيون ٿا

پاڪستان ٻطرفي ذريعن ۽ علائقائي فورمز بشمول ماسڪو فارميٽ قطر، ترڪيه، سعودي عرب ۽ چين جي سهولتڪاري سان ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ذريعي افغانستان سان سفارتي رابطن لاءِ مسلسل ڪوششون ڪندو رهيو آهي

افغان طالبان پاران پنهنجي سرزمين تي سرگرم دهشتگرد تنظيمن جي موجودگي تسليم ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جي ڪري اهي ڪوششون قابل عمل مفاهمت تائين پهچي نه سگهيون

پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرگرمين ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي، افغانستان ۾ 20 کان وڌيڪ دهشتگرد تنظيمون سرگرم آهن جيڪي پاڪستان ۽ خطي جي ٻين ملڪن جي لاءِ سيڪيورٽي خدشن جو سبب آهن

پاڪستان خودمختيار برابري، گڏيل احترام، عالمي قانون ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي اصولن تي ٻڌل تعميري ۽ متوازن پرڏيهي پاليسي تي عمل پيرا رهندو: پرڏيهي آفيس جو ترجمان سجاد حيدر

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان سفير سجاد حيدر خان چيو آهي ته پاڪستان افغانستان سان ڳالهه ٻولهه جي لاءِ تيار آهي، بامعنيٰ رابطن جي لاءِ افغان سرزمين تان جنم وٺندڙ دهشتگردي جي خطرن جي روڪٿام جي لاءِ هڪ قابل عمل طريقو ضروري آهي. پاڪستان امن ۽ عالمي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

صوبائي سليڪشن بورڊ ٽو جو اجلاس، 542 آفيسرن کي ترقيون ڏيڻ جي سفارش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي سليڪشن بورڊ ٽو جو اجلاس

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سينيٽ جو اجلاس 26 آڪٽوبر تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي)سينيٽ جو اجلاس 26 آڪٽوبر سومر ڏينهن شام 4 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو آهي جمعي ڏينهن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جو اجلاس سومر جي شام 4 وڳي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي)قومي اسيمبلي جو اجلاس سومر جي شام 4 وڳي تائين ملتوي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي، وفاقي وزير محمد اورنگزيب ۽ ٻيا موجود آهن

پارٽي سرپرستي هيٺ سرگرم دهشتگرد تنظيمن خلاف مهم پوري قوت سان جاري رکي ويندي: فيلڊ مارشل

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪورهيڊڪوارٽرز پشاور جو دورو ڪيو، موجوده سيڪيورٽي صورتحال، دهشتگردي جي خلاف جاري ڪاروائين، بارڊر مينيجمينٽ جي قدمن ۽ آپريشنل تيارين تي بريفنگ

آفيسرن ۽ جوانن جا بلند حوصلا ۽ پيشيوراڻي مهارت کي ساراهيندي ڪيس خطرن جي موثر ازالي لاءِ چوڪس رهڻ ۽ آپريشنل تيارين جي اعليٰ ترين معيار کي برقرار رکڻ جي هدايت

دهشتگرد جتي به هوندا، ڪين ڀرپور ۽ سخت ضرب لڳائي ويندي، سيڪيورٽي فورسز جي شهيدن ۽ غازين سميت پاڪستاني عوام جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا: سيد عاصم منير

عوام جي پختي حمايت سان پاڪستان دهشتگردن ۽ انهن جي گمراهه ڪن نظريي کي مڪمل شڪست ڏيندو، ڪورهيڊڪوارٽرز آمد تي ڪمانڊر پشاور ڪور آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جو آجيان ڪئي

راولپنڊي (اي پي پي)چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چٽو عزم ظاهر ڪندي چيو آهي ته پارٽ جي سرپرستي هيٺ سرگرم دهشتگرد تنظيمن خلاف مهم پوري طاقت سان جاري رکي ويندي ۽ دهشتگرد جتي به هوندا، ڪين ڀرپور ۽ سخت ضرب لڳائي ويندي. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير ڪورهيڊڪوارٽرز پشاور

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

برلن: صدر آصف علي زرداري کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو پيو وڃي، جرمن صدر فرانڪ والٽر پڻ ساڻس گڏ آهي

صدر آصف زرداري سان جرمن صدر جي ملاقات، ٻطرفن لاڳاپن تي اتفاق

مضبوط، تعميري حصيداري جي ٻطرفي تعاون کي جامع انداز ۾ سگهه ڏيڻ تي زور ڏنو ويو

پاڪستان ۽ جرمني ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهه پڻ ملهائي پئي وڃي

برلن (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ موجوده سياسي، اقتصادي ۽ دفاعي تعاون کي وڌيڪ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه ۾ نه جي فائيو ۽ نه جي فور انٽرنيٽ سهولت موجود آهي: آصفه ڀٽو

ملڪ ۾ انٽرنيٽ سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ پيپلز پارٽي پاران تعاون جي آڇ

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي ميمبر آصفه ڀٽو زرداري پارلياماني

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم لائيو اسٽاڪ ۽ ڊيري ڊيولپمينٽ بورڊ جي نئين سر جوڙجڪ جي منظوري ڏيئي ڇڏي

لائيو اسٽاڪ اينڊ ڊيري ڊيولپمينٽ بورڊ جي چيئرمين ۽ ميمبرن جي چونڊ شفاف ۽ ميرٽ جي بنياد تي ڪئي وڃي: وزيراعظم

بورڊ جي نئين سر تنظيم سازي لاءِ شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل طريقيڪار اختيار ڪرڻ سميت نجي شعبي جي ماهرن کي شامل ڪيو وڃي

وفاقي حڪومت پنهنجي وسيلن سان چوپائي مال جي لاءِ جديد ۽ موثر ويڪسين جي پيداوار جو پلانٽ اسلام آباد ۾ قائم ڪري رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف لائيو اسٽاڪ ۽ ڊيري ڊيولپمينٽ بورڊ جي نئين سر جوڙجڪ جي منظوري ڏيندي هدايت ڪئي آهي ته لائيو اسٽاڪ اينڊ ڊيري ڊيولپمينٽ بورڊ جي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران ڪڻڪ جي في مڻ جي قيمت 4500 رپيا مقرر

گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ڪڻڪ جي قيمت ۾ 1000 رپيا في مڻ اضافو

زرعي خرچن ۾ اضافي جي ڪري مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پيداواري لاڳت ۾ اضافي جي ڏس ۾ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ڪڻڪ جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ ۾ جون 2028ع کان گهوڙا گاڏين تي پابندي لاڳو ڪرڻ جو بل منظور

نيويارڪ (اي پي پي)نيويارڪ سٽي ڪائونسل شهر جي روڊن ۽ سينٽرل پارڪ ۾ جون 2028ع کان گهوڙا گاڏين تي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ عالمي بئنڪ وچ ۾ پائيدار ۽ پراڻو تعاون ساراهه جوڳو آهي: ناڻي وزير

معاشي استحڪام جي ڪوشش ۾ پيدا ٿيندڙ مالياتي خدشن ۽ وقت سر پاليسي قدمن پاڪستان کي ٻاهرين دٻاءُ کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڏني

تعاون جو گڏيل مقصد معاشي استحڪام کي برقرار رکڻ ۽ ساختي سڌارن کي اڳتي وڌائڻ، پاليسين جي تسلسل کي مضبوط بڻائڻ آهي: محمد اورنگزيب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب پاڪستان ۽ عالمي بئنڪ وچ ۾ پائيدار ۽ پراڻي تعاون کي ساراهيندي چيو آهي ته هن تعاون جو گڏيل مقصد معاشي استحڪام کي برقرار رکڻ، ڍانچاجاتي سڌارن کي اڳتي وڌائڻ، پاليسين جي تسلسل کي مضبوط ڪرڻ ۽ سڌارن جي ثمرن کي سيڙپڪاري، روزگار ۽ عوام لاءِ بهتر معاشي موقعن ۾

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

برلن: جرمني سفير صدر آصف علي زرداري جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

هلندڙ مالي سال دوران پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 1676 ارب روپيا مختص

هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ موٽرسائيڪل ۽ گاڏين جي صارفين کي رليف ڏيون پيا: بلال اظهر

حڪومت جي ڪوشش آهي ته ملڪ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي فراهمي ۾ ڪابه رڪاوٽ نه ٿئي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته هلندڙ سال دوران پيٽروليم ليوي جي مد

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سيڪيورٽي فورسز جي بهادر پٽن تي سڄي قوم کي فخر آهي: گهرو وزير

گوادر ۾ حملو ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سڄي قوم پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي گوادر ۾ تعميراتي ڪمپني جي خالي ڪيمپ تي فتنه الهندستان جو حملو ناڪام بڻائڻ ۽ 7 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان آزاد ڪشمير جي صدر جي ملاقات، ڪشميري عوام جي حمايت جاري رکڻ جو عزم

غيرجانبداراڻي ريفرنڊم ذريعي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ملڻ تائين ڪشميري عوام جي حمايت جاري رکنداسين

ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد جي لاءِ پاڪستان جي پختي حمايت جو ورجاءُ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد جي لاءِ پاڪستان جي اٽڪ حمايت جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته پاڪستان گڏيل قومن جي قراردادن موجب آزاداڻي ۽ غيرجانبداراڻي ريفرنڊم جي ذريعي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ملڻ تائين ڪشميري عوام جي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار ۽ برطانوي پرڏيهي وزير جي استنبول ۾ ملاقات، ٻطرفي تعاون تي اتفاق

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار استنبول ۾ برطانيا جي پرڏيهي وزير ايڊ ميليبرنڊ سان ملاقات ڪئي

برطانوي پرڏيهي وزير علائقائي امن ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيو

استنبول (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اڄ استنبول ۾ برطانيا جي پرڏيهي وزير ايڊ ميليبرنڊ سان ملاقات ڪئي ۽ ٻطرفي لاڳاپن تي اطمينان جو اظهار ڪيو پرڏيهي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ISTANBUL
FOREIGN MINISTERS | R4 DIŞİŞLERİ BAKANLARI TOPLANTISI | R4
23 EKİM 2026
OCTOBER 2026
استنبول: پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جو ترڪي سعودي عرب جي سفيرن ۽ ٻين سان ورتل گروپ فوٽو

گوادر ۾ ڀارتي دهشتگردي جي وڏي ڪوشش ناڪام، عورت سميت 10 دهشتگرد مارجي ويا، هڪ شهري شهيد

ڀارت جي سرپرستي هيٺ سرگرم فتنه الهندستان جي دهشتگردن ضلعي گوادر ۾ گبد بارڊر ڪراسنگ ۽ گوادر شهر جي علائقن ۾ دهشتگرداڻين ڪاروائين جي ڪوشش ڪئي

مقامي آبادي جي تحفظ ۽ علائقي کي دهشتگردن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز گوادر شهر ۽ ڀرپاسي ۾ ڪليئرنس آپريشنز شروع ڪيا: آءِ ايس پي آر

نيشنل ايڪشن پلان جي وفاقي ايپڪس ڪميٽي جي منظور ڪيل ويزن عزم استحڪام تحت دهشتگردي جي خاتمي جي مهم پوري طاقت سان جاري رهندي

راولپنڊي (اي پي پي)سيڪيورٽي فورسز گوادر ضلعي ۽ پاڪ ايران بارڊر ڪراسنگ تي ڀارتي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ گروهه فتنه الهندستان جو وڏو حملو ناڪام بڻائيندي ڪارروائي ۾ هڪ عورت سميت 10 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو دهشتگردن جي فائرنگ سبب هڪ شهري شهيد ٿي ويو آءِ ايس پي آر موجب 22 آڪٽوبر 2026ع تي ڀارت جي سرپرستي هيٺ سرگرم فتنه الهندستان جي دهشتگردن ضلعي گوادر ۾ گبد بارڊر ڪراسنگ ۽ گوادر شهر جي علائقن ۾ دهشتگرداڻين ڪاروائين جي ڪوشش ڪئي انهن هنڌن کي نشانو بڻائي دهشتگردن اصل ۾ انهن ماڻهن کي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني سان سعودي عرب جو سفير ڊاڪٽر راجيهه ملاقات ڪري رهيو آهي

استنبول: پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار فرانس، جرمني ۽ اٽلي جي عملدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

آئين تحت ڪنهن صوبي ۾ صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ تي گورنر راڄ لاڳو ڪري سگهجي ٿو: نثار کهڙو

صدر زرداري وزيراعظم جي صلاح تي خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ واري سمري تي صحيح ڪئي آهي

وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا جي صورتحال بابت سياسي جماعتن سان ڳالهين جا دروازا بند نه ڪيا آهن

مولانا فضل الرحمان سياسي صورتحال ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ هن ڪڏهن به دهشتگردن جي حمايت ناهي ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي ته ڪرڪيٽر سليم يوسف جي نياڻي ايمن سليم پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو آهي جنهن کي پارٽي ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

بيگم نصرت ڀٽو جي جدوجهد، بهادري، ثابت قدمي ۽ لازوال قربانيون ناقابل فراموش باب آهن: پ پ اڳواڻ

هن آمريت خلاف مزاحمت ڪندي جمهوريت جي بحالي، آئين جي بالادستي لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي: مراد علي شاهه

قيد، بند، تشدد ۽ رياستي جبر سميت سختين کي منهن ڏيڻ باوجود پنهنجي اصولن تي ثابت قدم رهي: شرجيل ميمڻ

ڀٽو خاندان ۽ پ پ جي هزارين ڪارڪنن جمهوريت ۽ عوام جي حق لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن: نثارکهڙو ۽ ٻين جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو، سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاڪستان پيپلز پارٽي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

بيگم نصرت ڀٽو جمهوريت جي بالادستي ۽ عوامي حقن لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي: علي حسن زرداري

سندس قربانيون پاڪستان ۾ جمهوري نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ روشن مثال آهن

مشڪلاتن، قيد ۽ آزمائشن کي منهن ڏيڻ باوجود "مادر جمهوريت" جمهوريت جو جهنڊو بلند رکيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي 15هين ورسيءَ تي صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداريءَ جو

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي 15 هين ورسي ملهائي وئي

نصرت ڀٽو 23 مارچ 1929ع تي ايران ۾ جنم ورتو، سندس تعلق حريري خاندان سان هو

اسلام آباد (اي پي پي) مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي 15 هين ورسي جمعي ڏينهن 23 آڪٽوبر تي ملهائي وئي. هو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

مادر ملت بيگم نصرت ڀٽو
(فائيل فوٽو)

گوادر ۾ حملو ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين، هر سازش بهادري سان ناڪام بڻائينداسين: حنيف عباسي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪرڪ ۾ دهشتگرد حملي ۾ شهيد پوليس اهلڪارن جي ايصال ثواب لاءِ سينيٽ ۾ فاتحه خواني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽر فلڪ ناز

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وقتي گورنر سيد اويس قادر شاهه ۽ سعيد غني پ پ ايم پي اي آصف موسيٰ سان تعزيت ڪري رهيا آهن

حيدرآباد بورڊ جي انٽرميڊيئيٽ پارٽ ٽو جي نتيجن ۾ مبينا بي ضابطگين جو نوٽيس، ڊپٽي ڪنٽرولر معطل

صوبائي وزير اسماعيل راهو نتيجن ۾ مبينا بي ضابطگين جو نوٽيس وٺندي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

تعليمي بورڊ جي ٽاپ سيڪريٽ برانچ جي ڊپٽي ڪنٽرولر اعجاز علي ڪاڪا کي معطل ڪيو ويو

معاملي جي جاچ لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر اريبلا ڀٽو کي انڪوائري ڪميٽي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سوشل ميڊيا تي سامهون ايندڙ عوامي شڪايتن تي حيدرآباد تعليمي بورڊ جي انٽرميڊيٽ پارٽ ٽو جي نتيجن ۾ مبينا بي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ٽرانسپيرنسي پيڪر پاڪستان 2026 جي رپورٽ ۾ او جي ڊي سي بهترين پوزيشن حاصل ڪري ورتي

ڪمپني مجموعي طور تي 92.71 سيڪڙو جڏهن ته بدعنواني جي خلاف قدمن ۾ 100 سيڪڙو اسڪور حاصل ڪيو: ترجمان

اسلام آباد(پ ر) آئل اينڊ گئس ڊيولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي) ٽرانسپيرنسي پيڪر پاڪستان جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي پاران ٽرانسپورٽرن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سهڪار جي خاطري

گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد جي 12 رڪني وفد پوليس چيف آزاد خان سان ملاقات ڪئي

ٽرانسپورٽرن کي درپيش ايندڙ مسئلن، امن امان جي صورتحال ۽ گاڏين جي محفوظ آمدرفت بابت ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان آل پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ اتحاد جي صدر ملڪ شهزاد

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ ڪابه رنڊڪ برداشت نه ڪئي ويندي: مرتضيٰ وهاب

ناٿا خان روڊ تي جاري ترقياتي ڪمن جو معائنو ڪيو ۽ اختيارين کان تفصيلي بريفنگ ورتي

اهم رستن جي بهتريءَ سان شهرين کي سهولت ۽ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ناٿا خان روڊ تي جاري ترقياتي ڪمن جو معائنو ڪيو ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي واٽر ڪارپوريشن عملدارن ڌاڀيجي پمپنگ ڪامپليڪس جو دورو ڪيو

چيف سيڪيورٽي آفيسر سيد جواد شاهه، سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو

حساس آبي تنصيبات جي حفاظت وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون ويون

ڪراچي(بيورو رپورٽ) واٽر ڪارپوريشن جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ اهم شخصيتن، سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن کي بنا اجازت فراهم ڪيل سيڪيورٽي واپس وٺڻ جو حڪم

صوبائي گهرو وزير جي صدارت هيٺ ٿريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جو اجلاس ۾ معاملي جو جائزو ورتو ويو

اڳواڻن کي سيڪيورٽي جي فراهمي وقت ضرورت ۽ خطري جي نوعيت کي نظر ۾ رکيو وڃي: ضياءالحسن لنجار

عوام جي تحفظ سان گڏ سيڪيورٽي اهلڪارن جي دستيابي ۽ انهن جي اثرائتي مقرري کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار جي صدارت هيٺ ٿريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ اهم شخصيتن سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن جي سيڪيورٽي جو نئين سر جائزو وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي. گهرو وزير چيو ته سيڪيورٽي جي فراهمي ٿريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جي رپورٽ ۽ سفارشن جي روشنيءَ ۾ يقيني بڻائي وڃي جڏهن ته

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڻڄاتل جوابدارن گهر اندر گهڙي عورت کي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو

لياقت آباد ڪٻاڙي مارڪيٽ واري علائقي ۾ گهر مان عورت سوريه جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ لياقت آباد نمبر 10 جي ڪٻاڙي مارڪيٽ واري علائقي ۾ چوڙي واري گهٽي ۾ واقع هڪ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي مصر جي پرڏيهي وزير سان ملاقات، مختلف شعبن ۾ تعاون تيز ڪرڻ تي اتفاق

اسحاق ڊار استنبول ۾ آر — 4 وزارتي اجلاس دوران مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان ملاقات ڪئي

ٻنهي اڳواڻن واپار، ڪاروباري ادارن جي وچ ۾ رابطن، زراعت، دواسازي، علائقائي رابطن، قابل تجديد توانائي، دفاع تي پڻ ڳالهايو

استنبول (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار،

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم ليوي ٽيڪس ختم ڪري تيل جون قيمتون گهٽايون وڃن: حافظ نعيم الرحمان

ملڪ ۾ اڍائي ڪروڙ ماڻهن جي سواري موٽرسائيڪل آهي، پر حڪومت ليوي ٽيڪس لڳائي رکيو آهي

جماعت اسلامي ان کي "ڀتو ٽيڪس" قرار ڏئي ٿي، اڄ ملڪ جي 150 هنڌن تي ڌرڻا هنيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

صدر گوادر ۾ 10 دهشتگردن کي جهنم ڀيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب سان اين ڊي ايم اي چيئرمين جنرل انعام حيدر ملڪ ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت رانديڪن جي ترقيءَ لاءِ وڏي سيڙپڪاري ڪئي آهي: سعيد غني

صوبي جي نوجوانن لاءِ تعليم سان گڏ رانديڪن جون سرگرميون پڻ انتهائي ضروري آهن

رانديون ذريعي نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته سنڌ حڪومت

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

چين جي علائقي تبت ۾ زلزلي سبب ڪيترائي گهر ڊهي پيا، 16 فوت، 54 ڄڻا زخمي

تبت جي اترئين شهر ناڳچو ۾ گهٽ ۾ گهٽ 339 گهر ڊهي پيا آهن ۽ متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروائيون جاري

امدادي ڪارروائين ۾ هڪ هزار 600 کان وڌيڪ ڪارڪن شريڪ، متاثرن لاءِ هڪ هزار عارضي گهر، اٽڪل ٽي هزار خيما ۽ ٻيو سامان موڪليو ويو

بيجنگ (اي پي پي)چين جي علائقي تبت ۾ آيل شديد زلزلي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 16 ڄڻا فوت ۽ 54 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا جڏهن ته ڪيترائي گهر به ڊهي پيا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران گوادر ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ هڪ ڄڻو قتل، 3 عورتون زخمي

شفيق موڙ جي ويجهو ڦر مزاحمت دوران ڦورن جي فائرنگ ۾ رحيم الله ولد گل خان قتل ٿي ويو

لياقت آباد ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ ٽي عورتون عابده، حنا ۽ رافيا زخمي ٿي پيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پنوعاقل لڳ پريمي جوڙو قتل، 11 ڄڻن خلاف ڪيس داخل، 3 جوابدار گرفتار

وي آءِ پي گيٽ وٽ ڪوچ ۾ سوار نوجوان دلدار شيخ ۽ ناري صدره کي ريپيٽر جا فائر ڪري قتل ڪيو ويو

بائنجي ٿاڻي تي سرڪار جي فرياد تي عبدالمالڪ، عبدالحنان، شير محمد سميت 11 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس ڪارروائي ڪندي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 3 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو، ٻين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري

مونکي ڪجهه نه کپي، مونکي رڳو منهنجي پٽ جو لاش ڏيو، غريب آهيان، انصاف الله تي ڇڏيو آهي: دلدار شيخ جي امڙ

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ پريمي جوڙي جي قتل ڪيس ۾ سرڪار جي فرياد تي 11 ڄڻن خلاف ڪيس داخل، 3 جوابدار گرفتار گذريل رات قومي شاهراهه تي وي آءِ پي گيٽ وٽ مسافر ڪوچ ۾ سوار نوجوان دلدار

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

پنوعاقل: گولين هڻي قتل ڪيل دلدار شيخ ۽ ناري صدره جا لاش پيل آهن ٻئي طرف جوابدار لاڪپ ۾ بند آهن

ڪراچي ۾ اڻڄاتل شخص جو سسي کان ڌار ٿيل ڌڙ هٿ آيو، مختلف علائقن ۾ حادثن دوران 5 ڄڻا فوت

سرجاڻي روزي ڳوٺ ويجهو ڪچرا ڪنڍي مان نامعلوم شخص جو سسي کان ڌار ٿيل سڙيل لاش مليو

ناظم آباد، شاهه لطيف ۽ اورنگي ٽائون ۾ حادثن سبب منظور پٽ مسلم نوجوان رضا علي ۽ ٻيا فوت ٿي ويا

بن قاسم ۾ ٽرالر جي ٽڪر سبب نوجوان آبان خان ۽ ڊرگ روڊ تي ٽرين مان هڪ ڄڻو ڪري فوت ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڪراچي ۾ اڻڄاتل شخص جو سسي کان ڌار ٿيل ڌڙ هٿ آيو آهي جڏهن ته مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ جي الڳ الڳ حادثن دوران 16 سالن جي نوجوان سميت 5 ڄڻا فوت ٿي ويا.

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪمال ديرو پرسان ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ خوني جهيڙو، فائرنگ، 4 ڄڻا قتل، 4 زخمي

درياهه ڪناري ڪچي واري علائقي ۾ ڳوٺ خيرديرو ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ جي نتيجي ۾ ضمير ڪلهوڙو، راجا ڪلهوڙو، عبدالجبار ڪلهوڙو ۽ سپاهي ڪلهوڙو موقعي تي ئي مارجي ويا

واقعي جي اطلاع تي پوليس وڏي نفري سان واقعي واري هنڌ پهتي، لاش ۽ زخمي کي ڪمال ديرو سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو

زميني تڪرار تان واقعو پيش آيو، ٻکري ڪمال ديرو سميت ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس علائقي ۾ موجود آهي: ايس ايس پي

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو پرسان ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ خوني جهيڙو گولين لڳڻ سبب، 4 ڄڻا قتل 4 زخمي ڪمال ديرو پرسان ٻکري ٿاڻي جي حد ۾ درياهه ڪناري ڪچي واري علائقي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪمال ديرو: ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل 4 ڄڻن جا لاش پيل آهن

بقايا 1 روزاني عبرت

ڏيو جنهن ۾ مختلف صوبائي ڪاتن جي 542 آفيسرن کي گريڊ 18 مان گريڊ 19 ۾ ترقيون ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي اجلاس ۾ ڪاليج ايجوڪيشن ڪاتي جي 438 اسسٽنٽ پروفيسرن کي ايسوسيئيٽ پروفيسر گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي جن ۾ 287 مرد ۽ 151 عورت اسسٽنٽ پروفيسر شامل آهن اسڪول ايجوڪيشن ڪاتي جي 8 ڊپٽي ڊائريڪٽرن فنانس ۽ آڊٽ کي ڊائريڪٽر فنانس گريڊ 19، جڏهن ته 8 هيڊ ماسترن کي سينيئر هيڊ ماستر ۽ هيڊ مسٽريس گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي زراعت ڪاتي جي 28 ڊپٽي ڊائريڪٽرن کي ڊائريڪٽر يا ايڊيشنل ڊائريڪٽر گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي ڪاليج ايجوڪيشن ڪاتي جي 5 سينيئر لائبريرين کي چيف لائبريرين ۽ 7 سينيئر ڊائريڪٽرن فزيڪل ايجوڪيشن کي چيف ڊائريڪٽر گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي صحت ڪاتي جي 6 ڊرماٽالاجسٽن کي سينيئر ڊرماٽالاجسٽ گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي، جڏهن ته جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جي 2 سينيئر فارماسسٽن کي ايڊيشنل چيف فارماسسٽ ۽ هڪ اسسٽنٽ پروفيسر ميڊيسن کي ايسوسيئيٽ پروفيسر گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي قانون ڪاتي جي 17 ڊپٽي ڊسٽرڪٽ اٽارنيز کي ڊسٽرڪٽ اٽارني ۽ 3 ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرلن کي ايڊيشنل پراسيڪيوٽر جنرل گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز ڪاتي جي 4 اسسٽنٽ پروفيسرن کي ايسوسيئيٽ پروفيسر آٽو ڊيزل ۽ 11 اسسٽنٽ پروفيسرن کي پرنسپال يا ايسوسيئيٽ پروفيسر مڪينيڪل گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ جي هڪ ڊائريڪٽر ليگل ۽ 3 ڊائريڪٽرن ايگزيڪيوٽو کي مستقل بنيادن تي گريڊ 19 ۾ ترقي ڏيڻ جي سفارش پڻ ڪئي وئي اجلاس ۾ چيئرمين پلاننگ بورڊ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سيڪريٽري سروسز ۽ لاڳاپيل ڪاتن جي سيڪريٽرين سميت ٻين سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي صوبائي سليڪشن بورڊ جو پاران تيار ڪيل سفارشون حتمي منظوري لاءِ سنڌ جي وڏي وزير ڏانهن اماڻيون وينديون

بقايا 2 روزاني عبرت

جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڪيس موجوده سيڪيورٽي صورتحال جاري دهشتگردي جي خاتمي وارين ڪارروائين بارڊر مينيجمينٽ جي قدمن ۽ صوبي ۾ مقرر فارميشنز جي آپريشنل تيارين تي بريفنگ ڏني وئي فيلڊ مارشل آفيسرن ۽ جوانن جا بلند حوصلا ۽ پيشيوراڻي مهارت کي ساراهيندي ڪيس خطرن جي موثر ازالي لاءِ چوڪس رهڻ ۽ آپريشنل تيارين جي اعليٰ ترين معيار کي برقرار رکڻ جي هدايت ڪئي. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته اسان ڀارت جي سرپرستي هيٺ سرگرم دهشتگرد تنظيمن خلاف مهم پوري طاقت سان جاري رکنداسين ۽ اهي جيستائين به هوندا کين سخت ضرب لڳائينداسين سيڪيورٽي فورسز جي شهيدن ۽ غازين سميت پاڪستاني عوام جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي آرمي چيف ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته عوام جي پختي حمايت سان پاڪستان دهشتگردن ۽ انهن جي گمراهه ڪن نظريي کي مڪمل شڪست ڏيندو. ڪورهيڊڪوارٽرز آمد تي ڪمانڊر پشاور ڪور آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز جي آجيان ڪئي

بقايا 3 روزاني عبرت

چيئرمين ۽ ميمبرن جي چونڊ شفاف ۽ ميرٽ جي بنياد تي ڪئي وڃي بورڊ ۾ نجي شعبي جي قابل ۽ تجربيڪار ماهرن کي شامل ڪري ان کي موثر ۽ فعال ادارو بڻايو وڃي جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري پڌرائي موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ لائيو اسٽاڪ جي شعبي ۾ سڌارن لائيو اسٽاڪ اينڊ ڊيري ڊيولپمينٽ بورڊ جي نئين سر جوڙجڪ ۽ سمهاڙي جي بيماري جي خاتمي جي لاءِ قدمن جو جائزو اجلاس هتي منعقد ٿيو وزيراعظم بورڊ جي نئين سر تنظيم سازي جي لاءِ شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل طريقيڪار اختيار ڪرڻ نجي شعبي جي ماهرن کي شامل ڪرڻ ۽ سمهاڙي جي بيماري جي خاتمي لاءِ واضح هدفن قابل پيمائش نتيجن ۽ مقرر مدي تي ٻڌل ايڪشن پلان پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وزيراعظم چيو ته لائيو اسٽاڪ ۽ ڊيري جي شعبي جي ترقي جي لاءِ عالمي معيار جي ڪنسلٽنٽس جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن ۽ ان شعبي ۾ مهارت رکندڙ ملڪن سان حصيداري کي فروغ ڏنو وڃي هن زور ڀريو ته جانورن جي صحت، نسل جي واڌ، پيداوار ۽ ويليو چين ۾ بهتري جي ذريعي پاڪستان جي برآمدي صلاحيت مان ڀرپور فائدو کنيو وڃي جنهن سان ڳوٺاڻي معيشت ۽ روزگار جي موقعن کي پڻ هٿي ملندي وزيراعظم چيو ته سمهاڙي جي بيماري جي مڪمل خاتمي جي لاءِ واضح هدف ۽ مقرر مدي تي ٻڌل جامع ايڪشن پلان پيش ڪيو وڃي، وفاقي حڪومت پنهنجي وسيلن سان چوپائي مال جي لاءِ جديد ۽ موثر ويڪسين جي پيداوار جو پلانٽ اسلام آباد ۾ قائم ڪري رهي آهي لائيو اسٽاڪ ۽ ڊيري جي شعبي جي ترقي جي لاءِ عالمي معيار جي ڪنسلٽنٽس جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن ۽ لاڳاپيل ملڪن جي تجربن مان فائدو کنيو وڃي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ لائيو اسٽاڪ جي شعبي ۾ وسيع صلاحيت موجود آهي ان کي روانگي واپار ۽ معاشي ترقي جي لاءِ استعمال ۾ آندو وڃي اجلاس ۾ بورڊ جي نئين سر تنظيم سازي، جانورن جي بيمارين جي نگراني ويڪسينيشن، جانورن جي سڃاڻپ ۽ ٽريس ايبلٽي ۽ گوشت ۽ ڊيري مصنوعات جي روانگي واپار وڌائڻ جي قدمن تي بريفنگ ڏني وئي اجلاس ۾ وفاقي وزيرن اعظم نذير تارڙ احد خان چيما، راڻا تنوير حسين، ڊاڪٽر مصدق ملڪ عطاءُ الله تارڙ مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا 4 روزاني عبرت

پابندي لاڳو ڪرڻ جي بل جي منظوري ڏني آهي جنهن جي نتيجي ۾ سياحن جي ڌيان جو مرڪز رهندڙ تاريخي تفريحي ۽ ڊگهي عرصي کان جاري ڪاروبار ختم ٿي ويندو پرڏيهي ميڊيا موجب شهر جي 51 ميمبرن تي ٻڌل ڪائونسل مان 40 ميمبرن بل جي حق ۾ ووٽ ڏنا. ان بل جي حمايت ميئر زوهران ممداني به ڪئي جنهن هلندڙ مهيني جي شروعات ۾ چيو هيو ته گهوڙا گاڏين جي صنعت ختم ٿي ويندي، ستن ميمبرن بل جي مخالفت ڪئي جڏهن ته ٻن راءِ شماري ۾ حصو نه ورتو. گهوڙا گاڏين تي پابندي جي حمايت ۾ ان وقت اضافو ٿيو جڏهن جون ۾ 18 سالن جو پارٽي سياح گهوڙا گاڏي مان ڪرڻ سبب فوت ٿيو هو

بقايا 5 روزاني عبرت

قيمت ۾ 1000 رپيا في من اضافو ڪندي ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت 4500 رپيا في من مقرر ڪري ڇڏي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم ملڪي زرعي شعبي جي فروغ، آبادگارن جي معاشي مفادن جي تحفظ ۽ ايندڙ سال ڪڻڪ جي پيداوار ۾ اضافي جي لاءِ وڏو فيصلو ڪندي سال 2027ع جي ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت 4500 رپيا في من مقرر ڪئي آهي، گذريل سال ڪڻڪ جي قيمت 3500 رپيا في من مقرر هئي. وزيراعظم چيو ته صدر آصف علي زرداري ۽ قائد محمد نواز شريف جي رهنمائي ۽ پنجاب ۽ سنڌ جي وڏي وزيرن جي مشاورت ۽ تعاون شامل رهيو ان فيصلي جي لاءِ مشاورتي عمل ۾ تعاون ۽ قابل قدر تجويزون پيش ڪرڻ تي پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جا خصوصي ٿورا ادا ڪندي وزيراعظم سنڌس ان مشاورتي عمل ۾ ڪردار جي واکاڻ ڪئي. وزيراعظم سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي تعاون تي پڻ ٿورا ادا ڪيا. هن چيو ته حڪومت پاران ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت ۾ اضافي جو مقصد آبادگارن کي وڌندڙ پيداواري لاڳت، پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافي ۽ مهانگائي جي دٻاءَ کان رليف فراهم ڪرڻ آهي. وزيراعظم چيو ته آبادگارن کي ڪڻڪ جي پوکيءَ جي لاءِ موثر ترغيب ڏيڻ فيصلي جي اولين مقصدن ۾ شامل آهي، اميد آهي ته نئين تجويز ڪيل قيمت سان آبادگارن کي پنهنجي پيداواري لاڳت پوري ڪرڻ ۽ مناسب منافعو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي وزيراعظم چيو ته گذريل سالن دوران آبادگارن کي مهانگائي ۽ زرعي خرچن ۾ اضافي جي ڪري مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو جڏهن ته پاڪستان کي گذريل ٻن سالن ۾ ڪڻڪ جي درآمد پڻ ڪرڻي پئي. ڪڻڪ جي تجويز ڪيل قيمت ۾ اضافي جو اهم فيصلو ملڪي غذائي تحفظ کي مضبوط بڻائڻ مقامي پيداوار جي حوصلا افزائي ۽ زرعي شعبي ۾ استحڪام جي لاءِ اهم اڳيرائي ثابت ٿيندي حڪومت کي اميد آهي ته تجويز ڪيل قيمت جي تعين سان آبادگار ڪڻڪ جي پوکيءَ ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺندا جنهن جي نتيجي ۾ ايندڙ سيزن ۾ ڪڻڪ جي ڀرپور پوکي ۽ ملڪي پيداوار ۾ اضافي جا امڪان روشن ٿيندا. وزيراعظم جو اهو قدم آبادگارن جي معاشي بهتري، زرعي معيشت جي استحڪام ۽ ملڪ کي غذائي ضرورتن جي ڏس ۾ وڌيڪ پاڻ ڀرو بڻائڻ جي ڪوشش ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو اميد آهي ته سال 2027ع پاڪستان جي زرعي شعبي ۽ آبادگارن جي خوشحالي جي لاءِ مثبت نتيجا رکندڙ هوندو

بقايا 6 روزاني عبرت

حمايت جاري رکندو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن آزاد جمون ۽ ڪشمير جي صدر ڊاڪٽر محمد نجيب نقي خان سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن جمعي ڏينهن هتي ساڻس ملاقات ڪئي وزيراعظم محمد شهباز شريف ڊاڪٽر محمد نجيب نقي خان کي آزاد جمون ۽ ڪشمير جي صدر جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم محمد شهباز شريف آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ ترقياتي عمل کي تيز ڪرڻ ۽ عوام جي زندگي جو معيار بهتر بڻائڻ جي لاءِ وفاقي حڪومت پاران هر ممڪن تعاون فراهم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو وزيراعظم ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق کي حاصل ڪرڻ جي منصفاڻي جدوجهد جي لاءِ پاڪستان جي اٽل حمايت جو ورجاءُ ڪيو هن چيو ته پاڪستان گڏيل قومن جي قراردادن موجب آزاداڻي ۽ غيرجانبداراڻي ريفرنڊم جي ذريعي پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق ملڻ تائين ڪشميري عوام جي حمايت جاري رکندو وزيراعظم چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام کي انهن جي جائز حق ملڻ تائين انهن جي اخلاقي سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو. وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله خان پڻ ملاقات ۾ موجود هو

بقايا 7 روزاني عبرت

سگهه ڏيڻ جي لاءِ دستياب امڪانن مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي هن معيشت ۽ واپار جديد ٽيڪنالاجين موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، هنرمندي جي فروغ ۽ عوامي ۽ ثقافتي مٽاسٽا تي خاص ڌيان ڏيڻ جي اهميت اجاگر ڪئي جمعي ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر اهڙن خيالن جو اظهار برلن ۾ جرمن صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر سان ملاقات دوران ڪيو صدر آصف علي زرداري جرمن صدر جا دوري جي دعوت ڏيڻ ۽ پنهنجي وفد جي شاندار استقبال ۽ مهمان نوازي تي ٿورا ادا ڪيا. هن چيو ته هي دورو جرمني سان پاڪستان جي پراڻي دوستاڻي لاڳاپن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي عزم جو عڪاس آهي هن ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته پاڪستان مسلسل تعميري رابطن جي ذريعي موجوده لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط، مستحڪم ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل حصيداري ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي صدر ان اهم دوري کي ساراهيندي چيو ته هي 23 سالن جي وقفي کانپوءِ ٿي رهيو آهي جيڪو ٻنهي ملڪن جي ٻطرفي لاڳاپن ۾ هڪ اهم باب جي حيثيت رکي ٿو هن چيو ته هلندڙ سال پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهه پڻ ملهائي پئي وڃي هن چيو ته پاڪستان جرمني کي يورپ ۾ پنهنجو اهم حصيدار سمجهي ٿو ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ سماجي تحفظ ۽ انساني ترقي جي شعبن ۾ جرمني جي مدد کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان روايتي شعبن کان اڳتي وڌندي جرمني سان سائنسي ترقي، عوامي صحت، تعليم فني تربيت، ٽيڪنالاجي جي فروغ، واپار ۽ سيڙپڪاري، زراعت، ڪاروبار ۽ صنعت ۽ موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائڻ سميت مختلف شعبن ۾ جديد ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل تعاون کي سگهه ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي ان مقصد جي لاءِ حڪومتي سطح ڪاروباري ادارن ۽ ماهرن جي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ فروغ ڏنو ويندو صدر آمريڪا ۽ ايران جي تڪرار ۾ پاڪستان جي مخلصاڻي ثالثي ڪردار جي جرمني پاران اعتراف تي صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر جا ٿورا ادا ڪيا. هن چيو ته پاڪستان علائقائي ۽ عالمي امن ۽ استحڪام جي مفاد ۾ تڪرارن جي حل لاءِ مسلسل ڳالهه ٻولهه ۽ تعميري ڳالهه ٻولهه تي يقين رکي ٿو جرمن صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر پاڪستان ۽ جرمني جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 75هين سالگرهه جي اهم موقعي تي صدر آصف علي زرداري جي جرمني جي دوري جي شاندار آجيان ڪئي. هن تازو ٿي پشاور ۾ اسڪول جي ڇت ڪري پوڻ جي افسوسناڪ واقعي ۾ ٻارن جي فوت ٿيڻ تي تعزيت جو اظهار پڻ ڪيو جرمن صدر اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستان ۽ جرمني ٻطرفي ڪاروباري سرگرمين جي فروغ، تعليم جي شعبي ۾ تعاون ۽ ٽيڪنيڪي حصيداري کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ ڪاروبار ۽ واپار جي شعبن ۾ وڌيڪ موثر ڪوششن سان رابطا جاري رکندا. جرمن صدر علائقائي ۽ عالمي تڪرارن جي حل ۾ پاڪستان جي وڌندڙ سفارتي ڪردار کي ساراهيو صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر جرمني واپس موڪليا ويندڙ 500 افغان شهرين جي تصديق جي عمل ۾ سهولت فراهم ڪرڻ تي پاڪستان حڪومت جي واکاڻ ڪئي هن گذريل چار ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي دوران لکين افغان شهرين کي انساني همدرديءَ جي بنياد تي امداد فراهم ڪرڻ تي پڻ پاڪستان کي ساراهيو ٻنهي صدرن افغانستان بابت چيلينجز تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي صدر آصف علي زرداري واضح ڪيو ته پاڪستان جو افغان عوام سان ڪو تڪرار نه آهي جڏهن ته پاڪستان دهشتگردن کي افغان سرزمين استعمال ڪندي پاڪستاني شهرين تي حملا ڪرڻ ۽ ملڪي خودمختياري جي خلاف ورزي ڪرڻ جي اجازت نه ڏيندو جرمن صدر جي خصوصي دلچسپي جي جواب ۾ صدر آصف علي زرداري چيو ته مڪ دفاعي معاهدي جو مقصد علائقائي سلامتي کي يقيني بڻائڻ آهي اهو معاهدو علائقائي تڪرارن جي بدران علائقائي سلامتي جي لاءِ هڪ متبادل رستو فراهم ڪري ٿو ۽ ڪنهن مخصوص ملڪ جي خلاف نه آهي صدر آصف علي زرداري جرمن صدر کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏني جنهن تي جرمن صدر چيو ته هو مناسب وقت تي پاڪستان جو دورو ڪندو وفدن ڪانسواءِ ملاقات ڪانپوءِ ٻنهي صدرن جي وچ ۾ وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه پڻ ٿي پاڪستاني وفد ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ جا صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ جام خان شورو سينيٽر سليم مانڊوي والا ۽ جرمني ۾ پاڪستان جو سفير سلمان شريف شامل هئا. ان کان اڳ جرمن دفاع واري وزارت ۾ صدر آصف علي زرداري کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو. ان موقعي تي جرمن صدر فرينڪ والٽر اشٽائن مائر پڻ موجود هو

بقايا 8 روزاني عبرت

سيڪريٽري سبين غوري کي ملڪ ۾ انٽرنيٽ سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران تعاون جي آڇ ڪئي آهي جمعي جي ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ سوالن جي وقفي دوران آصفه ڀٽو زرداري چيو ته نوابشاهه ۾ نه ته جي فائيو ۽ نه ئي جي فور جي انٽرنيٽ سهولت موجود آهي هن پارليامانی سيڪريٽري سبين غوري کي دعوت ڏني ته پاڪستان پيپلز پارٽي سان گڏ ويهي سڄي ملڪ ۾ انٽرنيٽ جي سهولت بهتر بڻائڻ لاءِ تعاون ڪري ڇاڪاڻ ته هي پاڪستان جي نوجوانن ۽ ڪاروباري برادري جي هڪ اهم ضرورت آهي جنهن تي پارليامانی سيڪريٽري جواب ڏنو ته هوءَ هن تجويز جي آجيان ڪري ٿي

بقايا 9 روزاني عبرت

پليڪار چئون ٿا ايمن سليم چيو ته هوءَ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وڏي مداح آهي ۽ صدر آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ادي فريال ٽالپر جي قيادت تي اعتماد رکي ٿي هن چيو ته پيپلز پارٽي عورتن کي مضبوط ڪيو آهي ۽ هوءَ پارٽي جي پليٽ فارم تان ملڪ ۽ عوام جي خدمت ڪندي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نثار احمد کهڙي چيو ته صدر مملڪت وزيراعظم جي صلاح تي خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ واري سمري تي صحيح ڪئي آهي ملڪ ۾ ماضي ۾ به گورنر راڄ لاڳو ٿيندو رهيو آهي جڏهن ته پهريون گورنر راڄ 1951ع ۾ سنڌ ۾ لاڳو ڪيو ويو هو هن چيو ته آئين تحت ڪنهن صوبي ۾ صورتحال حد کان وڌيڪ خراب ٿيڻ جي صورت ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته خيبرپختونخوا جو مسئلو اڄ جو نه پر ڪيترن ئي سالن کان هلندڙ آهي عمران خان جي حڪومت دوران تحريڪ طالبان پاڪستان جي ماڻهن کي افغانستان جي جيلن مان آزاد ڪرائي پاڪستان ۾ آباد ڪرڻ ۽ طالبان ٽوڙي ٽي ٽي پي سان معاهدن ۽ ڳالهين جا قدم کنيا ويا هئا. سنڌس چوڻ هو ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير دهشتگردن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ آمادگي ظاهر نه ڪئي آهي نثار احمد کهڙي چيو ته حڪومت خيبرپختونخوا جي صورتحال بابت سياسي جماعتن سان ڳالهين جا دروازا بند نه ڪيا آهن گورنر راڄ مستقل طور لاڳو نه ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن سياسي جماعتون دهشتگردي خلاف گڏيل حڪمت عملي تي متفق ٿين ٿيون ته خيبرپختونخوا مان گورنر راڄ ختم ٿي سگهي ٿو نئين صوبي جي قيام بابت ڳالهائيندي هن چيو ته آئين ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جو طريقو واضح طور ڄاڻايل آهي جيستائين لاڳاپيل صوبي جي اسيمبلي ٻه ٽهائي اڪثريت سان نئين صوبي جي قيام بابت قرارداد منظور نه ڪندي تيستائين نئون صوبو نٿو ٺهي سگهي. سنڌ اسيمبلي اڳ ئي گڏيل طور قرارداد منظور ڪري واضح ڪري چڪي آهي ته سنڌ ۾ نه نئون صوبو ٺهڻ گهرجي ۽ نه ئي صوبي جي حدن ۾ تبديلي ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته جيڪڏهن نوان صوبا ٺاهڻا آهن ته گلگت بلتستان ۽ پنجاب ۾ ٺاهيا وڃن جتي لاڳاپيل اسيمبليون چاهين ته نون صوبن جي قيام بابت فيصلو ڪري سگهن ٿيون سنڌ ۾ انتظامي يونٽن جي ڳالهه ڪندڙن کان پڇڻ گهرجي ته انهن جي مراد ڇا آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ ڊويزن جي صورت ۾ انتظامي يونٽ اڳ ئي موجود آهن هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت ڳالهيون سياسي بيچيني پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي رهيون آهن. 28هين آئيني ترميم بابت نثار احمد کهڙي چيو ته هن وقت ان بابت ڳالهيون وقت کان اڳ آهن ڇاڪاڻ ته وفاقي حڪومت وٽ پارليامينٽ ۾ ترميم منظور ڪرائڻ لاءِ ٻه ٽهائي اڪثريت موجود ناهي. سنڌس چوڻ هو ته جيڪڏهن وفاقي حڪومت سمورن اتحادي ڌرين کي به گڏ ڪري، تڏهن به 28هين آئيني ترميم لاءِ گهربل ٻه ٽهائي اڪثريت حاصل نٿي ٿئي هن چيو ته 28هين آئيني ترميم بابت بحث ملڪ جي مستقبل کي ڪمزور ڪندو مولانا فضل الرحمان بابت ڳالهائيندي نثار احمد کهڙي چيو ته سندس جماعت پراڻي سياسي جماعت آهي ۽ مولانا فضل الرحمان سياست ۾ ڪيترائي لاهه چاڙها ڏٺا آهن خيبرپختونخوا جي صورتحال بابت ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر سميت مختلف ڌريون مولانا فضل الرحمان وٽ وڃن ٿيون. هن چيو ته مولانا فضل الرحمان سياسي صورتحال ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ۽ هن ڪڏهن به دهشتگردن جي حمايت ناهي ڪئي

بقايا 10 روزاني عبرت

بنا اجازت فراهم ڪيل سيڪيورٽي واپس وٺڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ضياءالحسن لنجار چيو ته سيڪيورٽي جي فراهمي وقت ضرورت ۽ خطري جي نوعيت کي نظر ۾ رکيو وڃي ۽ سيڪيورٽي جي نالي تي غيرضروري پوليس نفري مقرر ڪرڻ جو سلسلو ختم ڪيو وڃي هن هدايت ڪئي ته اهم شخصيتن جي سيڪيورٽي جو تعين حقيقي خطرن ۽ موجود معلومات جي بنياد تي ڪيو وڃي، جڏهن ته سيڪيورٽي انتظامن ۾ شفافيت ۽ اثرائتي نگراني کي يقيني بڻايو وڃي گهرو وزير چيو ته ڪنهن به شخصيت کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ وقت خطري جي جائزي کي بنيادي اهميت ڏني وڃي ۽ سيڪيورٽي وسيلن جو استعمال ضرورت ۽ ترجيحن موجب ڪيو وڃي عوام جي تحفظ سان گڏ سيڪيورٽي اهلڪارن جي دستيابي ۽ انهن جي اثرائتي مقرري کي به يقيني بڻائڻ ضروري آهي. اجلاس ۾ گهرو کاتي جو ايڊيشنل چيف سيڪريٽري اقبال ميمڻ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا نمائندا پڻ شريڪ ٿيا.

بقايا 11 روزاني عبرت

گهر مان هڪ عورت جو لاش مليو آهي، جنهن جي سڃاڻپ سويرا جي نالي سان ٿي آهي ڪيس ڪنهن تکي اوزار ذريعي قتل ڪيو ويو هو ڇيپا جي عملدارن موجب عورت جي لاش کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته مقتولا ٻن ٻارن جي ماءُ هئي ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ سان گڏ رهندي هئي، جڏهن ته سنڌس مڙس ڪم جي سلسلي ۾ دبئي ۾ رهي ٿو وارثن پوليس کي ٻڌايو ته واقعي جي وقت مقتولا جا ٻه ٻار ويجهو ئي پنهنجي ناني جي گهر موجود هئا. جڏهن مقتولا جو ننڍو ڀاءُ گهر پهتو ته هن پنهنجي ڀيڻ کي رت ۾ لت پت ۽ مئل حالت ۾ ڏٺو پوليس موجب مقتولا جي ڀاءُ عبدالله پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو آهي ته گهر مان چار موبائل فون غائب آهن واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ قتل جي محرڪن (وجهن) کي ڳولڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن

بقايا 12 روزاني عبرت

آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات جو آيل زلزلي جي شدت 7.0 هئي ميڊيا رپورٽن مطابق تبت جي اترئين شهر ناگچو ۾ گهٽ ۾ گهٽ 339 گهر ڊهي پيا آهن ۽ متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروائيون جاري آهن اهي خدشا به ظاهر ڪيا پيا وڃن ته فوتين جي انگ ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو ڇو جو ملبي هيٺان ماڻهو دٻيل ٿي سگهن ٿا. اهو به ٻڌايو ويو آهي ته امدادي ڪارروائين ۾ هڪ هزار 600 کان وڌيڪ ڪارڪن شريڪ آهن جڏهن ته متاثرن لاءِ هڪ هزار عارضي گهر اٽڪل ٽي هزار خيما ۽ ٻيو سامان موڪليو ويو آهي جنهن ۾ فولڊنگ بيڊن کاڌي پيتي جون شيون، ڪارپيٽ ۽ ٿڌ کان بچڻ لاءِ ڪپڙا وغيره به موجود آهن آمريڪي جيولاجيڪل سروس مطابق زلزلو مقامي وقت مطابق رات جو 10 لڳي 33 منٽن تي آيو جنهن جو مرڪز ناگچو شهر کان 191 ڪلوميٽر اتر اوڀر ۾ هو جڏهن ته زمين هيٺ ان جي اونهائي 18 ڪلوميٽر رڪارڊ ڪئي وئي رپورٽس مطابق وڏي زلزلي بعد 4.3 ۽ 5.2 جا گهٽ ۾ گهٽ 7 آفٽر شاڪس به اچي چڪا آهن

بقايا 13 روزاني عبرت

شهباز شريف گوادر ۾ فتنه الهندستان جي دهشتگردن جي خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم گوادر ۾ دهشتگردي جي ڪارروائين جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي 10 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن جي پيشيوراڻي صلاحيتن جي واکاڻ ڪندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي فرض شناس ۽ بهادر آفيسرن ۽ جوانن گوادر شهر ۽ گبد بارڊر ڪراسنگ جي ڀرپاسي دهشتگردن جا ڪڌا ارادا ناڪام بڻائي ڇڏيا. وزيراعظم چيو ته دهشتگرد بلوچستان جي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي جا دشمن آهن. فتنه الهندستان جا دهشتگرد پنهنجن ڪڌن ارادن ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا. هن چيو ته عزم استحڪام تحت دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ ڪارروايون پوري رفتار سان جاري رهنديون. غيرملڪي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پختي عزم ۾ مون سميت پوري قوم انهن سان گڏ بيٺل آهي وزيراعظم دهشتگردن جي حملي ۾ هڪ شهري جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي شهيد جي درجن جي بلنديءَ ۽ گهرڀاتين جي لاءِ صبرجميل جي دعا ڪئي

بقايا 14 روزاني عبرت

علائقن ۾ ڌار ڌار فائرنگ جي وقعن ۾ هڪ ڄڻو قتل جڏهن ته 3 عورتون زخمي ٿي پيون. ڪالهه ايف بي ايريا صنعتي ايريا ٿاڻي جي حد نيو ڪراچي جي علائقي شفيق موڙ جي ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شخص مارجي ويو آهي پوليس اختيارين موجب هي افسوسناڪ واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن مقتول ڦر جي ڪوشش جي مزاحمت ڪئي فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 40 سالن جي رحيم الله ولد گل خان طور ٿي آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي مقتول جي مائٽن ٻڌايو ته رحيم الله لانڍي ۾ اسپتال چورنگي جي ويجهو رهندو هو هو هڪ محنتي مزدور هو جيڪو لوڊنگ جي شعبي ۾ ڪم ڪندو هو ۽ ڪم جي سلسلي ۾ شفيق موڙ آيو هو سنڌس خاندان موجب رحيم الله ماني کائڻ لاءِ اٿي بيٺو هو ته ڦورن کيس ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن هن مزاحمت ڪئي ته ڦورن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ هو مارجي ويو مقتول غير شادي شده هو ۽ ستن ڀائرن مان پنجين نمبر تي هو. سنڌس خاندان جو تعلق پشاور سان آهي. هن واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي آهي جڏهن ته پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني آهي ٻئي پاسي ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ ٻه عورتون زخمي ٿي پيون ريسڪيو عملدارن موجب لياقت آباد نمبر 9 ۾ نيو رضوي دواخاني جي ويجهو ٻه عورتون فائرنگ جي زد ۾ اچي زخمي ٿي پيون زخمين مان عابده کي جناح اسپتال جڏهن ته حنا ۽ رافيا کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب جوابدار ڪنهن ڌوهه جي واردات ڪانپوءِ علائقي مان فرار ٿي رهيا هئا ۽ ان دوران فائرنگ ڪري رهيا هئا.

بقايا 15 روزاني عبرت

۾ ڳوٺ خيرديرو ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ مبينه جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 4ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. مارجي ويلن ۾ ضمير ڪلهوڙو راجا ڪلهوڙو عبدالجبار ڪلهوڙو ۽ سپاڳو ڪلهوڙو شامل واقعي جي اطلاع تي پوليس وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي ڪمال ديرو سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي ۾ گولين لڳڻ سبب 4 زخمين واحد بخش علي ڪلهوڙو اعظم ڪلهوڙو حفيظ ڪلهوڙو کي ڪمال ديرو سرڪاري اسپتال مان ابتدائي طبي علاج ڏيڻ بعد ڳنڀير جوڳي حالت ۾ نواب شاهه ريفر ڪيو ويو ميڊيا سان ڳالهائيندي هڪ ڌر جي احمد نواز ڪلهوڙي دعويٰ ڪئي ته پيرل ڪلهوڙو ۽ حاجي ڪلهوڙو وچ ۾ سڳاوتي تڪرار تان جهيڙو ٿيو

بقايا 16 روزاني عبرت

ڪالهه ناظم آباد ۾ عيدگاهه گرائونڊ ويجهو خميس ڏينهن تيز رفتار نامعلوم گاڏي جي ٽڪر سبب زخمي ٿيندڙ 16 سالن جو موٽرسائيڪل سوار عباسي شهيد اسپتال ۾ علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪري ويو ڇيپا عملدارن موجب فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي، جڏهن ته پوليس هڪ خاص سڃاڻپ واري ڊيوائس ذريعي سنڌس سڃاڻپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ٻئي طرف شاهه لطيف واري علائقي ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر سبب زخمي ٿيل 65 سالن جو منظور ٻٽ مسلم جناح اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ ڪانپوءِ پوليس لاش وارثن جي حوالي ڪري ڇڏيو بن قاسم ٿاڻي جي حد پورٽ قاسم جامع ابوبڪر مسجد جي ويجهو ٽريلر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت ٿي ويو آهي فوتي جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي متوفي جي کيسي مان مليندڙ شناختي ڪارڊ مان سڃاڻپ آبان خان پٽ محتشم خان جي نالي سان ٿي آهي ٻئي پاسي ڪراچي ۾ ڊرگ روڊ ريلوي ٽريڪ تي هڪ شخص ٽرين مان ڪري فوت ٿي ويو ڇيپا جي رضاڪارن لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ريسڪيو عملدارن موجب هي واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن اهو شخص هلندڙ ٽرين مان ڪري پيو فوت ٿيل شخص جي عمر تقريباً 60 سال لڳي ٿي جڏهن ته سنڌس سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي ريلوي پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي اورنگي ٽائون اسلام چوڪ نوراني بينڪوئيٽ هال جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 16 سالن جو رضا علي ولد جاويد علي فوت ٿي ويو آهي سرجاني جي علائقي ڳوٺ ندي جي ويجهو ڪچرا ڪنڍي مان بغير مٿي جي سڙيل 35 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

راندين جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏيندي وڏي سيڙپڪاري ڪئي آهي پر جيترو ڪم ڪيو ويو آهي ان کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي نوجوانن لاءِ تعليم سان گڏ راندين جون سرگرميون پڻ انتهائي ضروري آهن ڇاڪاڻ ته راندين ذريعي نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن ٿا اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچي جي اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ منعقد ٿيل لوڪ سهائتا 54هين قومي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ 2026ع جي افتتاحي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ پاڪستان ايٿليٽڪ فيڊريشن جي چيئرمين اڪرم ساهي، ڪراچي پوليس جي ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل آزاد خان لوڪ سهائتا جي چيئرمين پير محمد شاهه سنڌ جي راندين واري کاتي جي سيڪريٽري ۽ ٻين لاڳاپيل شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي ۽ خطاب ڪيو صوبائي وزير سعيد غني چيو ته کيس خوشي آهي ته ڪراچي ۾ قومي سطح جي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ منعقد ٿي رهي آهي هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪرڻي هئي پر پرڏيهي دوري تي وڃڻ سبب هن اها ذميواري کيس سونپي سعيد غني چيمپيئن شپ جي ڪامياب انعقاد تي لوڪ سهائتا جي ٽيم کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته هو پاڻ به راندين ۾ دلچسپي رکي ٿو ۽ جتي به کيس راندين جي ڪنهن تقريب ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي آهي اتي خوشيءَ سان ويندو آهي هن چيو ته نوجوانن لاءِ تعليم سان گڏ راندين ۾ حصو وٺڻ به ضروري آهي سنڌس خواهش آهي ته اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن تحت ٻار ننڍي عمر کان ئي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ راندين جي سرگرمين ۾ به حصو وٺن جيئن سندن صلاحيتن کي سڃاڻي سگهجي ۽ کين اڳتي وڌڻ جا مناسب موقعا فراهم ڪري سگهجن صوبائي وزير چيو ته پاڪستاني رانديگر ارشد نديم جي جيولين ٿرو جي ميدان ۾ ڪاميابين ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي راندين کي رڳو هاڪي ۽ ڪرڪيٽ تائين محدود نه رکڻ گهرجي پر ٻين راندين کي به هٿي ڏيڻ ضروري آهي، جيئن مختلف شعبن ۾ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا موقعا ملي سگهن سعيد غني چيو ته کيس جن جن وزارتن ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو انهن ادارن ۾ هن راندين جي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ قدم کنيا، ڇاڪاڻ ته راندين جي ترقي پڻ سماج جي ضرورت آهي سندس چوڻ هو ته ماضيءَ ۾ مختلف سرڪاري ادارن ۾ ڪيترن ئي راندين جون ٽيمون موجود هونديون هيون پر هاڻي ڪيترن ئي ادارن ۾ اهي ٽيمون ختم ٿي ويون آهن. جڏهن انهن ادارن کان ٽيمون ختم ڪرڻ بابت پڇيو ويو ته ٻڌايو ويو ته ادارا مالي خساري کي منهن ڏئي رهيا آهن صوبائي وزير چيو ته هن اهڙن ادارن ۾ راندين جي ٽيمن کي ٻيهر فعال ڪرڻ ۽ رانديگرن کي هٿي ڏيڻ تي زور ڏنو سندس چوڻ هو ته جن ادارن کي مالي خسارو آهي، اهي ڪجهه وڌيڪ خسارو برداشت ڪن پر راندين ۽ رانديگرن کي هٿي ڏيڻ جو عمل جاري رکن سعيد غني چيو ته سندس نظر ۾ راندين تي ٿيندڙ خرچ خسارو نه پر هڪ سيڙپڪاري آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا ملن ٿا ۽ ملڪ لاءِ نوان باصلاحيت رانديگر پيدا ٿين ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۽ پاڪستان ۾ راندين کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي ضرورت آهي هن لوڪ سهائتا جي چيئرمين پير محمد شاهه جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته هو پنهنجي سرڪاري ذميوارين سان گڏ نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پڻ محنت ڪري رهيو آهي صوبائي وزير اميد ظاهر ڪئي ته چيمپيئن شپ ۾ حصو وٺندڙ سمورا رانديگر ڀرپور نموني پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا ۽ مستقبل ۾ قومي توڙي عالمي مقابلن ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪندا. تقريب کي خطاب ڪندي لوڪ سهائتا جي چيئرمين پير محمد شاهه چيو ته هو چيمپيئن شپ ۾ حصو وٺندڙ سمورن رانديگرن کي ڀليڪار ڪري ٿو هن چيو ته 9 سالن جي ڊگهي وقفي ڪانپوءِ قومي ايٿليٽڪس چيمپيئن شپ منعقد ٿي رهي آهي جنهن ۾ ڪراچي سميت پاڪستان جي مختلف شهرن ۽ صوبن مان رانديگر حصو وٺي رهيا آهن پير محمد شاهه ٻين شهرن ۽ صوبن مان آيل رانديگرن کي مخاطب ٿيندي چيو ته کيس اميد آهي ته ڪراچي ۾ سندن رهائش يادگار ثابت ٿيندي ۽ کين هن چيمپيئن شپ دوران پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا ڀرپور موقعا ملندا. هن چيو ته اهڙن مقابلن ذريعي نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن کي نکارڻ ۽ مستقبل ۾ عالمي سطح تي ملڪ جي نمائندگي ڪرڻ جا موقعا ملندا.

بقايا 18 روزاني عبرت

چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي جي هدايتن تي چيف سيڪيورٽي آفيسر سيد جواد شاهه ڌابيجي پمپنگ ڪامپليڪس جو دورو ڪري سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ حساس آبي تنصيبات جي حفاظت وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون. دوري دوران انتخاب احمد راجپوت، ڪاظم سومرو، اظهر اقبال قاضي ۽ اخلاق راجپوت پڻ ساڻس گڏ هئا. سي ايس او پمپنگ ۾ مقرر سيڪيورٽي عملي جي موجودگي، داخلي ۽ خارجي رستن جي نگراني ۽ حساس تنصيبات جي حفاظت لاءِ ڪيل انتظامن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي سيد جواد شاهه هدايت ڪئي ته ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪندڙ اهم تنصيبات جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتو بڻايو وڃي. هن چيو ته ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن، گهارو پمپنگ اسٽيشن، گهارو فلٽر پلانٽ ۽ چليا انٽيڪ زيرو پوائنٽ جي سيڪيورٽي بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل هنڌن جي ڀرپاسي مستقل پوليس پڪٽ قائم ڪرڻ ۽ پوليس گشت کي يقيني بڻائڻ بابت ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ ايس ايس پي ٺٽو کي لکت ۾ آگاهه ڪيو ويندو واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب، ڌابيجي پمپنگ ڪامپليڪس ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪندڙ اهم مرڪزن مان هڪ آهي، جتي بجلي جي مسلسل فراهمي ۽ پمپنگ نظام جو بنا ڪنهن رنڊڪ جي هلڻ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي برقرار رکڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي ترجمان وڌيڪ چيو ته اهم آبي تنصيبات جي اثرائتي سيڪيورٽي نه رڳو سرڪاري ملڪيتن جي تحفظ، پر شهرين کي پاڻي جي بنا رنڊڪ فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ پڻ لازمي آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

لاڳاپيل اختيارين کان تفصيلي بريفنگ ورتي. هن ترقياتي ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪري روڊ کي ٽريفڪ لاءِ کولڻ جي هدايت ڪندي چيو ته شهرين کي ان حوالي سان جلد خوشخبري ٻڌائي ويندي ميئر ڪراچي ٽاٽا خان روڊ تي جاري ترقياتي ڪمن جي دوري دوران لاڳاپيل اختيارين کان بريفنگ ورتي ۽ واضح ڪيو ته شهر جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي رنڊڪ برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته اسان نه رڳو ڪراچي کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪنداسين پر ترقياتي ڪمن ۾ رنڊڪون وجهندڙن سان به سختيءَ سان منهن ڏنو ويندو رنڊڪون وجهڻ جو وقت گذري چڪو آهي، هاڻي هو پاڻ موقعي تي موجود رهي ترقياتي ڪمن جي نگراني ڪندو شهر جو تحفظ ڪندو ۽ شهرين جي حقن جو محافظ بڻجندو هن چيو ته ايئرڪنڊيشنڊ آفيسن ۾ ويهي حڪم جاري ڪندڙن کي شهر ۽ شهرين جي ضرورتن جي حقيقي ڄاڻ نه هوندي آهي. شهري مسئلن جي حل لاءِ ضروري آهي ته آفيسر ۽ لاڳاپيل اختيارين موقعي تي پهچي صورتحال جو جائزو وٺن ۽ عملي قدم کڻن. ميئر ڪراچي چيو ته ٽاٽا خان روڊ جهڙن اهم رستن جي بهتريءَ سان شهرين کي اچ وڃ ۾ سهولت ملندي ۽ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي ترقياتي منصوبن جي وقت سر تڪميل لاءِ ضروري آهي ته لاڳاپيل ادارا پاڻ ۾ رابطي ۽ سهڪار سان ڪم ڪن ۽ تعميراتي سرگرمين دوران شهرين کي پيش ايندڙ تڪليفن کي گهٽ کان گهٽ رکڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻن. ميئر ڪراچي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪمن جي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي ۽ ڪم جي هر مرحلي جي مسلسل نگراني يقيني بڻائي وڃي هن واضح ڪيو ته منصوبن جي تڪميل ۾ غير ضروري دير برداشت نه ڪئي ويندي ۽ شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي اڳڀرائي نظر اچڻ گهرجي. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اسان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جا سپاهي آهيون عوام جي خدمت اسان جو مقصد آهي ۽ اسان هر وقت عوام جي خدمت لاءِ حاضر آهيون ڪراچي جي ترقي ۽ شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا موجود وسيلا ڪتب آندا ويندا.

بقايا 20 روزاني عبرت

اعوان جي اڳواڻي ۾ 12 رڪني وفد ڪراچي پوليس آفيس ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران ٽرانسپورٽرن کي پيش ايندڙ مسئلن، امن امان جي مجموعي صورتحال ۽ ڪراچي جي اهم شاهراهن تي گاڏين جي محفوظ آمدرفت کي يقيني بڻائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ ڊي آءِ جي ايڊمن، زونل ڊي آءِ جيز ڊي آءِ جي سي آءِ اي ۽ ڊي آءِ جي ٽريفڪ پڻ موجود هئا، جڏهن ته وفد ۾ نثار حسين جعفري، ملڪ شبر خان، حاجي اشرف نيازي، محمد رمضان محمد عثمان عديل عباسي ۽ ٻيا عهديدار شامل هئا. ان موقعي تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان وفد کي ٽرانسپورٽرن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائي وفد پوليس سربراهه جي مثبت رويي ۽ سهڪار کي ساراهيندي سنڌس ٿورا مڃيا.

بقايا 21 روزاني عبرت

ڪارپوريٽ رپورٽنگ ۾ شفافيت جي جائزي (TRAC 2026) ۾ پاڪستان جي 104 وڏين لسٽڊ ڪمپنين مان بهترين پوزيشن حاصل ڪئي آهي ڪمپني مجموعي طور تي 92.71 سيڪڙو اسڪور حاصل ڪيو رپورٽ ۾ ڪارپوريٽ گورننس، جوابده ڪاروباري طرز عمل ۽ عوامي معلومات جي مؤثر فراهمي ۽ شفاف رپورٽنگ کي سراهيو ويو ڪمپني چار شعبن ۾ 100 سيڪڙو اسڪور حاصل ڪيو جن ۾ بدعنواني جي خلاف قدمن تنظيمي شفافيت، مالياتي رپورٽنگ ۽ صنفي مساوات شامل آهن انساني حقن ۽ ڪارپوريٽ ذميواري ۾ ڪمپني 81.25 سيڪڙو ۽ ماحوليات، سماجي ۽ گورننس (ESG) معلومات جي فراهمي ۾ 75 سيڪڙو اسڪور حاصل ڪيو رپورٽ ۾ ڪمپني جي ضابطه اخلاق کي سٺو مثال قرار ڏنو ويو جيڪو ملازمن کي غير اخلاقي راءِ جي اظهار لاءِ محفوظ ماحول فراهم ڪندو آهي TRAC 2026 تحت 104 لسٽڊ ڪمپنين جو جائزو ورتو ويو جن جو مجموعي سراسري اسڪور 66.73 سيڪڙو رهيو او جي ڊي سي جي بهترين پوزيشن ڪارپوريٽ احتساب کي مضبوط بڻائڻ ۽ عوامي اعتماد وڌائڻ لاءِ ڪمپني جي عزم جو اظهار آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

ضابطگين جو نوٽيس وٺندي ڪارروائي شروع ڪري ڏني آهي سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن واري وزير محمد اسماعيل راهو ڪاپ سيڪريٽ برانچ جي ڊپٽي ڪنٽرولر اعجاز علي ڪاڪا کي معطل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته معاملي جي شفاف جاچ لاءِ ٽن ميمبرن تي مشتمل انڪوائري ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي يونيورسٽين واري وزير محمد اسماعيل راهو جي منظوري ڪانپوءِ يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن واري سيڪريٽري عباس بلوچ معطلي ۽ انڪوائري ڪميٽي جي قائم ڪرڻ جو باضابطا حڪمنامو جاري ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي وزير جي ترجمان موجب پروفيسر ڊاڪٽر اربيلا ڀٽو کي انڪوائري ڪميٽي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ايڊيشنل سيڪريٽري امير فضل اويسي ۽ ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو ڪميٽي جا ميمبر هوندا. انڪوائري ڪميٽي انٽرميڊيئيٽ پارٽ ٽو جي پري ميڊيڪل ۽ پري انجنيئرنگ گروپن جي نتيجن جو تفصيلي جائزو وٺندي، ان سلسلي ۾ پوزيشن هولڊرز ٽاپ 10 اميدوارن ۽ اي ون ۽ اي گريڊ حاصل ڪندڙ شاگردن جي رڪارڊ جي به ڇنڊڇاڻ ڪئي ويندي. ڪميٽي نتيجن جي تيارين جوابي ڪاپين جي جاچ ٽيبوليشن ۽ نتيجن جي اعلان سميت سمورن لاڳاپيل مرحلن ۾ مبينا بي ضابطگين جو جائزو وٺي حقيقتن جو تعين ڪندي اختيارين موجب معطل ٿيل آفيسر کي انڪوائري مڪمل ٿيڻ تائين لاڳاپيل اختيارين ۽ تحقيقاتي ڪميٽي سان مڪمل سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي تحقيقاتي ڪميٽي 30 ڏينهن اندر پنهنجي رپورٽ ۽ سفارشون يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن واري صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو کي پيش ڪندي

بقايا 23 روزاني عبرت

قانون موجب تڪرارن جي پرامن حل کي ترجيح ڏي ٿو جڏهن ته هو پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع لاءِ پڻ تيار آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن جمعي ڏينهن هفتيوار ميڊيا بريفنگ کي خطاب ڪندي ڪيو پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته پاڪستان ٻطرفي ذريعن ۽ علائقائي فورمز بشمول ماسڪو فارميٽ قطر ترڪي، سعودي عرب ۽ چين جي سهولتڪاري سان ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه جي ذريعي افغانستان سان سفارتي رابطن جي بحالي جي لاءِ مسلسل ڪوششون ڪندو رهيو آهي جڏهن ته افغان طالبان پاران پنهنجي سرزمين تي سرگرم دهشتگرد تنظيمن جي موجودگي تسليم ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جي ڪري اهي ڪوششون قابل عمل مفاهمت تائين پهچي نه سگهيون هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرگرمين ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي ۽ گذريل هڪ سال دوران اهڙن واقعن ۾ 1300 کان وڌيڪ پاڪستاني پنهنجون حياتيون وڃائي چڪا آهن گڏيل قومن جي مانيٽرنگ ٽيم ۽ افغانستان جي نئين سر تعمير جي لاءِ آمريڪي خصوصي انسپيڪٽر جنرل جي رپورٽس جو حوالو ڏيندي هن چيو ته افغانستان ۾ 20 کان وڌيڪ دهشتگرد تنظيمون سرگرم آهن جيڪي پاڪستان ۽ خطي جي ٻين ملڪن جي لاءِ سيڪيورٽي خدشن جو سبب آهن ترجمان چيو ته پاڪستان جو مطالبو واضح آهي ته افغانستان پنهنجي سرزمين پاڪستان جي خلاف دهشتگرد سرگرمين جي لاءِ استعمال ٿيڻ کان روڪڻ جي لاءِ موثر قدم کڻي ۽ انهن خطرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ هڪ قابل اعتماد نظام قائم ڪري. پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ڇڪتاڻ جي امڪان بابت سوال تي ترجمان چيو ته پاڪستان امن ۽ عالمي قانون موجب تڪرارن جي پرامن حل کي ترجيح ڏي ٿو جڏهن ته هو پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي دفاع لاءِ به تيار آهي ڀارت سان هڪ ٻئي تڪرارن جي امڪان بابت سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پاڪستان جو موقف آهي ته جنگ ڪنهن مسئلي جو حل نه آهي هن چيو ته فالس فليگ آپريشن جي امڪان کي به رد نه ٿو ڪري سگهجي جڏهن ته پاڪستان سموري امڪاني صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي ترجمان چيو ته ڪشمير مسئلي تي پاڪستان جي موقف جو ورجاءُ ڪندي بغداد ۾ اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي 52هين اجلاس ۾ منظور ڪيل قراردادن تي ڀارت جي تنقيد کي رد ڪري ڇڏيو هن چيو ته او آءِ سي جون قراردادون ميمبر ملڪن جي گڏيل موقف جي عڪاسي ڪن ٿيون ۽ لاڳاپيل گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب ڪشميري عوام جي خودمختياري جي حق جي حمايت جو ورجاءُ ڪن ٿيون ترجمان ڀارت تي زور ڀريو ته هو پنهنجون عالمي ذميواريون پوريون ڪري، ڪشميري عوام جي بنيادي حقن جو احترام ڪري ۽ تڪرار جي پرامن حل جي لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪري سنڌ طاس معاهدي بابت ترجمان چيو ته اهو معاملو عالمي اهميت وارو آهي ۽ ان معاهدي ۾ اهڙا اصول طئي ڪيا ويا آهن جيڪي پاڻي جي عالمي انتظامي نظام جي وسيع تر ڍانچي بابت آهن. هن عالمي برادري بشمول آمريڪا، گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي مستقل ميمبرن ۽ لاڳاپيل عالمي تنظيمن تي زور ڀريو ته اهي عالمي قانون جي پاسداري يقيني بڻائڻ ۽ پاڻي وسيلن جي غلط استعمال جي روڪٿام جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن هن چيو ته پاڪستان پنهنجي درياهن ۾ ايندڙ پاڻي جي جائز حصي کي ٻئي طرف منتقل ٿيڻ نه ڏيندو هن ياد ڏياريو ته قومي سلامتي ڪميٽي خبردار ڪري چڪي آهي ته پاڪستان جي پاڻي جو رخ موڙڻ جي ڪنهن به قدم کي جنگ تصور ڪيو ويندو ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ علائقائي صورتحال بابت سوالن جي جواب ۾ ترجمان چيو ته پاڪستان ثالثي جي لاءِ پرعزم آهي ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ التوا هيٺ مسئلن جي پرامن حل جي فروغ جي لاءِ ٻنهي ڌرين سان مسلسل رابطي ۾ آهي هن چيو ته پاڪستان اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تائين پهچندڙ عمل ۾ سهولتڪاري ڪئي هئي ۽ هو ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري جي حمايت جاري رکندو ان موجب علائقائي امن ۽ استحڪام جي بحالي لاءِ ضروري آهي ته ٻئي ڌريون مفاهمتي يادداشت جي شقن تي عملدرآمد ڪن

بقايا 24 روزاني عبرت

سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان ناصر جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ خيبرپختونخوا جي ضلعي ڪرڪ ۾ دهشتگردي جي واقعي ۾ شهيد ٿيل پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني سوالن وارو وقفو رکڻ ۽ قانونسازي بابت معاملا غور هيٺ آيا. اجلاس دوران سينيٽر فلڪ ناز چترالي ڪورم جي نشاندهي ڪئي گهربل انگ پورو نه هجڻ سبب اجلاس جي ڪارروائي اڳتي وڌي نه سگهي جنهن تي ڊپٽي چيئرمين اجلاس سومر 26 آڪٽوبر جي شام 4 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪيو ويو جمعي ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ سوالن واري وقفي سميت ايجنڊا ۾ شامل ٻيا معاملا اکلايا ويا. ان کانپوءِ ايوان جي ڪارروائي سومر جي شام 4 وڳي تائين ملتوي ڪئي وئي

بقايا 26 روزاني عبرت

تبديل ڪرڻ آهي اهڙو اظهار هن جمعي ڏينهن عالمي بئنڪ جي وچ اوڀر اتر آفريڪا، افغانستان ۽ پاڪستان (ميناپ) خوشحالي شعبي جي علائقائي ڊائريڪٽر سنديپ مهاجن سان ملاقات ۾ ڪيو. ملاقات ۾ پاڪستان ۾ عالمي بئنڪ جو ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابازار ۽ انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن جو ڊويزن ڊائريڪٽر سائمن اينڊريوز به ۾ موجود هئا. ملاقات ۾ پاڪستان جي معاشي سڌارن جي ايجنڊا، استحڪام کان پائيدار ترقي طرف منتقلي ۽ سيڙپڪاري ۽ نجي شعبي جي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ جي ترجيحن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنديپ مهاجن پاڪستان ۾ معاشي استحڪام جي بحالي تي مبارڪون ڏنيون ۽ علائقائي ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل تازي بحران کي حڪومت جي موثر طور منهن ڏيڻ کي ساراهيو. هن چيو ته معاشي استحڪام جي ڪوششن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مالياتي خدشن ۽ وقت سر پاليسي قدمن پاڪستان کي ٻاهرين دٻاءَ کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڏني عالمي بئنڪ جي نمائندن انهن ڪاميابين کي برقرار رکڻ لاءِ سڌارن جو تسلسل ۽ اثرائتي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ جي اهميت تي زور ڀريو سينيٽر محمد اورنگزيب چيو ته حڪومت جي ترجيح معاشي استحڪام کي پائيدار بنيادن تي مضبوط بڻائڻ ۽ ان کي پائيدار سيڙپڪاري ۽ روانگي واپار تي ٻڌل ترقي ۾ تبديل ڪرڻ آهي هن چيو ته پاڪستان تازو ئي 3 ارب آمريڪي ڊالرجا يورو بانڊز جاري ڪيا آهن جن جي ادائيگي واري مدت پنج ۽ ڏهه سال آهي.

بقايا 27 روزاني عبرت

۾ 1676 ارب رپيا مختص ڪيا ويا آهن. جڏهن ته وزيراعظم طرفان اعلان ڪيل فيول سبسڊي اسڪيم تحت هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ موٽرسائيڪل ۽ گاڏين جي صارفين کي رليف فراهم ڪيو پيو وڃي جمعي ڏينهن سينيٽ ۾ سوالن واري وقفي دوران خيالن جو اظهار ڪندي هن چيو ته پيٽروليم ليوي جي مد ۾ ماهوار سراسري وصوليون اٽڪل سوا سئو ارب رپيا بڻجن ٿيون

بقايا 28 روزاني عبرت

جي پيشيوراڻي صلاحيتن ۽ پختي عزم کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي گهرو وزارت مان جاري بيان موجب وفاقي وزير محسن نقوي چيو ته فتنه الهندستان جي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي وقت سر ڪارروائي ڪري ناڪام بڻائيندڙ سيڪيورٽي فورسز جي بهادر پٽن تي سڄي قوم کي فخر آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب ٻنهي ڌرين پاڪستان — برطانيا ٻطرفي لاڳاپن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو هنن بدلجندڙ علائقائي ۽ عالمي حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ڳالهه ٻولهه، سفارتڪاري ۽ مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا 30 روزاني عبرت

نقصان پهچائڻ چاهيو ٿي جن جي نمائندگي جي هو ڪوڙي دعويٰ ڪن ٿا انهن جو مقصد بلوچستان جي ترقي ۽ خوشحالي جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ هو مقامي آبادي جي تحفظ ۽ علائقي کي دهشتگردن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز گوادر شهر ۽ ڀرپاسي ۾ ڪليئرنس آپريشنز شروع ڪيا. مختلف جهڙپن دوران سيڪيورٽي فورسز رياستي عملداري کي نقصان پهچائڻ ۽ گمراهه ڪندڙ ايجنڊا پکيڙڻ جي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو فائرنگ جي ڏي وٺ جي نتيجي ۾ هڪ عورت دهشتگرد سميت 10 دهشتگرد مارجي ويا. دهشتگردانه حملن دوران هڪ شهري پڻ شهيد ٿي ويو جڏهن ته ڪجهه گاڏين کي نقصان پهتو سيڪيورٽي فورسز ڪو به نقصان کڻڻ ڪانسواءِ هي آپريشن ڪاميابي سان مڪمل ڪري ورتو جنهن جي نتيجي ۾ امن امان ۽ رياست جي عملداري بحال ٿي وئي

بقايا 31 روزاني عبرت

سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر وقار مهدي، صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه، وڏي وزير جي معاون خاص براءِ اقليتي معاملن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ بحالي کاتي بابت وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي مادرِ جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي 15هين ورسي جي موقعي تي کيس ڀرپور ڀيٽا پيش ڪندي چيو آهي ته بيگم نصرت ڀٽو جي جمهوريت لاءِ جدوجهد، بهادري، ثابت قدمي ۽ لازوال قربانيون پاڪستان جي سياسي ۽ جمهوري تاريخ جو روشن ۽ ناقابل فراموش باب آهن

بقايا 32 روزاني عبرت

خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته بيگم نصرت ڀٽو جمهوريت جي بالادستي ۽ عوام جي حقن جي تحفظ لاءِ هڪ تاريخي جدوجهد ڪئي صوبائي وزير علي حسن زرداريءَ موجب مادرِ جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جون قربانيون پاڪستان ۾ جمهوري نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ روشن مثال آهن صوبائي وزير علي حسن زرداريءَ جو چوڻ آهي ته آمريت واري دور ۾ بيگم نصرت ڀٽو جمهوري قدرن جي حفاظت لاءِ غير معمولي همت ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪيو

بقايا 33 روزاني عبرت

اڳوڻي صدر ۽ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي گهرواري، اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو جي والده ۽ صدر آصف علي زرداري جي سس هئي نصرت ڀٽو 23 مارچ 1929ع تي ايران ۾ پيدا ٿي سنڌس تعلق هڪ امير حريري خاندان سان هو سنڌس والد امير ايراني واپار هو جيڪو شروعاتي دور ۾ بمبئي ۾ رهندو هو پوءِ 1947ع ۾ پاڪستان جي آزادي کان اڳ ڪراچي منتقل ٿي ويو هن پاڪستان اچڻ کان اڳ اصفهان يونيورسٽي مان انسانيات ۾ گريجوئيشن ڪئي بيگم نصرت ڀٽو 1971ع کان 1977ع دوران وزيراعظم پاڪستان جي گهرواريءَ ۽ 1988ع کان 1990ع جي وچ ۾ وفاقي ڪابينا جي سينيئر ميمبر جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون انجام ڏنيون

بقايا 34 روزاني عبرت

وزير محمد حنيف عباسي گوادر ۾ فتنه الهندستان جي دهشتگردن جو بزدلاڻو حملو ناڪام بڻائڻ ۽ وقت سر ڪارروائي ڪندي 7 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي ريلوي واري وزارت مان جاري بيان موجب وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو ته سيڪيورٽي فورسز اعليٰ پيشيوراڻي صلاحيتن ۽ غير معمولي بهادري جو مظاهرو ڪندي دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

چترالي جي رٿ تي سينيٽ جي اجلاس ۾ خيبرپختونخواهه جي ضلعي ڪرڪ جي تعلقي بانده داد شاهه جي علائقي چارپره ۾ دهشتگردن جي حملي ۽ سرچ آپريشن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او سميت شهيد ٿيل چار پوليس اهلڪارن جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ فاتحه خواني ڪرائي وئي

بقايا 36 روزاني عبرت

ڪاروباري ادارن جي وچ ۾ رابطن زراعت، دواسازي، علائقائي رابطن، قابل تجديد توانائي، دفاع ۽ عوامي سطح تي مٽاسٽا سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ تيز ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي جمعي ڏينهن پرڏيهي وزارت جي ترجمان جي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار استنبول ۾ آر — 4 وزارتي اجلاس جي موقعي تي مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان ۽ مصر جي وچ ۾ پراڻي ۽ پائدار لاڳاپن جي توثيق ڪئي ۽ ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ جي لاءِ اعليٰ سطح جي مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا 37 روزاني عبرت

پاڪستان حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته پيٽروليم ليوي ٽيڪس ختم ڪري پيٽرول جون قيمتون گهٽايون وڃن ته جيئن مهانگائيءَ جي ماريل عوام کي رليف ملي سگهي هن چيو ته ملڪ ۾ اڍائي ڪروڙ ماڻهن جي سواري موٽرسائيڪل آهي پر حڪومت عوام تي ليوي ٽيڪس لاڳو ڪري رکيو آهي جنهن کي جماعت اسلامي "ڀتو ٽيڪس" قرار ڏئي ٿي جماعت اسلامي اڄ ملڪ جي 150 هنڌن تي پيٽروليم ليوي ٽيڪس خلاف احتجاجي ڌرڻا ڏيندي، جڏهن ته اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ جي تياري پڻ ڪئي پئي وڃي

بقايا 38 روزاني عبرت

زرداري گوادر ۾ فتنه الهندستان جي دهشتگردن جي حملي کي ناڪام بڻائڻ ۽ 10 دهشتگردن کي جهنم ڀيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر دهشتگردي جي واقعي ۾ هڪ شهري جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

بقايا 39 روزاني عبرت

شيخ ۽ ناري صدره کي ريپيٽر جا فائر ڪري قتل ڪرڻ واري واقعي جو بائنجي ٿاڻي تي سرڪار جي فرياد تي 11 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ عبدالمالڪ عبدالحنان شير محمد بدرالدين اظهرالدين عبدالحڪيم سميجو سميت ٻين کي نامزد ڪيو ويو آهي. قتل ٿيڻ کان اڳ مقتولا عورت جو تفصيلي بيان به سامهون آيو هو جنهن ۾ هن پنهنجي گهرڀاتين مان جان جو خطرو ظاهر ڪندي تحفظ جي اپيل ڪئي هئي پوليس گذريل رات ڪارروائي ڪندي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 3 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي، قومي شاهراهه تي وي آءِ پي گيٽ وٽ هٿياربندن ڪوچ اندر ويٺل جوڙي صدره سميجو ۽ نوجوان دلدار شيخ کي قتل ڪري ڇڏيو



Airport Hotel

CAREER OPPORTUNITY

CHIEF EXECUTIVE OFFICER (CEO)
SKYROOMS PRIVATE LIMITED (SRL)

Skyrooms Private Limited (SRL), a subsidiary of PIA Holding Company Limited (PIAHCL), operates the Airport Hotel, Karachi, near Jinnah International Airport. SRL invites applications from accomplished hospitality / business leaders for appointment as CEO on a performance-based, KPI-driven contract.

ELIGIBILITY

- ✓ Master's degree in Business, Finance, Commerce, Marketing or equivalent from an HEC-recognized institution; relevant professional qualification is an advantage.
- ✓ At least 15 years of progressive relevant experience, including at least 5 years as CEO, General Manager or equivalent senior operational leadership, preferably in hospitality/hotel operations.
- ✓ Proven ability to lead commercially oriented operations with responsibility for business performance, revenue, service quality and operational efficiency.
- ✓ Age: 45-55 years on the closing date
- ✓ Must satisfy applicable fit-and-proper requirements under Section 16 read with Schedule IV of the State-Owned Enterprises (Governance and Operations) Act, 2023.

ROLE

- ✓ Provide overall strategic and operational leadership and deliver the approved business plan, Statement of Corporate Intent (where applicable) and agreed KPIs.
- ✓ Drive occupancy, revenue, profitability, market positioning and service excellence; oversee hotel operations, development / renovation and asset stewardship.
- ✓ Ensure sound governance, internal controls, risk management, legal/regulatory compliance and effective stakeholder engagement.
- ✓ Lead and develop a high-performing management team and ensure economical, efficient and effective use of Company resources.

TERMS & APPLICATION

Performance-based, KPI-driven contract, extendable subject to satisfactory performance, applicable policy and Board approval.

Up to 5 years' relaxation in upper age limit may be considered subject to applicable policy and approval

Applications with CV, academic / professional credentials, experience record and cover letter, together with the prescribed fit-and-proper declaration, to be submitted to mgrhr.sr@piac.aero by 10th November 2026

FOR DETAILED JOB DESCRIPTION, TORs, ELIGIBILITY CRITERIA
FIT-AND-PROPER REQUIREMENTS AND APPLICATION PROCEDURE

PLEASE VISIT: www.airporthotel.com.pk/careers

PID K.1374/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

گوادر ۾ دهشتگردن خلاف ڪيل ڪارروائي!

صفحو 4

مدر قائم خان نالبر

تعليم جو مستقبل ۽ اسان جا نوجوان!

صفحو 4

پڙ ۽ برداشت، فطري خوبي، تربيت يا حالتن جو امتحان؟

رياض احمد سومرو

صفحو 4

مختيار انڙ

صفحو 4

اڄوڪو ڏينهن 24 آڪٽوبر

سکر ۾ پوليس ۽ هٿيارٻند جوابدارن وچ ۾ مقابلو، قتل ڪيس جو مک جوابدار مارجي ويو

پير مسافر رنگ روڊ پرسان گهات لڳائي ويٺل ٽن هٿيارٻند جوابدارن پوليس پارٽي تي فائرنگ شروع ڪري ڏني

نياز بگٽي جي قتل ۽ ڦر واري ڪيس ۾ گهربل مک جوابدار نديم علي شيخ کي پنهنجي ساٿين جي گولي لڳي

مارجي ويل جوابدار جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل اسپتال منتقل ڪيو ويو، فائرنگ ڪندڙ ٻيا جوابدار فرار

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد پير مسافر رنگ روڊ ويجهو پوليس ۽ هٿيارٻند جوابدارن وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران پيٽرول پمپ جي مالڪ نياز بگٽي جي قتل ۽ ڦر واري ڪيس ۾ گهربل مک جوابدار نديم علي شيخ پنهنجي ئي ساٿين جي فائرنگ ۾ مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس پريس رليز موجب، ڪجهه ڏينهن اڳ ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد ۾ جوابدار جي نشاندهي تي نياز بگٽي جي قتل واري واقعي ۾ استعمال ٿيل موٽرسائيڪل ۽ هٿوڙو هٿ ڪيو ويو هو. خميس ڏينهن ساڳئي جوابدار جي نشاندهي تي قتل ۾ استعمال ٿيل هٿيار هٿ ڪرڻ لاءِ پوليس پارٽي روانو ٿي هئي ته واپسي دوران پير مسافر رنگ روڊ پرسان گهات لڳائي ويٺل ٽن هٿيارٻند جوابدارن پوليس پارٽي تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس موجب، مقابلي دوران جوابدارن جي فائرنگ سبب نديم علي شيخ پنهنجي ئي ساٿين جون گوليون لڳڻ ڪري مارجي ويو جڏهن ته فائرنگ ڪندڙ ٻيا جوابدار فرار ٿي ويا. مارجي ويل جوابدار جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پوليس پاران سرچ آپريشن جاري آهي. نياز بگٽي قتل ڪيس جا تفصيل پوليس موجب، 27 اپريل 2026ع تي نديم علي شيخ پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ بجلي شاهه موڙ پرسان پيٽرول پمپ جي مالڪ نياز بگٽي جي ڪار روڪي، هٿوڙي سان گاڏي جا شيشا ٽوڙيا ۽ فائرنگ ڪري کيس قتل ڪرڻ بعد روڪ رقم ڦري فرار ٿي ويو هو. ايس ايس پي سکر احمد چوڌري موجب، مارجي ويل جوابدار نياز بگٽي جي قتل ۽ ڦر سميت ڪيترن ئي سنگين وارداتن ۾ ملوث هو. جوابدار جو وڌيڪ ڏوهي رڪارڊ مختلف ٿاڻن ۽ ٻين ضلعن مان حاصل ڪيو پيو وڃي. جوابدار جو ڏوهي رڪارڊ پوليس پريس رليز ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته مارجي ويل جوابدار خلاف ڪراچي جي ڪورنگي، گلستان جوهر، فيروزآباد ۽ عزيزآباد ٿاڻن سميت سکر ۽ گهوٽڪي جي ٿاڻن ۾ به مختلف ڪيس داخل هئا، جن ۾ قتل، قتل جي ڪوشش، ڦر، هٿيارن جي قانون جي ڀڃڪڙي، پوليس تي حملي ۽ ٻين ڏوهن جا ڪلمر شامل آهن. پوليس موجب، فرار جوابدارن جي گرفتاري ۽ وڌيڪ جاچ لاءِ ڪارروائي جاري آهي

انّي، لٽي ۽ اجهي جا دعويدار حڪمران عوام کان ٻن ويلن جي ماني به کسي چڪا آهن: راشد محمود سومرو

مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ حڪومتي نااهلي عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي، حڪومت ناڪام ٿي وئي آهي

سنڌ ۾ ميرٽ جو جنازو نڪري چڪو آهي، پڙهيل لکيل ڊگري يافته نوجوان روزگار لاءِ دربدر ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن

سنڌ ۾ 60 لک کان وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم آهن، جيڪو حڪمرانن جي ڪارڪردگي تي هڪ وڏو سواليه نشان آهي

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته سنڌ ۾ عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي، انّي، لٽي ۽ اجهي جا دعويدار حڪمران عوام کان عزت سان زندگي گذارڻ جو حق ۽ ٻن ويلن جي ماني به کسي چڪا آهن مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ حڪومتي نااهلي عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي جڏهن ته حڪمران عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪا آهن جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب علامه سومرو چيو ته سنڌ ۾ ميرٽ جو جنازو نڪري چڪو آهي، پڙهيل لکيل نوجوان روزگار لاءِ دربدر ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن جڏهن ته ميرٽ جي بنياد تي نوڪريون فراهم نه پيون ڪيون وڃن صوبي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي آهي. قبائلي تڪرار، ڌاڙيلن جون وارداتون، ڏوهاري سرگرميون ۽ اسٽريٽ ڪرائيم عروج تي پهچي ويا آهن، جنهن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيا آهن علامه راشد محمود سومرو هڪ جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسپتالن جي حالت انتهائي خراب ٿي چڪي آهي، غريب عوام علاج معالجي جي بنيادي سهولتن کان محروم آهي مريض علاج نه ملڻ سبب تڙپي تڙپي حياتيون وڃائي رهيا آهن، ايتري قدر جو فوتين جا مڙهه منتقل ڪرڻ لاءِ ايمبولينس به دستياب نه هوندي آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ 60 لک کان وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم آهن جيڪو حڪمرانن جي ڪارڪردگي تي هڪ وڏو سواليه نشان آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ٻيلن، وسيلن ۽ دريائن بابت اڳ ئي سنگين خدشا موجود آهن جڏهن ته هاڻي ٽون صوبن جي قيام جون ڳالهيون ڪري سنڌ جي عوام ۾ وڌيڪ بيچيني پيدا ڪئي پئي وڃي. سنڌ جي مجموعي صورتحال انتهائي خراب ٿي چڪي آهي ۽ عوام کي بنيادي حقن کان محروم رکيو پيو وڃي علامه سومرو چيو ته گذريل 78 سالن کان سنڌ کي لٽيندڙ ۽ عوام کي محرومين جي ڏٻڻ ۾ ڌڪيندڙ حڪمرانن مان نجات حاصل ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. سنڌ جي عوام کي هاڻي پنهنجي قيادت تبديل ڪرڻي پوندي، جيئن سندن بنيادي مسئلا حل ٿي سگهن ۽ کين حقيقي حق حاصل ٿي سگهن. هن اعلان ڪيو ته 19، 20 ۽ 21 مارچ 2027ع تي سکر ۾ هڪ تاريخي انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ ان شاءَ الله 50 لک کان وڌيڪ عوام شرڪت ڪندو هن چيو ته هي عظيم الشان اجتماع سنڌ جي عوام جي حقن صوبي جي روشن مستقبل ۽ اسلامي توڙي ديني تشخص جي تحفظ لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل ثابت ٿيندو. هن چيو ته سکر جي تاريخي اجتماع ۾ سنڌ جو عوام نه رڳو پنهنجي مستقبل جو فيصلو ٻڌائيندو پر نااهل ۽ نالائق حڪمرانن جي اقتدار جو سياسي جنازو به ڪڍندو. هاڻي سنڌ جو عوام وڌيڪ ظلم ناانصافي، محروميون ۽ حڪومتي ناڪاميون برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ٽنڊو محمدخان ۾ پوليو جي عالمي ڏينهن تي آگاهي واڪ، ريلي

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس کان ڊي سي آفيس تائين آگاهي ريلي ڪڍي وئي

ملڪ مان پوليو جو مڪمل خاتمو حڪومت جي پهرين اولين ترجيح آهي: ڊي سي

ٽنڊومحمدخان(ڊ ر) ٽنڊو محمدخان ۾ پوليو جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ضلعي ايمرجنسي آپريشن سينٽر جي اهتمام هيٺ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڊرمون پاواڻي جي اڳواڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس کان ڊي سي آفيس تائين آگاهي واڪ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر صادق خواجه ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرن والدين ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پوليو جي خاتمي خلاف نعرا لڳايا ۽ عوام ۾ آگاهي ڏني وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڊرمون پاواڻي خطاب ڪندي چيو ته ملڪ مان پوليو جو مڪمل خاتمو حڪومت جي پهرين اولين ترجيح آهي والدين، عالمن، استادن ۽ سماجي اڳواڻن تي زور ڀريو ته پوليو مهم دوران صحت کاتي جي ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ پنهنجي علائقن ۽ ڳوٺن ۾ عوام کي ويڪسينيشن جي اهميت بابت آگاهي ڏين ته پوليو کان بچاءَ جو واحد مؤثر ذريعو پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي هر مهم دوران پوليو جا ڦڙا پيارڻ لازمي آهن اسان والدين کي اپيل ٿا ڪريون ته پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارين ۽ معصوم ٻارڙن کي معذوري کان بچائين پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي، جنهن جي خاتمي لاءِ ويڪسينيشن، عوامي آگاهي ۽ گڏيل سهڪار انتهائي ضروري آهي

پوليو
فرنٽ لائن ورڪرز

ٽنڊو محمدخان پوليو جي عالمي ڏينهن تي آگاهي واڪ ڪيو پيو وڃي

ميهڙ شهر ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج جاري

شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 41 ڏينهن ڀيٽو چوڪ کان احتجاجي ريلي

ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن، ڪو ٻڌڻ وارو ناهي: مظاهرين

ميهڙ(ن ع) بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو، پي پي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو ڪريانہ مرچنٽ جو صدر محبوب ڪوسو سيد عبدالفتاح شاهه، زبير علي سمون ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 41 ڏينهن ڀيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي مظاهرين چيو ته هن جديد دور ۾ به ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن ميهڙ شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن، شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته تعلقي اسپتال گسٽ حوالي ٿيڻ باوجود به ماڻهن کي ڪو رليف نه ٿو ڏنو وڃي مريضن کي دوائون نه ٿيون ملن سمورا شعبا غير فعال بڻيل آهن هنن چيو ته ميهڙ ۾ بدامني به وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب ٿي وئي آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن ميهڙ مسئلن جو ڳوڙهه بڻجي ويو آهي چونڊيل نمائنده ڪرپشن ۾ پورا آهن هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن بنيادي مسئلن جي حل تائين روز جي بنياد تي احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

احتجاج احتجاج احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
صاف ميهڙ صحت مند ميهڙ شهر کي خاروءِ بدبودار پاڻي ۽ شهر جي صفائي ستراڻي نه ٿيڻ خلاف
احتجاجي مظاهرو
پاران شهري اتحاد ۽ شهر جو باشعور عوام

ميهڙ شهري اتحاد پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

سڄاول ۾ سرويچ سڄاولي جي 19هين ورسي ملهائي وئي

سرويچ سڄاولي پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪئي: مقررين

فڪر ۽ شاعري سنڌي ادب جو اهم اثاثو آهن جيڪي ايندڙ نسلن لاءِ به اتساهه جو ذريعو رهندا

سڄاول(ڊ ر) سرويچ سڄاولي جي 19هين ورسي ملهائي وئي، ادبي ۽ عوامي خدمتن تي ڀيٽا پيش خبر موجب سنڌ جي قومي عوامي ۽ مزاحمتي شاعر سرويچ سڄاوليءَ جي 19هين ورسي سرويچ نگر ۾ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران ملهائي وئي. جنهن ۾ سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافتي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري کيس ڀيٽا پيش ڪئي ورسيءَ جي تقريب جي صدارت نامياري اديب تاج جويو ڪئي. تقريب ۾ سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ايم پي اي مير سوهو پ پ ضلعي سڄاول جي جنرل سيڪريٽري ايم پي اي ريحانہ لغاري، پ پ تعلقي سڄاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ پ پ جو سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ اڳوٽو ايم اين اي عبدالواحد سومرو ضلعي انفارميشن سيڪريٽري منظور رحيم پليجو رئيس عبدالله خان لغاري، زاهد ڪڏي شهمير گبول ابراهيم سوهو ۽ عارف ابڙو سميت ٻين شرڪت ڪئي. تقريب دوران مقررن سرويچ سڄاوليءَ جي سنڌي ادب، قومي شعور، عوامي جدوجهد ۽ مزاحمتي شاعريءَ لاءِ ڪيل خدمتن کي ساراهيندي چيو ته سرويچ سڄاولي پنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي جذبن احساس ۽ حقن جي ترجماني ڪئي. سندس فڪر ۽ شاعري سنڌي ادب جو اهم اثاثو آهن جيڪي ايندڙ نسلن لاءِ به اتساهه جو ذريعو رهندا تقريب ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اڳواڻ گل بيبي شاهه رمضان ميمڻ اياز امر شيخ، سنڌي ادبي سنگت سڄاول جي سيڪريٽري جنرل اصغر علي ميمڻ شاعر فريد گل سرويچ سڄاولي گورنمينٽ لائبريريءَ جي انچارج زبير احمد جعفراڻي ۽ مشتاق سعيد پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سرويچ گهراڻي سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر عثمان سرويچ اسماعيل سرويچ، نجيب سرويچ ۽ بشير احمد سرويچ به موجود هئا. جڏهن ته صحافين نديم شهزاد ڪٽي، عمران علي ڪٽي محبوب بروهي، سيف الله جوکيو، عبدالغفور پليپوٽو شبير سمون منظور احمد ميمڻ ۽ حسين آزاد سميت ٻين شرڪت ڪئي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي راڳ رنگ جي محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي ناليوارن فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري حاضرين کي محظوظ ڪيو

سڄاول سرويچ سڄاولي جي 19هين ورسي ملهائي پئي وڃي

ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور پاران لاڳاپيل

لاڙڪاڻو (آءِ پي پي) سنڌ حڪومت ۽ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور نزاڪت ڏاهاڻي جمعي ڏينهن مختيارڪار ۽ لاڳاپيل ٽپيدارن سان گڏجي ديهه شاهه واهه خانپور ۾ روينيو رڪارڊ جي ٻيهر لکائي بابت کليل ڪچهري منعقد ڪئي. کليل ڪچهري جو مقصد زمين جي مالڪيءَ بابت تفصيلن جي تصديق ڪرڻ، روينيو رڪارڊ کي اپڊيٽ ۽ درست بڻائڻ ۽ رڪارڊ ۾ موجود غلطين، ڪوٽ ۽ تضادن کي ختم ڪرڻ هو ان موقعي تي روينيو عملدارن، زميندارن ۽ مقامي شهرين کي سندن زمينن جي رڪارڊ بابت تفصيلي جاڻ فراهم ڪئي. شهرين پاران پيش ڪيل مختلف شڪايتن ۽ مسئلن کي غور سان ٻڌو جڏهن ته ڪيترن ئي معاملن جو موقعي تي ئي ازالو ڪيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر خانپور نزاڪت ڏاهاڻي پاران روينيو عملي کي هدايت ڪئي وئي ته زميندارن جا جائز مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن ۽ روينيو رڪارڊ جي درستگي، شفافيت ۽ بروقت اپڊيٽ کي يقيني بڻايو وڃي

سيپڪو بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي چيئرمين اهم هدف ڏئي ڇڏيا

سکر (بيورو رپورٽ) سيپڪو بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي چيئرمين غلام مصطفيٰ لغاري اداري جي مجموعي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ سيپڪو انتظاميا کي اهم هدف ڏئي ڇڏيا آهن. چيئرمين سيپڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر انجنيئر اعجاز احمد چنڊ، سمورن چيف انجنيئرن، سپرنٽينڊنگ انجنيئرن (آپريشن) ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته نون بجلي ڪنيڪشنن جي فراهمي، بجلي بلن جي اوڳاڙي ۾ واڌ، بجلي چوري جي روڪٿام، لائن لاسز ۾ گهٽتائي ۽ صارفين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيون وڃن ۽ هڪ مهيني اندر اڳڀرائي رپورٽ پيش ڪئي وڃي. چيئرمين بورڊ آف ڊائريڪٽرز طرفان اڄ کان اڳ هر آپريشن سب ڊويزن کي 200 نوان بجلي ڪنيڪشن لڳائڻ جو هدف ڏنو ويو هو جنهن تي ٿيل اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ لاءِ انتظاميا کي 26 آڪٽوبر 2026ع تائين مهلت ڏني وئي آهي. سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجي پنهنجي سب ڊويزن ۾ جاري ڪيل نون ڪنيڪشنن ۽ مقرر ڪيل هدف جي پيٽ ۾ حاصل ڪيل ڪاميابين جا مڪمل تفصيل تيار ڪري پيش ڪن. چيئرمين غلام مصطفيٰ لغاري بجلي بلن جي اوڳاڙي ۾ واڌ، لائن لاسز ۾ گهٽتائي ۽ رقمن جي وصولي کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي زور ڏيندي چيو ته بجلي جي نقصانن تي ضابطو آڻي ۽ رڪوري بهتر بڻائي اداري جي مالي ۽ انتظامي صورتحال کي مضبوط بڻايو وڃي. ان سان گڏ غير ضروري ڊيٽيڪشن بلن ۾ گهٽتائي آڻي صارفين سان منصفاڻو رويو اختيار ڪيو وڃي. هن چيو ته سيپڪو جو مثبت تشخص اجاگر ڪرڻ، صارفين جو اعتماد بحال ڪرڻ ۽ کين معياري ۽ وقت سر سهولتون فراهم ڪرڻ اداري جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي. ان مقصد لاءِ سمورن آفيسرن ۽ ملازمن کي پنهنجون پيشورانه ذميواريون محنت، ايمانداري ۽ احساس ذميواري سان ادا ڪرڻيون پونديون. چيئرمين بورڊ وڌيڪ چيو ته اداري جي ترقي لاءِ انتظاميا، آفيسرن ۽ ملازمن وچ ۾ سهڪار انتهائي ضروري آهي ۽ ان سهڪار جا نتيجا عملي قدمن مقرر ڪيل هدفن جي مڪمل ٿيڻ ۽ بجلي صارفين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ نظر اچڻ گهرجن

صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ پاران 27 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي ويندي

حيدرآباد (آءِ پي پي) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ايڊوائيزر عوام جون صوبائي کاتن بابت شڪايتون ٻڌڻ ۽ انهن جي حل لاءِ 27 آڪٽوبر 2026ع، اڱاري ڏينهن صبح جو 11 وڳي سرڪٽ هائوس حيدرآباد ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي ويندي کليل ڪچهريءَ ۾ شهرين کان صوبائي کاتن بابت شڪايتون معلوم ڪري، انهن جي ازالي لاءِ قدم کنيا ويندا.

ميهڙ سيٽنڊل مهيسر محلي مان ڇهين ڪلاس جي شاگرد جي گمشدگي خلاف وارث احتجاج ڪندي

ميهڙ شهر جي سيٽنڊل مهيسر محلي مان ڇهين ڪلاس جو شاگرد گم

چار ڏينهن اڳ ڇهين ڪلاس جو شاگرد ضامن علي پنهل پراسرار نموني گم ٿي ويو

وارثن پاران بازيابي لاءِ گهنٽا گهر چوڪ وٽ آزاد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ريلي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ شهر جي سيٽنڊل مهيسر محلي مان چار ڏينهن اڳ ڇهين ڪلاس جو شاگرد ضامن علي پنهل پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي، جنهن سبب سندس وارث سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن. گم ٿيل شاگرد جي وارثن پاران گهنٽا گهر چوڪ وٽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ اڳيان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي وارثن وس وارن ادارن پوليس ۽ شهرين کي اپيل ڪئي ته گم ٿيل ٻار جي ڳولا ۾ سندن مدد ڪئي وڃي ۽ کيس جلد ڳولي وارثن سان ملايو وڃي. وارثن جو چوڻ آهي ته ٻار جي گمشدگي سبب سڄو خاندان سخت پريشان آهي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ضامن علي پنهل جي ڳولا لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن. وارثن عوام کي پڻ اپيل ڪئي ته جيڪڏهن ڪنهن کي گم ٿيل ٻار بابت ڪا به ڄاڻ ملي ته انساني همدرديءَ جي بنياد تي سندس وارثن يا لاڳاپيل پوليس کي اطلاع ڏنو وڃي

خيرپور ۾ پوليو جو عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان آگاهي واڪ

ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي اڳواڻي ۾ آگاهي واڪ منعقد ڪئي وئي

پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پوليو وائرس جي موجودگي هڪ وڏو چئلينج آهي: الطاف احمد چاچڙ

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ پوليو جو عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان خيرپور ۾ آگاهي واڪ جو انعقاد، ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ جي والدين کي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا لازمي پيارڻ جي اپيل تفصيل موجب خيرپور ۾ پوليو جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ايم سي ايڇ ڪوثر اسپتال خيرپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي اڳواڻي ۾ پوليو کان بچاءَ بابت آگاهي واڪ منعقد ڪئي وئي جنهن جو مقصد عوام ۾ پوليو ويڪسين جي اهميت اجاگر ڪرڻ ۽ ٻارن کي هن موذي مرض کان محفوظ رکڻ لاءِ شعور بيدار ڪرڻ هو آگاهي واڪ ۾ پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ مينيجر سيد حيدر علي شاهه، ڪوثر اسپتال جي ايڊمنسٽريٽر سيد رمضان حسين شاهه، ايڊيشنل ڊي ايڇ او ڊاڪٽر منصور علي، ڊاڪٽر امتياز محمد رفيع سميت ڊي اي او سي ٽيم، ليڊي هيلٿ ورڪرز، تعليم کاتي، اطلاعات کاتي جي نمائندن ۽ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور چيو ته هر سال 24 آڪٽوبر تي پوليو جو عالمي ڏهاڙو ملهائڻ جو مقصد هن مرض خلاف جاري جدوجهد کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ والدين کي ٻارن جي ويڪسين لڳرائڻ جي اهميت بابت آگاهه ڪرڻ آهي هن چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پوليو وائرس جي موجودگي هڪ وڏو چئلينج آهي جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن ۽ عوام کي گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون. هن چيو ته پاڪستان جي روشن ۽ محفوظ مستقبل لاءِ ضروري آهي ته اسان جا ٻار صحتمند هجن ۽ ڪنهن معذوريءَ کان پاڪ زندگي گذارڻ جا موقعا فراهم ٿين والدين پنهنجي قومي ۽ اخلاقي ذميواري پوري ڪندي هر پوليو مهم دوران پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا ضرور پيارين هن چيو ته پاڪستان کي پوليو کان پاڪ ملڪن جي صف ۾ شامل ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي آگاهي واڪ جو بنيادي پيغام اهو آهي ته ڪو به ٻار پوليو ويڪسين کان محروم نه رهي ڇاڪاڻ ته مسلسل ويڪسين ڏيڻ عوامي سهڪار ۽ گڏيل عزم ذريعي ئي پوليو جو مڪمل خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو

سکر ۾ صوبائي محتسب جي ريجنل ڊائريڪٽر جي کُلي ڪچهري

کُلي ڪچهري دوران شهرين ۽ سرڪاري ملازمن جا مسئلا ۽ شڪايتون ٻڌيون ويون

هڪ ملازم پاران پينشن جي مد ۾ رقم 7 لک 52 هزار روپين جي ادائيگي نه ٿيڻ بابت شڪايت

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ ۽ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي هدايتن جي روشنيءَ ۾ صوبائي محتسب جي ريجنل ڊائريڪٽر سکر احمد علي قريشي پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس سکر ۾ کُلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران شهرين ۽ سرڪاري ملازمن جا مسئلا ۽ شڪايتون ٻڌيون ويون ۽ انهن جي فوري ازالي لاءِ لاڳاپيل عملدارن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون ويون. کُلي ڪچهري دوران زراعت کاتي جي هڪ ملازم پاران پينشن جي مد ۾ رقم 7 لک 52 هزار روپين جي ادائيگي نه ٿيڻ بابت شڪايت پيش ڪئي وئي. ريجنل ڊائريڪٽر احمد علي قريشي معاملي جو فوري نوٽيس وٺندي لاڳاپيل عملي کي رقم ادا ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون، جنهن تي رقم موقعي تي ئي ملازم جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي وئي. ان کان علاوه ٻين شڪايتن جي حل لاءِ پڻ لاڳاپيل عملدارن کي ضروري حڪم ڏنا ويا. ان موقعي تي ڳالهائيندي احمد علي قريشي چيو ته عوام جي ڀلائي، سرڪاري حاضر سروس ملازمن، پينشنرن جي مسئلن جو حل ۽ کين سهولتون فراهم ڪرڻ اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن خاص طور تي رهيل پگهارن، پينشن ۽ ٻين مالي واجبات جي ادائيگي ۾ غير ضروري دير کان پاسو ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو ته ملازمن، پينشنرن ۽ بيواهه عورتن کي سندن جائز حقن جي حصول لاءِ پريشانين کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن چيو ته کُلي ڪچهري منعقد ڪرڻ جو بنيادي مقصد عوام جا مسئلا سڌيءَ ريت ٻڌڻ شڪايتن جو بروقت ازالو ڪرڻ ۽ سرڪاري معاملن ۾ شفافيت ۽ جوابدهي کي يقيني بڻائڻ آهي. هن تعليم کاتي جي اسڪول اسپيسيفڪ بجيٽ جي فنڊن بابت سامهون ايندڙ شڪايتن تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪندي لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهڙن معاملن جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺي شڪايتن کي بنا دير حل ڪيو وڃي. ريجنل ڊائريڪٽر عوام کي اپيل ڪئي ته ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس سان لاڳاپيل پگهارن، پينشن، جي پي فنڊ ۽ ٻين ادائيگين بابت ڪنهن به مسئلي يا شڪايت جي صورت ۾ سندس آفيس سان رابطو ڪن ته جيئن مسئلن جو جلد ۽ مناسب حل يقيني بڻائي سگهجي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر محمد عثمان شيخ ٻڌايو ته ڪيترن ئي ملازمن جو رڪارڊ ٽريزري آفيس ۾ صحيح نموني موجود نه هجڻ سبب سندن رقمن ۽ ٻين ادائيگين ۾ دير پيش اچي ٿي. هن چيو ته پگهارن پينشن ۽ جنرل پراويڊنٽ فنڊ (GP Fund)سميت سمورين ادائيگين کي وقت سر مڪمل ڪرڻ لاءِ آن لائين نظام کي وڌيڪ فعال ۽ مؤثر بڻايو پيو وڃي. هن لاڳاپيل ادارن جي ڊرائنگ اينڊ ڊسبرسنگ آفيسرن (DDOs) تي زور ڏنو ته ملازمن جي ادائيگين بابت گهربل ڪاغذي ڪارروائي ۽ دستاويز مقرر وقت اندر مڪمل ڪري ٽريزري آفيس ڏانهن موڪليا وڃن جيئن ادائيگين ۾ غير ضروري دير کان بچي سگهجي. کُلي ڪچهري ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر برهان حيدر لوڌي، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر ارشد رحيم قريشي، اڪائونٽنٽ سيد محمد علي شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن پڻ شرڪت ڪئي.

سکر ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب سکر احمد علي قريشي ڊي اي او آفيس ۾ کلي ڪچهري کي خطاب ڪندي

فقير آباد ۾ مرشد سخي پير سيد جلال الدين شاهه رح جي يارهين شريف

جيلاني ۽ بخاري سيدن جي مقبوليت، ڪرامتن ۽ ڪمالات جو اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي: علماءِ

سنڌ سونهاري به انهن پاڪ هستين جي فيض ۽ برڪت سان مالامال آهي: محفل کي خطاب

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي مشهور روحاني درگاهه فقير آباد ۾ مرشد سخي پير سيد جلال الدين شاهه سرخ پوش اڇوي نقوي حيدري رحمة الله عليه جي ماهوار يارهين شريف ۽ عرس مبارڪ عقيدت ۽ احترام سان صاحبزاده پير حافظ سيد خيرمحمد شاهه جي زيرنگرانيءَ ۾ ملهايو ويو ان موقعي تي روحاني محفل کي خطاب ڪندي پير محبوب مرشد ڪريم علامه حافظ سائين سخي سيد فقيرمحمد شاهه بخاري نقوي قادري فرمايو ته محبوب سبحاني غوث اعظم مرشدنا سيدنا عبدالقادر شاهه جيلاني ۽ سيدالاقطاب مرشدنا سيدنا جلال الدين شاهه سرخ بخاري جي اولاد، جيلاني ۽ بخاري سيدن جي مقبوليت، ڪرامتن ۽ ڪمالات جو اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي. انهن بزرگ هستين جو شان ۽ مرتبو نهايت بلند آهي، جن جي فيض ۽ برڪت جون ڇوليون اڄ به دنيا ۾ جاري آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ سونهاري به انهن پاڪ هستين جي فيض ۽ برڪت سان مالامال آهي. عقيدت، محبت ۽ ادب سان ڪيل حاضريون، خدمتون ۽ محبتون قبوليت جو ذريعو آهن. انسان کي گهرجي ته پنهنجي روحاني نسبت، محبت ۽ ادب کي مضبوط رکي، ڇو ته اهڙي عمل سان دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي حاصل ٿي سگهي ٿي. الله پاڪ ۽ رسول الله صه جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان پيار محبت ۽ خدمت جو جذبو رکڻ گهرجي. محفل دوران نعت خوانن صاحبزاده سيد خيرمحمد شاهه، حافظ ساجد فقير شمن علي طاهري، فقير حضوربخش ٽنيو ۽ ٻين نعتون پڙهيون، جن تي حاضرين پاران ڀرپور داد ڏنو ويو

ميهڙ فقير آباد ۾ مرشد سخي پير سيد جلال الدين شاهه رح جي يارهين شريف ملهائي پئي وڃي

گڏيجي جي ڀرسان تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر

حادثي جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

هنگورجا پوليس ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، ڪيس داخل نه ٿيو

گڏيجي(ن ع) گڏيجي جي ڀرسان قومي شاهراهه راڻو خان سولنگي اسٽاپ وٽ پنجاب کان ڪراچي ويندڙ تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب گڏيجي جي ڀرسان قومي شاهراهه تي راڻو خان سولنگي بس اسٽاپ وٽ پنجاب کان ڪراچي ويندڙ تيز رفتار ڪار جو موٽرڪي ٽڪر جنهن سبب موٽر سائيڪل سوار ڀريا شهر ڪوٽ علي مراد جمالي جا رهواسي اميدالله جمالي نصرالله جمالي ۽ مسمات جندل سخت زخمي ٿي پيا. زخمين کي اصلاح لاءِ مقامي منتقل ڪيو ويو هنگورجا پوليس ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جڏهن ته واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هيو

گڏيجي حادثي بعد زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي

سنڌ زرعي يونيورسٽي پاران زرعي انجنيئرن کي ڊرون ٽيڪنالاجي جي تربيت ڏيڻ جو فيصلو

دنيا تيزيءَ سان مشيني زراعت، روبوٽڪس ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي: وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال

جديد ٽيڪنالاجي اختيار ڪرڻ کانسواءِ زرعي ترقيءَ جو خواب پورو ٿي نٿو سگهي، فني مهارتن ۽ عملي تربيت کي هٿي ڏيڻ لازمي بڻجي ويو آهي

هاڻي رڳو ڊگري روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي، پر عملي مهارتن ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ پڻ ضروري آهي: ورڪشاپ کي خطاب

ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي ۾ ٽريننگ پروگرام جي افتتاحي تقريب کي وي سي الطاف سيال ۽ ٻيا خطاب ڪندي

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام پاران زرعي انجنيئرنگ جي نوجوان گريجوئيٽس کي جديد زرعي ٽيڪنالاجيءَ سان آراسته ڪرڻ لاءِ الڪرم گروپ جي سهڪار سان ڊرون ٽيڪنالاجيءَ جي تربيت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ان قدم جو مقصد زراعت ۾ پريسيشن فارمنگ، ڊجيٽل زراعت ۽ جديد زرعي مشينريءَ جي استعمال کي هٿي ڏيڻ سان گڏ نوجوان انجنيئرن جي عملي صلاحيتن ۾ واڌارو ڪرڻ آهي. سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي فئڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجيءَ جي ميزبانيءَ هيٺ ٽريڪٽر هلائڻ ۽ ان جي سارسنڀال بابت ٻن ڏينهن واري تربيتي ورڪشاپ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته دنيا تيزيءَ سان مشيني زراعت، روبوٽڪس ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي، تنهن ڪري زرعي ترقيءَ لاءِ جديد فني مهارتن ۽ عملي تربيت کي هٿي ڏيڻ لازمي بڻجي ويو آهي. هن چيو ته جديد ٽيڪنالاجي اختيار ڪرڻ کانسواءِ زرعي ترقيءَ جو خواب پورو ٿي نٿو سگهي. يونيورسٽيءَ ۾ شاگردياڻين لاءِ پڻ ٽريڪٽر هلائڻ ۽ ڊرون ٽيڪنالاجيءَ جي تربيت شروع ڪرڻ جو منصوبو آهي، جيئن اهي جديد زرعي مهارتون حاصل ڪري روزگار جا نوان موقعا ماڻي سگهن. وائيس چانسلر چيو ته جاگرافيائي معلوماتي نظام (جي آءِ ايس)، ريموٽ سينسنگ ۽ ڊرون ٽيڪنالاجي مستقبل جي زراعت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. انهن ٽيڪنالاجين ذريعي زرعي پيداوار وڌائڻ، وسيلن جو بهتر استعمال ڪرڻ ۽ فصلن جي اثرائتي نگراني ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن وڌيڪ چيو ته هاڻي رڳو ڊگري روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي، پر عملي مهارتن ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ پڻ ضروري آهي. ڊاڪٽر الطاف علي سيال زور ڏيندي چيو ته سرڪاري توڙي خانگي ادارن ۾ زرعي انجنيئرنگ جي ڊگريءَ کي مناسب اهميت ڏني وڃي ۽ زرعي انجنيئرن کي لاڳاپيل نوڪرين ۽ مقابلي جي امتحانن ۾ اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا فراهم ڪيا وڃن، جيئن اهي ملڪ ۾ زراعت کي جديد بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن. فئڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجيءَ جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر منير احمد منگرئي چيو ته موجوده دور رڳو نظري تعليم جو نه، پر عملي تجربن، تحقيق ۽ ايجادن جو دور آهي. شاگردن کي انجڻين جي ڪارڪردگي، مشينريءَ جي سارسنڀال ۽ زرعي زمينن ۾ عملي ڪم ڪرڻ جي مهارتن تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن ملڪ ۾ زرعي انجنيئرنگ ۽ فني تربيت جي واڌاري لاءِ انجنيئر منصور رضويءَ جي ڪوششن کي پڻ ساراهيو. ورڪشاپ جي فني سيشنن دوران انجنيئر منصور رضوي ٽريڪٽر جي بنيادي حصن، ڪنٽرول سسٽم ۽ مختلف اوزارن بابت ليڪچر ڏنو جڏهن ته ڊاڪٽر اميت ڪمار ٽريڪٽر هلائڻ جي حفاظتي اصولن ۽ محفوظ ڊرائيونگ جي طريقن بابت آگاهي ڏني. انجنيئر رضا حسن سراز ۽ ڊاڪٽر برڪت علي ننڊواڻي، محمد سهيل ميمڻ ڊاڪٽر شير علي شيخ جي نگرانيءَ هيٺ شرڪت ڪندڙن کي عملي تربيت ڏني وئي. ٻئي طرف ڊاڪٽر ارشاد علي سري پڻ ورڪشاپ کي خطاب ڪيو. تقريب دوران مهمانن کي سنڌي ثقافتي سوکڙيون ۽ اعزازي شيلڊون پيش ڪيون ويون. جڏهن ته اختتامي تقريب ۾ تربيت مڪمل ڪندڙ شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا.

خيرپور ۾ منشيات فروشن خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري، وڌيڪ 6 جوابدار گرفتار، انگ 12 ٿي ويو

وڏا ماڇيون، بي سيڪشن ۽ شاهه لطيف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون ڪندي 6 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ فيروز وساڻ، سمير پناڻ، فراز ميتلو، احسان سولنگي، الاهي بخش اڄڻ ۽ اعجاز ڪوسو شامل

منشيات فروشن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ شراب، ڀنگ ۽ ٻيون منشيات هٿ ڪيون ويون آهن: ايس ايس پي خيرپور

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ منشيات فروشن خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري، وڌيڪ 6 جوابدار گرفتار تفصيل موجب ضلعي خيرپور ۾ منشيات فروشن خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري آهن گذريل 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 6 منشيات فروشن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ٿيل منشيات فروشن جو انگ 12 ٿي ويو آهي اهڙي ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مڪسي ٻڌائي.ايس ايس پي امير سعود مڪسي موجب منشيات فروشن خلاف ڪارروايون وڏا ماڇيون بي سيڪشن ۽ شاهه لطيف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪيون ويون، جن دوران پوليس وڌيڪ 6 جوابدارن کي گرفتار ڪيو. ايس ايس پي موجب گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ فيروز وساڻ، سمير پناڻ، فراز ميتلو احسان سولنگي، الاهي بخش اڄڻ ۽ اعجاز ڪوسو شامل آهن. ايس ايس پي امير سعود مڪسي جو چوڻ هو ته گرفتار ٿيل منشيات فروشن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ شراب، ڀنگ ۽ ٻيون منشيات هٿ ڪيون ويون آهن. هن وڌيڪ چيو ته ضلعي ۾ منشيات جي خاتمي لاءِ پوليس جون ڪارروايون جاري رهنديون ۽ منشيات فروشن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

گڏيجي ۾ نامعلوم چور مسجد مان پاڻي جو موٽر چوري ڪري ويا

گڏيجي (ن ع) گڏيجي ۾ نامعلوم چور مسجد مان پاڻي جو موٽر چوري ڪري ويا تفصيل موجب گڏيجي ۾ نامعلوم چور آخوندن جي جامع مسجد ۾ داخل ٿي ڪمري جا تالا ٽوڙي پاڻي جو موٽر چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته واقعي جو ڪوبه ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هيو

خيرپور سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ مريضن ۽ عملي وچ ۾ جهيڙي جا فوٽيج وائرل

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ مريضن ۽ عملي وچ ۾ جهيڙي جا فوٽيج وائرل تفصيل موجب مريضن کي دوائون نه ملڻ تان مريضن ۽ اسپتال عملي وچ ۾ هٿين پئجي وڃڻ جو واقعو پيش آيو اسپتال ذريعن موجب جهيڙي دوران مريضن ۽ اسپتال جا ملازم معمولي زخمي ٿي پيا ايم ايس سول اسپتال خيرپور ڊاڪٽر رفيق منگي ٻڌايو ته اسان جي عملي سان ٻاهران آيل ماڻهن جهيڙو ڪيو واقعي بابت اين سي داخل ڪرائي پئي وڃي. اسپتال ذريعن موجب اسپتال ۾ سيڪيورٽي جا انتظام نه هئڻ برابر آهن جنهن سبب مريضن ۽ عملي وچ ۾ جهيڙا ٿيندا رهن ٿا بي سيڪشن ٿاڻو ويجهو هجڻ باوجود اسپتال ۾ پوليس سيڪيورٽي نه هئڻ برابر آهي اسپتال ذريعا موجب اسپتال ۾ سيڪيورٽي عملي جو انگ وڌايو وڃي ته جيئن اسپتال جو عملو ۽ ڊاڪٽر محفوظ رهي سگهن

ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جي هدايتن تي شهر جي مختلف بازارن جو دورو

خيرپور(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور جي هدايتن تي اٽي جي اگهن، حددخلين ۽ اسپتالن جو معائنو تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ جي خاص هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر خيرپور عمامہ سولنگي، اسسٽنٽ مختيارڪار شيراز ٿليبوٽو سيلاءِ ۽ انڪروچمينٽ انسپيڪٽر ظهور حسين ڪاتوري ۽ انڪروچمينٽ انسپيڪٽر منظور چانڊيو سان گڏ پنجگلا چوڪ، شاهي بازار سميت شهر جي مختلف بازارن جو دورو ڪيو دوري دوران اٽي جي اگهن ۽ دستيابي جو جائزو ورتو ويو دڪاندارن کي هدايت ڪئي وئي ته اٽو مقرر سرڪاري اگهن تي وڪرو ڪن ۽ ناجائز منافعي خوري کان پاسو ڪن جڏهن ته ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي جي وارننگ پڻ ڏني وئي اسسٽنٽ ڪمشنر مختلف مارڪيٽن ۾ حددخلين جو معائنو ڪيو ۽ دڪاندارن کي فوٽ پاٿن ۽ عوامي رستن تان حددخليون هٽائڻ جي هدايت ڪئي هن واضح ڪيو ته عوام جي اچ وڃ ۾ رڪاوٽ وجهندڙن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي.اسسٽنٽ ڪمشنر ايم ايس چلڊرن اسپتال خيرپور اعجاز مگسي سان گڏ چلڊرن اسپتال ۽ ليڊي ويلنگٽن اسپتال جو دورو ڪري طبي سهولتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي لاڳاپيل عملي کي هدايت ڪئي وئي ته مريضن کي بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ عملي جي حاضري، صفائي ستراڻي ۽ دوائن جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي

پاڻي هن سال آبادگارن جهجهي پيماني تي استعمال ڪيو آهي: نبي بخش لغاري

خيرپور(ڊ ر) انجنيئر ايريگيشن ويسٽ ڊويزن روهڙي ڪينال نبي بخش لغاري چيو آهي ته روهڙي ڪينال آرڊي 106 ۽ 107 ڪنڊومستي کان وٺي ڏيپارجا تائين خطري جي ڪابه ڳالهه ڪانهي پاڻيءَ جو وهڪرو18هزار6سو ڪيوسڪ آهي ۽ هن سال ورٽنن جي پوکائي ۾ پاڻي استعمال گهڻو ٿيو آهي هن چيو ته جتي بند ڪمزور آهن اتي اسان جو ڪم هلي رهيو آهي ۽ اسان جو عملو ڪيمپون هڻي بندن جي نگراني ڪري رهيو آهي هن چيو ته سوشل ميڊيا تي هلندڙ ڳالهيون ۾ ڪابه صداقت ڪانهي جتي بند ڪمزور آهن اتي اسان جي نگراني سخت آهي پاڻي هن سال آبادگارن جهجهي پيماني تي استعمال ڪيو آهي ۽ فصل به سٺا ٿيا آهن ۽ ورٽن جو فصل به تمام سٺو ٿيو آهي ۽ اسان جي نگرانيءَ جي ڪري روهڙي ڪينال کي ڪٿان به گهارو نه پيو آهي. هن چيو ته ساڻ رات ڏينهن محنت ڪري رهيو آهيان ۽ منهنجو اسٽاف رات ڏينهن روهڙي ڪينال جي نگراني ڪري رهيو آهي

محرابپور جي ڏاڏا آدم پرائمري اسڪول مان لکين رپين جو سامان چوري

چور اسڪول مان لکين رپين جو سامان ڀهاري ويا، علائقي ۾ خوف ۽ ڇڪتي

اطلاع تي محرابپور پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي معائنو ڪري واپس هلي وئي

محرابپور (ٿ-ر) محرابپور ۾ نامعلوم چورن اسڪول مان لکين رپين جو سامان ڀهاري ويا علائقي ۾ خوف ۽ ڇڪتي واري لهر ڇانئجي وئي ان ڏس ۾ محرابپور ۾ وارڊ نمبر يارهن واري علائقي ۾ ڏاڏا آدم پرائمري اسڪول ڀرسان واقع نجي انگلش پبلڪ اسڪول ۾ رات دير سان نامعلوم چور داخل ٿي اسڪول جي آفيس ۽ ڪمرن جا تالا ڪڙها ٽوڙي اسڪول اندر بيٺل موٽر سائيڪل ٽي وي اسڪرينون بيٽري ۽ ٻيو قيمتي سامان چورائي باآساني سان فرار ٿي ويا اطلاع تي محرابپور پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي معائنو ڪري واپس هلي وئي. هوڏانهن اسڪول اونر عاصم ميمڻ ٻڌايو ته نامعلوم چورن تعليمي اداري ۾ داخل ٿي لکين رپين جو قيمتي سامان چورائي وڏي زيادتين ظلم ڪيو آهي ٻئي پاسي هتان جي مختلف سڄاڻ ڌرين واقعي جي سخت مذمت ڪندي ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث تعليم دشمن جوابدارن کي گرفتار ڪري ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي.

محرابپور اسڪول مان ٿيل چوري جو ڏيک، ٻئي طرف اونر تفصيل ڏيندي

سڄاول ۾ جمعيت طلباءِ اسلام يونٽ چانگ فارم جي يوم تاسيس تقريب

جمعيت طلباءِ اسلام نوجوانن جي بهتر مستقبل لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم آهي: اڳواڻ

تقريب دوران علماءِ ديوبند جي عظيم قربانين کي خراج عقيدت پڻ پيش ڪيو ويو

سڄاول(ڊ ر) جمعيت طلباءِ اسلام يونٽ چانگ فارم جي يوم تاسيس تقريب، علماءِ ڪرام جي شرڪت خبر موجب جمعيت طلباءِ اسلام يونٽ چانگ فارم پاران يوم تاسيس جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علماءِ ڪرام ۽ مذهبي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي مولانا خان محمد پناڻ، مولانا عبدالحنان ميڪو، مولانا محب الله جاڙيجو، مولانا ولي الله بلوچ، مولانا اسدالله سنجراڻي، مولانا منظور احمد جتوئي، مولانا عبدالعزيز جتوئي، مولانا سيف الله سنجراڻي، حافظ فضل الله فياض ميمڻ حافظ رضوان احمد منڊرو ۽ حافظ عبدالحڪيم حنفي سميت ٻين اڳواڻن چيو ته جمعيت طلباءِ اسلام نوجوانن جي بهتر مستقبل لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم آهي، جيڪو سندن تعليمي تربيت ۽ فڪري شعور کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هنن چيو ته نوجوان قوم جو مستقبل ۽ قيمتي سرمايو آهن. تقريب دوران علماءِ ديوبند جي عظيم قربانين کي خراج عقيدت پڻ پيش ڪيو ويو. اڳواڻن چيو ته جمعيت طلباءِ اسلام جو مقصد الله تعاليٰ جي عبادت، رسول الله صه جي اطاعت، هر ظالم خلاف بغاوت، هر مظلوم جي حمايت ۽ بنا ڪنهن فرق جي سموري انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي. تقريب جي پڄاڻي مولانا محب الله جاڙيجو جي دعا سان ٿي

سڄاول جمعيت طلباءِ اسلام يونٽ چانگ فارم جي يوم تاسيس تقريب جو ڏيک

مسوپرڳڙي ۾ ريبيز جي روڪٿام بابت عوامي آگاهي واڪ

ريبيز کان بچاءَ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ ضروري آهن: ماهر

شڪي جانور جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ بنا دير طبي امداد حاصل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي لڳ وانڪي وسي ۾ ڊاڪٽر سيد صابر علي شاهه ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ اينڊ اينيمل هسبنڊري حيدرآباد جي هدايتن تي ويٽرنري سينٽر وانڪي وسي پاران يونين ڪائونسل نمبر 2 وانڪي وسي، ٽي ايم سي نيرون ڪوٽ ۽ ايڇ ايم سي حيدرآباد جي سهڪار سان ريبيز جي روڪٿام بابت عوامي آگاهي واڪ ۽ آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو.آگاهي سرگرمي جو مقصد عوام ۾ ريبيز جهڙي خطرناڪ بيماري بابت شعور پيدا ڪرڻ، ان کان بچاءَ ۽ ڪنٽرول جانورن سان ذميوارانه ورتاءَ ۽ ڪتن سميت ٻين لاڳاپيل جانورن جي وقت سر ويڪسينيشن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هوان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ۽ مقامي ماڻهن کي آگاهي ڏني وئي ته ريبيز کان بچاءَ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ، جانورن جي چڪ کان پاڻ کي محفوظ رکڻ ۽ ڪنهن به شڪي جانور جي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ بنا دير طبي امداد حاصل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. ان سان گڏ جانورن جي ويڪسينيشن ۽ ذميوارانه سنڀال ذريعي بيماري جي روڪٿام جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ويو.آگاهي واڪ ۾ يونين ڪائونسل وانڪي وسي جي چيئرمين پروفيسر علي نواز لغاري، سماجي اڳواڻ زوار امام بخش لغاري، سينيئر ويٽرنري آفيسر ۽ انچارج ويٽرنري سينٽر وانڪي وسي ڊاڪٽر حبيب الرحمان ميمڻ جڏهن ته سينيئر اسٽاڪ اسسٽنٽ مسٽر محمد يوسف چنا پڻ شرڪت ڪئي. هن سرگرمي ذريعي لائيو اسٽاڪ اينڊ اينيمل هسبنڊري کاتي، مقامي حڪومت جي نمائندن ۽ عوام جي گڏيل سهڪار سان ريبيز جي روڪٿام ۽ انساني توڙي جانورن جي صحت جي تحفظ بابت آگاهي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.ويٽرنري سينٽر وانڪي وسي جي انچارج ڊاڪٽر حبيب الرحمان ميمڻ موجب، جانورن جي صحت جي حفاظت، ريبيز جي روڪٿام ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ آگاهي سرگرمين جو سلسلو جاري رکيو ويندو، جيئن عوام کي هن خطرناڪ بيماري کان بچاءَ بابت وڌيڪ ڄاڻ فراهم ڪري سگهجي.

مالوندن لاءِ ريبيز بابت آگاهي مهم
مالوندن لاءِ ريبيز بابت آگاهي مهم

مسوپرڳڙي ريبيز جي روڪٿام بابت عوامي آگاهي واڪ ڪيو پيو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 24 آڪٽوبر 2026ع

گوادر ۾ دهشتگردن خلاف ڪيل ڪارروائي!

گوادر ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران دهشتگرديءَ جون ڪوششون ناڪام بڻائڻ ۽ عورت سميت ڏهن دهشتگردن کي مارڻ واري ڪارروائي ان حقيقت کي ظاهر ڪري ٿي ته بلوچستان ۾ امن امان جو مسئلو اڃا تائين سنگين نوعيت جو آهي. 22 آڪٽوبر تي گوادر ضلعي ۾ گبد باڊر ڪراسنگ ۽ گوادر شهر جي مختلف علائقن ۾ دهشتگرديءَ جي ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ سيڪيورٽي فورسز پاران ڪيل ڪليئرنس آپريشن دوران ڏهه دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ شهري پڻ شهيد ٿي ويو. آءِ ايس پي آر موجب، ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز جو ڪو به اهلڪار شهيد نه ٿيو ۽ آپريشن کان پوءِ علائقي ۾ امن امان بحال ڪيو ويو. يقيناً سيڪيورٽي فورسز جي بروقت ڪارروائي وڏي تباهيءَ کي روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو پر ان واقعي کي رڳو دهشتگردن جي خاتمي تائين محدود ڪري ڏسڻ بدران ان جي پسمنظر، سببن ۽ مستقبل جي خطرن جو جائزو وٺڻ به ضروري آهي. بلوچستان، پاڪستان جو سڀ کان وڏو صوبو آهي، جيڪو قدرتي وسيلن، سامونڊي پٽي، معدني ذخيرن ۽ جاگرافيائي اهميت سبب ملڪ جي معاشي مستقبل ۾ غيرمعمولي اهميت رکي ٿو. گوادر بندرگاهه ۽ ان سان لاڳاپيل ترقياتي منصوبن کي پاڪستان جي معاشي ترقيءَ لاءِ اهم سمجهيو وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ گوادر ۾ دهشتگرديءَ جون ڪوششون نه رڳو مقامي ماڻهن جي زندگيءَ ۽ ڪاروبار لاءِ خطرو آهن پر اهي ملڪ جي معاشي سرگرمين، سيڙپڪاري ۽ علائقائي رابطن تي پڻ منفي اثر وجهي سگهن ٿيون. دهشتگرديءَ جو مقصد خوف پيدا ڪرڻ، رياستي ادارن کي چئلينج ڪرڻ ۽ ترقيءَ جي عمل کي متاثر ڪرڻ هوندو آهي. ان ڪري اهڙين ڪوششن کي ناڪام بڻائڻ سان گڏوگڏ انهن جي بنيادي سببن کي ختم ڪرڻ به لازمي آهي. سيڪيورٽي فورسز جي ڪارڪردگيءَ جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪندي شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ، متاثر علائقن کي محفوظ بڻائڻ ۽ امڪاني حملن کي روڪڻ رياست جي بنيادي ذميوارين مان آهي. گوادر ۾ ٿيل ڪارروائي دوران هڪ شهريءَ جي شهادت اهو احساس پڻ ڏياري ٿي ته دهشتگرديءَ جي هر واقعي جو سڀ کان وڏو نقصان عام ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي روزگار، خاندان ۽ روزمره جي ضرورتن لاءِ گهرن کان ٻاهر نڪرن ٿا، تشدد جي اهڙين ڪارروائين جو شڪار بڻجن ٿا. تنهن ڪري دهشتگرديءَ خلاف حڪمت عمليءَ جو بنيادي مقصد رڳو دهشتگردن کي ختم ڪرڻ نه، پر شهرين کي اهڙو محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ هجڻ گهرجي، جنهن ۾ هو خوف کان آزاد ٿي پنهنجي زندگي گذاري سگهن.

بلوچستان ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي قدمن سان گڏ سياسي، سماجي ۽ معاشي حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي. مستقل امن لاءِ انهن حالتن کي به سمجهڻو پوندو، جن مان شدت پسندي جنم وٺي ٿي. بيروزگاري، غربت، تعليم ۽ صحت جي سهولتن جي کوٽ، ترقيءَ جي اڻبرابري ۽ عوام جي جائز شڪايتن کي نظرانداز ڪرڻ جهڙا مسئلا ڪنهن به علائقي ۾ مايوسي وڌائي سگهن ٿا. انهن مسئلن جو حل دهشتگرديءَ جو جواز نٿو بڻجي پر انهن کي حل ڪرڻ رياست جي ذميواري ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم ضرورت آهي. بلوچستان جي نوجوانن کي معياري تعليم، فني تربيت ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ، مقامي ماڻهن کي ترقياتي منصوبن ۾ حصيدار بڻائڻ ۽ انهن جي وسيلن مان حاصل ٿيندڙ فائدن ۾ منصفاڻي شموليت يقيني بڻائڻ وقت جي اهم گهرج آهي. گوادر جي ترقيءَ جو حقيقي مطلب تڏهن پورو ٿيندو، جڏهن بندرگاهه ۽ وڏن منصوبن سان گڏ مقامي آباديءَ جي زندگيءَ ۾ به بهتري ايندي. صاف پاڻي، بجلي، اسپتالن، اسڪولن، روزگار ۽ ڪاروباري موقعن تائين پهچ کان سواءِ ترقيءَ جون دعوائون عام ماڻهن لاءِ گهڻيون اثرائتيون ثابت نٿيون ٿي سگهن. مقامي آباديءَ جو اعتماد حاصل ڪرڻ امن جي حڪمت عمليءَ جو بنيادي حصو هجڻ گهرجي. بهرحال، گوادر ۾ دهشتگرديءَ جي ڪوشش جي ناڪامي هڪ اهم ڪاميابي آهي، پر اصل ڪاميابي تڏهن حاصل ٿيندي، جڏهن اهڙن واقعن جي ورجاءَ کي روڪيو وڃي ۽ بلوچستان جي عوام کي مستقل امن، انصاف ۽ خوشحالي ملي.

تعليم جو مستقبل ۽ اسان جا نوجوان!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون انهن لفظن کان شروع ڪريان ٿو ته 'تعليم جو مستقبل انهيءَ صلاحيت تي دارومدار رکي ٿو ته اسان پنهنجن شاگردن کي نه صرف ڪامياب ٿيڻ جا گُر سيکاريون پر اسان جو فرض آهي ته اُنهن کي هڪ بهتر معاشرو بڻائڻ جا اقدار، مهارتون ۽ موقعا پڻ فراهم ڪريون.' ياد رکو منهنجا نوجوانو! تعليم جو سلسلو ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيو آهي پر هتي هڪ اهم سوال اڃا به پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته ڇا اسان واقعي شاگردن کي ايندڙ جديد دور جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪري رهيا آهيون يا رڳو کين امتحان پاس ڪرڻ لاءِ تيار ڪري رهيا آهيون؟ اهو هڪ اهم سوال آهي جيڪو غور طلب آهي آئون عرض ڪريان ته تعليم ذاتي ترقي، سماجي ترقي ۽ قومي ڪاميابي جو بنياد آهي. اڄ تعليمي نظام جي ذريعي اسان وٽ اڳي کان وڌيڪ جديديد حاصل ڪرڻ جا موقعا موجود آهن ڊجيٽل ٽيڪنالاجي، جديد تدريسي طريقن ۽ معلومات تائين وسيع ۽ آسان رسائي شاگردن جي سکڻ ۽ استادن جي پڙهائڻ جي انداز کي بدلائي ڇڏيو آهي جڏهن ته اڄ به منهنجي نظر ۾ سخت مقابلا اڃا تائين برقرار آهن ڪيترائي اسڪول اڃا تائين امتحان جي دٻاءَ رٽا هڻڻ لاءِ برابري، فرسوده طريقن يعني ٻين لفظن ۾ ائين چوان ته تعليم، استاد، شاگرد ۽ تعليمي نظام جي وچ ۾ تعلق جي ڪمزوري موجود آهي اصل سوال اهو ناهي ته ڇا تعليمي نظام ترقي ڪئي آهي بلڪ اصل سوال اهو آهي ته اُها ترقي هر شاگرد تائين پهچي رهي آهي ۽ ڪيس جديد دنيا جي گهرجن جي لاءِ تيار ڪري رهي آهي؟ اصل غور طلب سوال اهو آهي

ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو! تعليم ۾ جديد نظام جي اهڃاڻ کان ڪير به انڪاري نه آهي جديد تعليم حقيقت ۾ اهم منزلون طئي ڪري هيءَ مقام حاصل ڪيو آهي ڊجيٽل پليٽ فارمن، انٽرايڪٽو وسيلن ۽ آن لائن سکڻ جي موقعن ذريعي هاڻي شاگردن کي معلومات تائين رسائي جا وڌيڪ ۽ آسان ذريعا ميسر آهن ٽيڪنالاجي اسان جي اسڪولن ڪلاسن جي ڪلاس رومن کي وڌيڪ پُرڪشش بڻائي ڇڏيو آهي ۽ سموليشنز، ورچوئل ليبارٽريز ۽ ملٽي ميڊيا ٽولز جي استعمال کي وسعت ڏني آهي اُنهن ذريعن شاگردن جي تحقيقي ۽ تنقيدي سوچ کي وڌيڪ ميسر ڪري انهن جي ذهني صلاحيت اجاگر ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي انفرادي اختلافن جي وڌيڪ سڃاڻپ ۽ ڪافي منڊل مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ تعاون جهڙن هنرن تي وڌيڪ توجهه ڏني پئي وڃي انهن ترقياتي وجودن سمجهڻ ۽ سکڻ کي وڌيڪ بامعنيٰ جامع ۽ حقيقي زندگي سان لاڳاپيل بڻائڻ جي صلاحيت ۾ ٻيڻو اضافو ڪري ڇڏيو آهي پر انهن جي باوجود وڏا مسئلا اڄ به پنهنجي جاءِ تي موجود ضرور آهن جن کان اڪيون پوري انڪار نٿو ڪري سگهجي انهيءَ ترقياتي نظام جي باوجود، ڪيترائي مسئلا تعليم جي اثرائت کي محدود ڪندا اچن اسڪولن ۾ اڄ به رٽڻ تي حد کان وڌيڪ انحصار اڪثر شاگردن ۾ تصوراتي سمجهه پيدا ڪرڻ کان روڪي ٿو امتحاني نظام تي بدل تعليم سکڻ جي مقصد کي محدود ڪري ٿي جنهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو جو شاگردن جي ڌيان جو مرڪز پنهنجي سبجيڪٽ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي بدران نمبرن تي ڌيان وڌيڪ رهي ٿو انهيءَ کان علاوه ياد رکو منهنجا نوجوانو تعليمي موقعن ۾ برابري جو فقدان هجڻ پڻ هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي جنهن ۾ وسيلن انفراسٽرڪچر ۽ معياري تعليم تائين رسائي ۾ فرق واضح ڏٺو وڃي ٿو، جنهن جو اثر صرف شاگردن تي نٿو پوي پر انهيءَ برابري جي فقدان جو اثر استادن تي پڻ وڌيڪ پوي ٿو جو ته محدود وسائل سان هنن کي ڪم جي بوجهه کي منهن ڏيڻو پوي ٿو چاڪاڻ ته اسان جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ فرسوده تدريسي طريقا جاري آهن جيڪي تعليمي علم ۽ حقيقي دنيا جي وچ ۾ شاگردن کي مستقبل جي چئلينجن جي لاءِ تيار ڪرڻ بدران احساسِ ڪمتري پيدا ڪري رهيا آهن مطالعي جون ڪِرندڙ عادتون، گهٽ حوصلا افزائي ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جو غير ضروري استعمال انهن مشڪلاتن ۾ مسلسل اضافو ڪري رهيا آهن جڏهن تعليم حد کان وڌيڪ نتيجن يعني نمبرن تي توجهه ڪري ٿي ته ترقي جا ٻيا اهم پاسا نظرانداز ٿيو وڃن ٿا. ياد رکو، متوازن زندگيءَ جي لاءِ ڪردار جي تعمير، تخليقي صلاحيتون، اعتماد ۽ سماجي ذميواري ضروري آهن شاگردن کي منزل تائين پهچڻ جي لاءِ رستا تلاش ڪرڻ غلطين مان سکڻ ۽ اُهي اقدار پيدا ڪرڻ جي موقعن جي ضرورت هوندي آهي جيڪي انهن کي معاشري ۾ مثبت حصو وٺڻ ۾ مدد ڪن

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو! اهڙو تعليمي نظام، جيڪو شاگردن کي رڳو امتحانن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ٿو، اهو کين حقيقي زندگيءَ جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهربل صلاحيتن کان محروم رکي ٿو نتيجي طور، نوجوانن ۾ عملي زندگيءَ لاءِ ضروري عادتون، حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي لچڪ ۽ اخلاقي فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت گهٽجي وڃي ٿي. جيڪو معاشري لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو هاڻي اچون ٿا استادن جي ڪردار ڏانهن هر معاشري ۾ استاد تعليمي ڪاميابيءَ جو مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿا. چاڪاڻ ته اهي نصابي مقصدن کي بامعنيٰ بڻائڻ شاگردن جي ضرورتن کي سمجهڻ مناسب تدريسي طريقا اختيار ڪرڻ ۽ انهن ۾ تعميري تجسس سکڻ جي جستجو ۽ نيون شيون ڄاڻڻ جو شوق پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. پر ٻين لفظن ۾ آئون ائين چوان ته استاد تڏهن ئي اثرائتي نموني پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا، جڏهن کين پيشورانه ترقيءَ جا موقعا، مناسب ڪم جو بار گهربل وسيلا ۽ قيادت جي سهڪار حاصل هجي هڪ مضبوط تعليمي نظام رڳو استادن کان شاگردن جي بهتر تعليم جي اميد نٿو رکي پر اهڙو سازگار ماحول پڻ فراهم ڪري ٿو جتي معياري تدريس ۽ شاگردن جي سکيا کي بهتر بڻائڻ ممڪن ٿي سگهي. ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو! صرف استاد ئي نه بلڪ استادن سان گڏوگڏ والدين جو ڪردار به شاگردن جي تعليم و تربيت ۾ اهميت جوڳو آهي استاد ته صرف چند ڪلاڪ شاگرد کي تعليم ڏئي ٿو پر انهيءَ شاگرد جو باقي وقت والدين سان گڏ گذري ٿو يعني انهن شاگردن جي شخصيت تي والدين جي تربيت جو اثر تمام گهڻو رهي ٿو والدين پنهنجي قائم ڪيل توقعات، فراهم ڪندڙ اسباب ۽ پنهنجن روين جي ذريعي شاگرد جي سکڻ تي اثر انداز ٿين ٿا. ٻين لفظن ۾ آئون ائين چوان ته معاون گهريلو ماحول، باقاعده مطالعو، تجسس ۽ ذميوارانه رويي جي ترغيب ڏئي ٿو انهيءَ ڪري والدين کي استادن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي پنهنجي اولاد جي انهن چند ڪلاڪن ۾ به ضرور نگراني ڪرڻ گهرجي ۽ ٻارن کي جديديت پسندانه حدف طئي ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي انهن کي گهرجي ته هُو تعليمي ڪارڪردگيءَ کي شاگردن جي قدر ۽ قابليت جو واحد معيار نه سمجهن پر انهن ۾ خودمختياري، ايمانداري ۽ استقامت جهڙين خوبين کي پڻ هٿي ڏين آئون عرض ڪريان ته تعليمي اصلاحات جي لاءِ واضح ترجيحات، مسلسل نفاذ ۽ موثر نگراني جي ضرورت هوندي آهي ياد رکو نصاب کي شاگردن جي تربيت، موجوده وسيلن ۽ تشخيصي طريقن جي عين مطابق هجڻ گهرجي ته جيئن انهيءَ نصاب ذريعي اسان پنهنجي شاگردن کي جديد دنياوي علوم جي مطابق تيار ڪري سگهون پليسين جي ذريعي اسان کي گهرجي ته تعليمي نظام ۾ عدم توازن کي دور ڪريون سرڪاري اسڪولن جي تعليم کي مضبوط بڻائڻ گهرجي اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن استادن جي مٿان بار گهٽ هوندو تڏهن ئي هُو بهتر شاگرد معاشري جي معيار جي مطابق پنهنجن تعليمي ادارن مان ڪيندا ۽ انهيءَ ڳالهه تي به ڌيان تمام ضروري آهي ته وسيلا سڀ کان وڌيڪ ضرورت جي حامل علائقن تائين پهچائجن ۽ اصلاحات جو جائزو اعلانات جي بدران بهتر نتيجن جي ثبوت جي ذريعي ورتو وڃي اسان جو تعليمي نظام اڄ به اهم چئلينجن کي منهن ڏئي پيو. جنهن جي ڪري شاگرد اڃا تائين انهيءَ معياري تعليم کان محروم آهن جيڪا هنن کي دنياوي تعليم جي مقابلي جي لاءِ تيار ڪري سگهي خاص طور تي ٻهراڙيءَ ۽ پسمانده علائقن ۾ اڃان اسان کي گهڻو ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي اهو صرف سرڪار جو نه بلڪ معاشري جي هر سوجهه ٻوجهه رکندڙ جي ذميواري آهي ياد رکو، تعليم ۽ قومي ترقيءَ جي وچ ۾ مضبوط رابطن جي ذريعي ترقي جا زبردست موقعا موجود آهن آئون عرض ڪريان ته اسان جي معاشري جي لاءِ هڪ بهترين تعليمي نظام ممڪن آهي پر اهو تنقيدي سوچ ۽ عملي صلاحيت ۽ ڪردار جي تعمير سان گڏ مضبوط مضمونن جي علم جي ذريعي ئي ممڪن آهي

ياد رکو، نصاب سان گڏ ٽيڪنالاجي جو ذميوارانه استعمال پڻ ضروري آهي ۽ استادن کي پيشورانه تربيت ۽ سکيا جا مناسب موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن انهي ڪانئون اوهان خود محسوس ڪندا ته اسان جي ادارن ۾ تعليم وڌيڪ موثر انداز سان شاگردن کي ملندي انهيءَ سان سڀني شاگردن کي بامعنيٰ موقعا ميسر ايندا ۽ دنيا جي مختلف تعليمي ادارن سان هنن جا رابطا مضبوط ٿيندا. جيڪو اسان جي نوجوانن جي لاءِ بهتر ٿيندو ياد رکو. انهيءَ سان شاگردن کي اِهو سمجهڻ ۾ مدد ملندي ته هُو معاشري ۾ ڪهڙي انداز سان علم کي پکيڙي سگهن ٿا يا انهن جي علم جو اطلاق معاشري ۾ ڪيئن ٿي سگهي ٿو انهيءَ سان هنن جي ڪردار جي ذريعي اسان جي ٻين نوجوانن کي علم حاصل ڪرڻ جو شوق پڻ پيدا ٿيندو اهڙا قدم اسان جي تعليم و تدريس کي بهتر بڻائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. انهيءَ کان علاوه اهم قدمن ۾ استادن جي سکيا کي مضبوط بڻائڻ والدين ۽ استادن جي وچ ۾ رابطي کي وڌائڻ ۽ اضافي مدد جي ضرورت مند شاگردن جي نشاندهي ڪرڻ شامل آهن ڊگهي مدت جي قدمن جي لاءِ نصاب ۽ تشخيص جي هم آهنگي انفرا اسٽرڪچر ۾ سرمائيڪاري، وسيلن تائين مساوي رسائي ۽ تعليمي معيار جي پائيدار عزم جي ضرورت هوندي آهي اڄ جو تعليمي نظام اسان کي طاقتور نظام ۽ بي مثال موقعا فراهم ڪري ٿو پر انهي کي سخت مقابلن کي منهن ڏيڻو پيو پوي انهيءَ جو مقصد منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، جديد تعليم کي رد ڪرڻ ناهي انهيءَ جو مقصد اِهو بڻائڻ آهي ته هر نئين ٽيڪنالاجي پائيدار سکڻ جي عمل کي بهتر نه بڻائيندي اسان کي ذهنن ۾ اِهو رکڻو پوندو ته انهن شين کي اهميت ڏيون جيڪي انهيءَ سچي طريقيڪار ۾ اسان جي مدد ڪن انهيءَ ۾ ناڪامين کي پڻ منهن ڏيڻو پوندو ۽ هڪ اهڙو نظام بڻائڻو پوندو، جيڪو شاگردن کي امتحانن سان گڏوگڏ زندگيءَ جي ميدان ۾ جدوجهد جي لاءِ تيار ڪري سگهي ته جيئن هنن جو ڪردار معاشري جي لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جو ڪم ڪري. ياد رکو، مستقبل جو دارومدار ان ڳالهه تي نه هوندو ته اسان وٽ ڪيترا وڏا ۽ مهانگا تعليمي ادارا موجود آهن. بلڪ ان ڳالهه تي هوندو ته اسان علم کي ڪيتري اثرائتي نموني سمجهون ٿا، اُن تي ڪيئن عمل ڪريون ٿا ۽ اُن علم کي عملي صورت ۾ آڻي پنهنجي معاشري جي نوجوانن تائين ڪيتري ڪاميابيءَ سان پهچايون ٿا!

پيڙ ۽ برداشت، فطري خوبي، تربيت يا حالتن جو امتحان؟

رياض احمد سومرو

پيڙ انسان جي فطرت ۾ آهي خطري جي سامهون جسم ۽ ذهن جو خبردار ٿيڻ ڪا خامي نه بلڪه هڪ فطري طريقو آهي پر برداشت جو مطلب پيڙ کان خالي هجڻ ناهي پيڙ هوندي به پنهنجي فيصلي، اصول يا ساٿيءَ سان بيهي سگهجي ٿو اها قوت ڪنهن کي فطري طور ڪجهه وڌيڪ ملي سگهي ٿي پر اها رڳو ڄمڻ سان مقرر نٿي ٿئي خوف انسان ۾ فطري آهي پوءِ سياسي قيدي، ڌاڙيل يا عام ماڻهو سخت پڇا ڳاڇا ۾ ڪهڙن سببن ڪري خاموش رهي ٿو اقرار ڪري ٿو يا پنهنجن جا نالا ٻڌائي ٿو؟ تربيت، مقصد سان وابستگي ساٿين تي اعتماد ۽ ذهني تياري ماڻهوءَ جي ڏکين حالتن سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائي سگهن ٿا. نفسياتي تحقيق ۾ به برداشت کي هڪ اهڙي صلاحيت طور ڏٺو ويو آهي جيڪا ماحول ۽ سکيا سان بدلجي سگهي ٿي البت ان جو مطلب اهو ناهي ته هر ماڻهوءَ کي تشدد لاءِ تيار ڪري سگهجي ٿو يا تشدد سهڻ کي تربيت جو سٺو نتيجو چئي برداشت يا بهادريءَ جو نالو ڏئي سگهجي ٿو

اسلام ۾ خوف ۽ اميد انسان جي اخلاقي تربيت جا ٻه پاسا آهن گناهه ۽ حساب جو خوف ۽ نيڪيءَ جي ثواب جي اميد پر وڏي اخلاقي آزمائش اها آهي ته ماڻهو اڪيلائيءَ ۽ دٻاءَ ۾ ڪهڙي نيت سان بيهي ٿو سزا کان بچڻ لاءِ انعام جي آسري تي يا پنهنجي ضمير ۽ حق جي خاطر؟ سياسي قيديءَ جي ثابت قدمي، ڌاڙيل جي ساٿيءَ لاءِ خاموشي ۽ عام ماڻهوءَ جي سچ ڳالهائڻ کي هڪ ئي تلي سان بهادري نٿو چئي سگهجي هر عمل جي نيت ۽ نتيجي کي به ڏسڻو پوندو

اڄ کان ٽيهه چاليهه سال اڳ واري سنڌ کي ياد ڪجي ته سوال رڳو اهو ناهي ته ڪنهن وڌيڪ مار کاڌي، سوال اهو به آهي ته ماڻهن ڪهڙي مقصد يا مجبوريءَ ۾ اها مار سٺي ۽ ڪهڙو راز بچائڻ جي ڪوشش ڪئي؟ سياسي قيدي، هٿيار کڻي ڪچي ۾ ويل ماڻهو ۽ چوريءَ جي الزام ۾ لاڪپ ۾ پيل ماڻهو سڀ تشدد يا پڇا ڳاڇا جو شڪار رهيا آهن پر سندن حالتون ۽ وفاداريون هڪجهڙيون نه هيون تاريخي رڪارڊ مان ڪنهن هڪ کي سڀني کان وڌيڪ برداشت ڪندڙ قرار ڏيڻ ممڪن ناهي پر ڪي نالا ۽ واقعا اهڙا آهن جن مان ان وقت جي سختيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو جيڪڏهن مان پنهنجي ئي ٽنڊي ۽ ماضيءَ تي نظر ٿو وجهان ته مون کي گرم تئي تي ويهاريل هڪ وجود ٿو ياد اچي ڪاٺ جي پيتين کي وڙهيل لوهي پٽن سان ڪٽجندڙ ڪو ٻار ٿو ياد اچي ڪنهن کي وڻ سان ٻڌي پاڻي هاري ماڪوڙن کان چڪرائڻ ياد ٿو اچي ۽ ڪجهه ظلمن ۽ جبر کان تنگ ٿي باغي بڻجي ڦجرويل گهروارن لاءِ هڪ خط لکي ڌاڙيل ٿيڻ لاءِ ڪو ڀڳل نوجوان ياد ٿو اچي ۽ زماني جي ٻنڌشن جو ٻانڌي بڻيل هڪ متلل نوجوان ياد ٿو اچي

بين الاقوامي اڳواڻن ۾ منڊيلا قيد جون ڏينهون برداشت ڪري، پنهنجي مقدمي کي پنهنجو سياسي پيغام ماڻهن تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻايو 1964ع ۾ هن عدالت ۾ ڪيل تقرير ۾ پنهنجي جدوجهد جو مقصد بيان ڪيو اها تقرير گڏيل قومن جي ويب سائيٽ تي محفوظ آهي ڀڳت سنگهه ۽ ٻين انقلابي قيدين جيل ۾ بک هڙتال ذريعي سياسي قيدين سان سلوڪ بابت احتجاج ڪيو اهو سندس جسماني تڪليف قبول ڪرڻ سان گڏ منظم سياسي احتجاج جو مثال آهي گانڌي 1922ع جي مقدمي ۾ پنهنجي موقف جو بيان ڏنو ۽ سزا قبول ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر برمنگهم جيل مان خط لکي قيد کي عدم تشدد واري احتجاج جي دليل ۾ تبديل ڪيو

سنڌ جي سياسي قيدين ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي جيل واري برداشت بابت رڳو سندس موت جي ڪوٺڙيءَ مان لکيل ڪتاب 'جيڪڏهن مان قتل ڪيو وڃان' ۾ جيل جي حالتن، مقدمي ۽ سندس موقف بابت سندس پنهنجا لفظ شامل آهن 1978ع ۾ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ڏانهن موڪليل سندس خط ۾ هن اڪيلائيءَ، بيماريءَ ۽ علاج نه ملڻ جي شڪايت ڪئي هن لکيو ته جيل جي حالتن خلاف هو بک هڙتالون ڪري چڪو هو. ساڳئي خط ۾ هن اسپتال منتقل ڪرڻ جي گهر ڪندي چيو ته هو پڇڻ وارو ناهي

سياسي قيدين جي سختين بابت وڌيڪ چند ڇاڻ ڪبي ته سينٽرل جيلن بابت سنڌي مضمونن ۾ وڌيڪ نالا اچن ٿا. هڪ مضمون موجب شهيد نذير عباسي، جام ساقيءَ کي جيل ۾ سختيون ڏنيون ويون، امداد چانڊيو ۽ شير محمد مگريي کي ڏهه ڏهه ڪوڙا هنيا ويا ۽ ٻنهي مجموعي طور ست سال جيل ڪاٽيو. ساڳئي احوال ۾ ڏاڏو متارو ڏاهري، محمد سليمان ڏاهري، ڊاڪٽر غلام نبي خشڪ، ڊاڪٽر خان محمد لغاري، عنايت هيسباڻي، محمد خان سولنگي، اسرار لانگاهه، وزير لاکو ۽ حسن راڄڙ سميت ٻين سياسي قيدين جا نالا ڏنل آهن. مضمون ٻڌائي ٿو ته سياسي قيدي بند وارڊ، ڏنڊا ٻيڙين ۽ ڏکيين بک هڙتالن کي منهن ڏيندا هئا.

ايم آر ڊي تحريڪ دوران قتلن ۽ ڪوڙن جي پهلوءَ کي به وساري نٿو سگهجي ايم آر ڊيءَ جي دور ۾ برداشت جو هڪ اهڙو باب به آهي، جنهن جا قيدي اڃا تائين نالن کان سواءِ تاريخ ۾ بيٺل آهن ايمنسٽي انٽرنيشنل جي رپورٽن ۽ ٻين هم عصر دستاويزن کي ڌيان ۾ آڻجي ته ڪوڙن جي سزا ملڻ، سزا تي عمل ٿيڻ ۽ پوليس جي پڇا ڳاڇا دوران مار کائڻ تي الاهي ڳالهيون نظر مان گذرن ٿيون. جيئن جيل جي قيدي جاويد نعماني 1984ع جي مئي مهيني واري واقعي جو احوال ڏئي ٿو. سندس چوڻ موجب، سنڌ جي جيل ۾ 15 سياسي قيدين کي فوجي عدالتن ڪوڙن جي سزا ڏني هئي اهي پيپلز پارٽي، هاري ڪاميٽي، عوامي تحريڪ ۽ پي ايس ايف سان لاڳاپيل هئا. قيدين درخواست ڪئي ته جيڪڏهن انتظاميا رمضان ۾ ڪوڙا نه هڻڻ جي دعويٰ ڪن ٿا ته سزا رمضان کان اڳ ڏني وڃي اختيارين ٽار مٽول ڪئي ته قيدين بک هڙتال ڪئي، پوءِ 15 ڄڻن کي مجموعي طور 200 ڦٽڪا هنيا ويا.

انهيءَ ڳانڍاپي جي پس منظر ۾ ڏسبو ته ذوالفقار قادريءَ جو ڪتاب 'جيل ڊائريءَ جا ورق' ۾ قادري لکي ٿو ته 14 آگسٽ 1981ع تي مارشل لا خلاف سرگرمين جي الزام ۾ کيس ۽ توصيف ملڪ کي گرفتار ڪيو ويو ملٽري ڪورٽ ۾ پيشيءَ وقت ساڻن گڏ پرو چانڊيو، سندس ڀاءُ علي گوهر چانڊيو، نادر جسڪاڻي ۽ سندن ٽولي جا ٻيا ماڻهو به پيش ٿيا. قادريءَ جي يادگيريءَ موجب، پرو چانڊيي سياسي قيدين کان پڇيو ته ڪين ڪهڙي واردات ۾ آندو ويو آهي. سياسي ڪارڪنن جواب ڏنو ته سندن ڏوهه مارشل لا خلاف تقريرون ۽ سرگرميون آهن. پوءِ پرو کين چيو ته ان کان ته چڱو هو اسان سان جوڙ هئو ها.

ڪڇي ۽ ڪاڇي جي ڌاڙيلن بابت هڪ بي سنڌي لکڻيءَ ۾ مبين ڏاهري، صديق گهيلو، پرو چانڊيو، گوهر چانڊيو، ڪارو ڪرڪلي ۽ سرور چانڊيو جا نالا گڏ اچن ٿا. ليکڪ دعويٰ ڪري ٿو ته اهي پوليس ۽ مقامي وڏيرن جي ظلمن کان باغي ٿي ڌاڙيل بڻيا. اها لکڻي انهن نالن ۽ مقامي روايتن جو سراغ ڏئي ٿي پر 'ظلم سبب ڌاڙيل ٿيڻ' کي هر فرد لاءِ ثابت ٿيل حقيقت جي ڪجهه ابهراپ ٿيندي. وڏي پسمنظر لاءِ امداد حسين سهتي جي ڌاڙيل راڄ جو ڏهاڪو 1984ع کان 1995ع تائين نلي تحقيقي ڪم جو حوالو به اهم آهي اهو شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل پي ايڇ ڊي ٿيسز ۽ پوءِ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس مان ڇپيل ڪتاب طور سچائيجي ٿو اهو ڪتاب سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ، ذوهن ۽ ان جي خاتمي لاءِ ڪيل قدمن جو تاريخي جائزو ڏئي ٿو

ورلڊ پوليو ڊي: 'هڪ ڏينهن، هڪ مقصد، پوليو جو مڪمل خاتمو'

اعجاز علي تيوڙو

هر سال جيان هن سال پڻ اڄ 24 آڪٽوبر تي سڄي دنيا ۾ ورلڊ پوليو ڊي ملهايو پيو وڃي جنهن جو مقصد پوليو جهڙي خطرناڪ بيماريءَ جي خاتمي لاءِ عالمي ڪوششن کي اجاگر ڪرڻ، عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ هر ٻار تائين پوليو کان بچاءَ جي ويڪسين پهچائڻ جي اهميت کي نمايان ڪرڻ آهي. هن سال ورلڊ پوليو ڊي جو عنوان 'One day, one focus ending polio for good' آهي جنهن جو مطلب آهي 'هڪ ڏينهن، هڪ مقصد، پوليو جو هميشه لاءِ خاتمو' هي نعرو دنيا جي حڪومتن، صحت جي ادارن، والدين، سماجي تنظيمن ۽ عالمي پارٽنرن کي هڪ گڏيل مقصد لاءِ متحد ٿيڻ جو پيغام ڏئي ٿو ته جيئن دنيا جي هر ٻار کي پوليو کان محفوظ بڻائي سگهجي پوليو جو خاتمو رڳو صحت جي شعبي جو هدف ناهي پر اهو ٻارن جي روشن مستقبل، صحتمند نسل ۽ هڪ مضبوط معاشري جي تعمير لاءِ اهم قدم آهي. پوليو هڪ انتهائي وچڙندڙ وائرل بيماري آهي جيڪا خاص طور تي پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي متاثر ڪري ٿي. هي وائرس انساني جسم جي اعصابي نظام تي حملو ڪري مستقل معذوري، خاص طور تي هٿن ۽ پيرن جي فالج جو سبب بڻجي سگهي ٿو. جڏهن ته سخت حالتن ۾ ساهه کڻڻ وارا عضوا متاثر ٿيڻ سبب موت جو خطرو پڻ پيدا ٿئي ٿو. هن بيماريءَ جو ڪو مخصوص علاج موجود ناهي پر پوليو کان بچاءَ لاءِ محفوظ ۽ اثرائتيون ويڪسينون موجود آهن. عالمي صحت واري اداري موجب، 1988ع ۾ عالمي پوليو خاتمي واري پروگرام جي شروعات کانپوءِ دنيا ۾ پوليو جي ڪيسن ۾ 99 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽتائي آئي آهي. تنهن هوندي به پاڪستان ۽ افغانستان ۾ جهنگلي پوليو وائرس جي منتقلي جو سلسلو برقرار هجڻ سبب عالمي سطح تي پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ مسلسل ڪوششون ضروري آهن. پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي لاءِ 1994ع کان قومي پروگرام تحت مسلسل مهمون هلايون پيون وڃن. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون، صحت جا ادارا، عالمي صحت وارو ادارو، يونيسيف، روٽري انٽرنيشنل ۽ ٻيا پارٽنر گڏجي ٻارن کي پوليو کان بچائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. انهن ڪوششن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ پوليو جي ڪيسن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي. سرڪاري انگن اکرن موجب پاڪستان ۾ پوليو جا 74 ڪيس 2024ع ۾ ۽ 31 ڪيس 2025ع ۾ رپورٽ ٿيا، جڏهن ته 2026ع ۾ هن وقت تائين 7 ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. اهي انگ اکر ڪيل ڪوششن سان گڏ اهو به واضح ڪن ٿا ته وائرس جي مڪمل خاتمي تائين ڪنهن به قسم جي غفلت جي گنجائش ناهي. پاڪستان پوليو ايريڊيڪيشن انيشيئيٽو پاران 21 کان 27 سيپٽمبر 2026ع تائين ملڪ جي 113 وڌيڪ خطري وارن ضلعن ۾ ذيلي قومي پوليو مهم هلائي وئي جنهن دوران 2 لک 73 هزار کان وڌيڪ فرنٽ لائن ورڪرز پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. مهم جي نتيجي ۾ 2 ڪروڙ 93 لک کان وڌيڪ پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارايا ويا. هن مهم ۾ سنڌ سميت ملڪ جي مختلف صوبن ۽ علائقن ۾ ٻارن جي ويڪسينيشن ڪئي وئي جڏهن ته رهجي ويل ٻارن تائين پيهر پهچڻ لاءِ به خاص ڪوششون ڪيون ويون.

سنڌ حڪومت پوليو جي خاتمي کي صحت عامه جي اهم ترجيحن ۾ شامل ڪندي صوبائي ٽاسڪ فورس، صحت کاتي ۽ پوليو پروگرام جي گڏيل سهڪار سان مختلف قدمن تي عمل ڪري رهي آهي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي پوليو ٽاسڪ فورس جي اجلاسن ۾ مهمن جي تيارين، ويڪسينيشن جي معيار، وائرس جي موجودگي، ماحولياتي نگراني ۽ انهن علائقن جو جائزو ورتو ويو آهي جتي ٻارن تائين پهچڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچن ٿيون. صوبائي حڪومت پاران ضلعي انتظاميا کي هدايتون ڏنيون ويون آهن ته پوليو مهم دوران هر ٻار تائين پهچڻ کي يقيني بڻايو وڃي. يونين ڪائونسل سطح تي نگراني مضبوط ڪئي وڃي ۽ ويڪسينيشن کان رهجي ويل ٻارن کي پيهر ويڪسين ڏني وڃي. سيپٽمبر 2026ع ۾ سنڌ جي وڏي وزير والدين، سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي کي اپيل ڪئي ته اهي پوليو مهم ۾ ڀرپور سهڪار ڪن. 21 کان 27 سيپٽمبر تائين هلندڙ مهم دوران سنڌ جي سڀني 30 ضلعن ۾ لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ ٻارن کي ويڪسين ڏيڻ جو هدف رکيو ويو. پوليو پروگرام جي 7 آڪٽوبر 2026ع تي جاري ڪيل رپورٽ موجب، مهم دوران سنڌ جي 30 ضلعن ۾ هڪ ڪروڙ 14 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارايا ويا. هي نتيجو صحت جي عملي، ضلعي انتظاميا، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، والدين ۽ ٻين پارٽنرن جي گڏيل ڪوششن جي اهميت کي ظاهر ڪري ٿو. پوليو جي خاتمي لاءِ رڳو ٻارن کي ويڪسين پيارڻ ڪافي ناهي پر وائرس جي موجودگي معلوم ڪرڻ، ان جي پکڙجڻ جا رستا سڃاڻڻ ۽ خطري وارن علائقن ۾ بروقت قدم کڻڻ پڻ ضروري آهن. سنڌ ۾ ماحولياتي نگراني ذريعي گندي پاڻي جي نمونن جي جاچ ڪئي وڃي ٿي جنهن سان پوليو وائرس جي موجودگي بابت ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. سيپٽمبر 2026ع ۾ صوبائي حڪومت جي اجلاس دوران ٻڌايو ويو ته ماحولياتي نمونن ۾ وائرس جي مثبت نتيجن جي شرح جنوري ۾ 62 سيڪڙو مان گهٽجي آگسٽ ۾ 20 سيڪڙو ٿي هئي پر ڪجهه علائقن ۾ وائرس جي موجودگي برقرار هئي. ان ڪري ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين خطري وارن علائقن ۾ مسلسل نگراني، بهتر ويڪسينيشن ۽ رهجي ويل ٻارن تائين پهچڻ تي زور ڏنو ويو. سنڌ جي ڀراڙين درياهي پٽي، ڪچي وارن علائقن، ڏورانهن ڳوٺن ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ خاندانن جي آباديءَ تائين پهچڻ لاءِ صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا جو گڏيل ڪردار انتهائي اهم آهي.

ورلڊ پوليو ڊي 2026ع جو نعرو 'هڪ ڏينهن، هڪ مقصد، پوليو جو هميشه لاءِ خاتمو' اسان کي اهو پيغام ڏئي ٿو ته پوليو جي خاتمي لاءِ ڪوششون رڳو هڪ ڏينهن تائين محدود نه هجڻ گهرجن پر هر ڏينهن هر ٻار جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. سنڌ حڪومت پاران پوليو مهمن، ماحولياتي نگراني، عملي جي تربيت، ضلعي سطح تي نگراني ۽ عوامي آگاهي لاءِ ڪيل قدم اُن مقصد ڏانهن اهم ڪوششون آهن پر وائرس جي مڪمل خاتمي لاءِ انهن قدمن جو تسلسل برقرار رکڻ لازمي آهي. حڪومت، صحت جا ادارا، عالمي پارٽنر، ميڊيا، سماجي تنظيمون ۽ والدين جڏهن گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪندا ته پوليو کان پاڪ سنڌ ۽ پاڪستان جو مقصد حاصل ڪرڻ وڌيڪ ممڪن ٿيندو. اچو ته هن ورلڊ پوليو ڊي تي اهو عزم ڪريون ته ڪو به ٻار ويڪسين کان محروم نه رهندو.

اڄوڪو ڏينهن —— 24 آڪٽوبر

نور محمد لاشاري



اڄ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار مرحوم نور محمد لاشاريءَ جي پيدائش جو ڏينهن آهي سنڌ جي هن ڀلوڙ اداڪار جو جنم 24 آڪٽوبر 1931ع تي پان سعيدآباد ويجهو ڳوٺ ڪوٽ لاشاريءَ ۾ ٿيو هو فيض محمد لاشاريءَ جو اڪيلو پٽ هو هن عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد جي حيثيت سان ڪئي اداڪاريءَ جو سفر داؤد جي بخاري ناٽڪ منڊل پاران پيش ٿيندڙ اسٽيج ڊرامن سان ڪيائين 1960ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان لاڳاپجي ويو ۽ ريڊيو جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريائين 1967ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي ناٽڪن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندس شمار ٽي ويءَ جي چوٽيءَ جي اداڪارن ۾ ٿيڻ لڳو هن ڪيترن ئي سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ يادگار ۽ اٿوسرندڙ ڪردار ادا ڪيا. دنگي منجهه دريا، مٽيءَ جا ماڻهو، راڻيءَ جي ڪهاڻي ۽ ماروئڙا سميت سوين سنڌي ڊرامن ۾ هن لافاني ڪردار ادا ڪيا. چوٽي سي دنيا، ديوارين، جنگل ماروي، بدلتي موسم ۽ ٻين اردو ڊرامن ۾ هن جي اداڪاريءَ کي سڄي پاڪستان ۾ ساراهيو ويو هن برسات جي رات، گهاتو گهر نه آيا، مٺڙا شال ملن ۽ شهيد سميت ان سنڌي فلمن ۽ هڪ بلوچي فلم ۾ به ڪم ڪيو پاڪستان سرڪار پاران کيس 1992ع ۾ حُسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي سان نوازيو ويو سنڌ جي هن انمول هيري ٻهرين فيبروري 1997ع تي دم ڌرتيءَ جي حوالي ڪيو

سراج الحق ميمڻ



اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي برک اديب، محقق، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ قانوندان سراج الحق ميمڻ جي ياد ڏياري ٿو اڄ سندس سالگرهه جو ڏينهن آهي ادبي دنيا ۾ سراج جي نالي سان ڄاتل سڃاتل هن انمول انسان جو جنم حيدرآباد ضلعي جي شهر ٽنڊي ڄام ۾ 24 آڪٽوبر 1933ع تي ٿيو هن ابتدائي تعليم ٽنڊي ڄام مان ۽ مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو هن بي اي (آنرس)، ايم اي (ايڪنامڪس) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي شروعات مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي پريس ۾ پروف ريڊر ۽ سنڊيڪار طور ڪيائين 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو 1957ع ۾ سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽيڪس کاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيو. 1969ع ۾ جنرل يحيٰ جي حڪومت هن کي ڪيس جبري طور رٽائر ڪيو ويو ۽ مقتس آزاد هو ته هو قوميت جي موضوعن تي لکي ٿو ۽ قوم پرست ۽ ادبي تحريڪن ۾ حصو وٺي ٿو ان بعد هن انڪم ٽيڪس جي وڪيل طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو 1972ع ۾ روزاني هلال پاڪستان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو انهيءَ اخبار ۾ سندس ڪالم 'ريتءَ جي رهاڻ' ۽ 'ملان جي ٻوڙ' سنڌ ۾ مشهور ٿيا. 1977ع ۾ ڀٽي جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد هن ايڊيٽر جي عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏي. هن آڪسفورڊ يونيورسٽي پاران ڇپجندڙ سنڌي انگريزي ڊڪشنريءَ جي چيف ايڊيٽر طور پڻ ڪم ڪيو هو چوٽيءَ جو ناول نگار هو سندس ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ'، 'مرڻ مون سين آءِ'، 'منهنجي دنيا هيڪل ويڪل'، 'منهنجي دنيا مرگهه ترشنا'، ۽ 'تنهنجي دنيا سپ رنگ سائول' سنڌي ادب ۾ هڪ اهم جڳهه والارين ٿا هو هڪ مهان ڪهاڻيڪار هو سندس ڪهاڻين جا مجموعا 'اي درد هلي آ' ۽ 'اُنون ماڻهو' سندس شاهڪار ڪهاڻين جو ثبوت آهن هن 'علم معاشيات' تي پڻ ڪتاب لکيو هن ڪيترائي ڪتاب پرڏيهي ادب مان ترجمو ڪيا جن ۾ 'آمريڪي افسانا'، 'سنڌ جي اقتصادي تاريخ'، 'ڏکن مان تو سچ اپري' ۽ 'جيئن جي هارين کي زمين ڪيئن ملي' خاص ذڪر جي لائق آهن سندس ڪتاب 'سنڌي ٻولي' سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ تاريخ جو هڪ ناياب خزانو آهي هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ خلاف سندس نظم 'ڪراچي' سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي هو 'سروينٽس آف سنڌ سوسائٽي'، 'سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ' ۽ 'سنڌ فرينڊس سرڪل' جي باني ميمبرن مان هڪ هو سراج الحق ميمڻ 2 فيبروري 2013ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

ڪلان هزاري



ڪلان هزاري مشهور ڳائڻي هئي هوءَ 24 آڪٽوبر 1934ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿي مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين هوءَ پنهنجي سريلي ۽ مٺڙي آواز جي ڪري هند ۽ سنڌ ۾ مشهور هئي هن هزارن جي تعداد ۾ سنڌي، هندي ۽ راجستاني ٻولين ۾ سهڻا گيت ڳايا. هن هندستان ۾ ٺهندڙ سنڌي فلمن لاڏلي، هُوجمالو ۽ شل ڌيئر نه ڄمن ۾ به يادگار گيت ڳايا جن تمام گهڻي مقبوليت ماڻي هن فلم 'هو جمالو' ۽ شل ڌيئر نه ڄمن ۾ اداڪاره طور به ڪم ڪيو آڪاشواڻي ۽ دوردرشن تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايائين

ديا لکي جشناڻي

هندستان جي هن مشهور سنڌي ليکڪا جو جنم 24 آڪٽوبر 1941ع تي سنڌ جي شهر سکر ۾ ٿيو اڃا ڇهن ورهين جي مس هئي جو ديس جو ورهاڱو ٿيو ۽ هوءَ پنهنجي والدين سان گڏ هندستان هلي وئي ڪاليج واري زماني ۾ هن ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو انهيءَ ڪاليج جي هڪ ٽيچر دادي پارپتي رام ڪشن اڏوائيءَ لکڻ ۾ هن جي همت افزائي ڪئي اهڙيءَ طرح ديا لکيءَ پنهنجون پهريون ٻه ڪهاڻيون ڪاليج جي مئگزين ۾ ڇپرايون شاديءَ کان پوءِ هن لکڻ ڇڏي ڏنو ۽ لڳ ڀڳ 28 سال هن ڪجهه به نه لکيو ۾ ايترو وقت گذرڻ کان پوءِ هن ٻيهر لکڻ شروع ڪيو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين انهن ڪتابن ۾ امانت، لوڪرنگ، جون لوڪ ڪهاڻيون، مشڪندڙ گل گلاب جا، مٺا مٺا ٻول، عزت جي چادر، جيون جي خوشبوءِ ۽ منهنجا مٺڙا ساٿيڙا شامل آهن

اعجاز علي خواجه

اعجاز علي خواجه سڄاول ضلعي جو مشهور سياسي ۽ سماجي سرواڻ ۽ اديب رهيو آهي هن 24 آڪٽوبر 1950ع تي حاجي امام بخش خواجه جي گهر ميرپور بٺوري ۾ اکيون کوليون شروع ۾ هن جي سياسي وابستگي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان رهي پر بعد ۾ ممتاز ڀٽي جي سنڌ نيشنل فرنٽ جو حصو بڻجي ويو ۽ پنهنجي سياسي سفر دوران هن کي ڪيترائي پيرا قيد ۽ بند جون صعوبتون به برداشت ڪرڻيون پيون هن جي تحرير ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ 'ٻيئر منهنجو نينهن'، 'ڳالهيون ڪوٽ ڪوڙ جون'، 'ايم آر ڊي جا قيدي' ۽ 'پوءِ علي آبو' (ترجمو) شامل آهن



مختيار انڙ

شهيد عبدالقيوم منگي



سنڌ جي هن سچي قومي ڪارڪن جو جنم 24 آڪٽوبر 1954ع تي شڪارپور ۾ ٿيو هن پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي 1975ع ۾ اسلاميه ڊگري ڪاليج سکر مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين هن جو ننڍي هوندي کان ئي قوم پرستيءَ طرف لاڙو رهيو هو ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو حصو بڻجي ويو ۽ انهيءَ تنظيم ۾ مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيائين قوم پرستيءَ جي تحريڪ ۾ اڳيرو رهڻ ڪري کيس مختلف وقتن تي ٻارهن پيرا جيل ۽ لاڪپ جون تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون سائين جي ايم سيد سان سندس گهرا لاڳاپا هئا. هو شڪارپور ۾ اڪيلي سر شهيد الهه بخش سومري جي ورسي جي پڻ ملهائيندو هو 1987ع واريون بلدياتي چونڊن ۾ مقبول احمد شيخ جهڙي بااثر ماڻهوءَ کي شڪست ڏئي ڪائونسلر چونڊيو تاريخ 4 جون 1998ع تي هو جناح اسپتال جي ڪينٽين تي جسقم جي چيئرمين بشير قريشيءَ سان گڏ چانهه پي رهيو هو ته ڪجهه دهشتگردن سندن مٿان حملو ڪيو انهيءَ حملي ۾ عبدالقيوم منگي سخت زخمي ٿي پيو کيس جناح اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو جتي زخمن جا تاب نه سهندي 22 جون 1998ع تي سنڌ ڌرتيءَ کان هميشه لاءِ موڪلائي ويو

روبينا ابڙو



اڄ مشهور شاعره روبينا ابڙو پنهنجي سالگرهه ملهائي رهي آهي. هن 24 آڪٽوبر 1971ع تي تعلقي باقراڻي ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ڳيريلي ۾ بشير احمد ابڙي جي گهر ۾ اک کولي. ايم اي (سنڌي)، ايم اي (اڪنامڪس) ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين. هن 1991ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو. سندس پهريون شعر عبرت مئگزين ۾ ڇپيو. جيتوڻيڪ هن ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون آهن پر ادبي دنيا ۾ سندس اصل سڃاڻپ هڪ شاعره جي حيثيت ۾ آهي. هن شاعريءَ جي تقريبن سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر سندس غزل، نظم ۽ وايون خاص طور تي ادبي دنيا ۾ پسند ڪيون ويون آهن. سندس شاعري سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي. سوشل ميڊيا تي به سندس شاعريءَ وڏي مڃتا حاصل ڪئي آهي هوءَ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر رهي چڪي آهي.

گلزار ڪلهوڙو پاٽائي



پاٽ شريف سان واسطو رکندڙ هن ليکڪ جو جنم 24 آڪٽوبر 1971ع تي پير بخش ڪلهوڙي جي گهر ۾ ٿيو سندس ڇڻيءَ جو نالو غلام حيدر ڪلهوڙو آهي مئٽرڪ تائين تعليم پاٽ شريف ۾ ٿي حاصل ڪيائين ٻارهين ڪلاس جو امتحان استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيٽ ٿيو عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين هن 1994ع ڏري ادبي ڪيٽر ۾ پير پاتو هن ٿي پاٽ شريف ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ کولي ۽ پاڻ اُنهيءَ جو پهريون سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين هو سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جو به سرگرم ميمبر رهيو هن جو ڪتاب 'پاٽ شريف تاريخ جي آئيني ۾' 2018ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هڪ اديب ۽ استاد هجڻ سان گڏ هو هڪ سٺو اسٽيج اداڪار به رهيو آهي ۽ ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاري چڪو آهي

زخمي چانڊيو



اڄ مشهور شاعر زخمي چانڊيي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم پهرين مئي 1961ع تي ڏکڻ ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو سندس اصل نالو ڄام خان ولد مولابخش چانڊيو هو. مئٽرڪ جو امتحان ڏکڻ مان ۽ انٽر جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي (اسلامي ڪلچر) جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول ٽيچر طور ڪيائين تعليم کاتي ۾ سپروائيزر طور به ڪم ڪيائين هن 1984ع ۾ شاعري شروع ڪئي هو سنڌي ادبي سنگت سميت ڪيترن ئي ٻين ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان واڳيل رهيو سندس ڇپيل شاعريءَ جي ڪتابن ۾ 'شهر شهر زخمي'، 'ڏاڍو سارينديون' ۽ 'منهنجي مٽي ڪان پوءِ' شامل آهن هن کي 24 آڪٽوبر 2000ع تي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو.

عبدالقيوم صائب



اڄ مشهور شاعر ليکڪ ۽ قانوندان عبدالقيوم صائب جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو نبي بخش پيرزادي جي گهر 27 جولاءِ 1927ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو سندس ڇڻيءَ جو نالو محمد عرس هو هن مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو ٻارهين ڪلاس جو امتحان سٽي ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد لا ڪاليج مان قانون جي سند حاصل ڪيائين هن فارسيءَ جي تعليم عبدالرئوف بختيارپوري ۽ عبدالله بسمل ٽڪڙائيءَ کان حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات حيدرآباد ۾ هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪيائين هن کي ننڍپڻ کان ئي شاعريءَ جو شوق هو شاعريءَ ۾ ڊاڪٽر ابراهيم خليل کان اصلاح وٺندو هو شاعريءَ ۾ پهريائين 'راهب' ۽ پوءِ 'صائب' لقب اختيار ڪيائين 'جميعت الشعراءِ سنڌ' ۽ 'بزم خليل' پاران منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ باقاعدگيءَ سان شرڪت ڪندو هو شاعريءَ سان گڏ هو هڪ هاڪارو ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مضمون نگار ۽ سنڊيڪار هو هن لڳ ڀڳ ويهه ڪتاب لکيا. تاريخ 24 آڪٽوبر 2018ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر 735 سال 2026

منصب مظهر ولد مظهر علي رهندڙ گهر نمبر A-74 عبدالله پليسنگ قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. مسمات ثانيه ڌيءُ نصرالله رهندڙ گهر نمبر E-93 گلستان سجاد قاسم آباد ضلعو حيدرآباد ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ريسٽوريشن اف ڪانجوگل رائيٽس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II حيدرآباد
(روبرو جناب سجاد احمد ڪوسو)
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 145 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 1930 سال 2025

مسمات ڪائنات ڌيءُ امير بخش ماڇي رهندڙ انڌي جي موڙي نزد هٽڙي پوليس اسٽيشن حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. آصف علي ولد غلام قادر رهندڙ ڳوٺ عبدالواحد برڙو تعلقو سعيد آباد ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 ويسٽ پاڪستان فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/ فيملي جج II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 402 سال 2026

مسمات سڪينه ..پلينٽف ...بخلاف.. ارشاد علي ولد عبدالستار ذات جتوئي رهندڙ وزير ڳوٺ نمبر ڪراچي بلاڪ بي ڪراچي سينٽرل ڪراچي 03011070491 ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم III ميرپورخاص
(روبرو جناب عرفان علي)
فيملي سوٽ نمبر 16 سال 2026
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر 12 سال 2026

مسمات نويده ڌيءُ علي شير رهندڙ ڳوٺ ڀاڪتن عبدالجبار بي او هنگورنو تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف ...بخلاف.. محمد فياض ولد محمد انور رهندڙ گهر نمبر 313 اسٽريٽ 75 شيرشاهه ڪالوني محمدي روڊ بلاڪ بي ڪراچي ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن زير قلم 21 رول 11 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم III ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينيئر سول جج ڏگهڙي
(روبرو جناب غضنفر عباس)
ايف سي سوٽ نمبر 84 سال 2026

(1) شبير احمد (2) الله رکيو (3) سيد خان سڀ پٽ طيب ذات ڪلوڙي رهندڙ ڳوٺ شير محمد ڪلوڙي تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) مختيارڪار روينيو تعلقو جهڏو (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج... ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن اينڊ ميڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سينيئر سول جج ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ اپيليٽ ڊسٽرڪٽ جج MCAC II ميرپورخاص
سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2026

مير فتح خان ولد مير لقمان خان ذات ٽالپر رهندڙ وارڊ نمبر 01 مير محلو جهڏو تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص..ايپليڪينٽ ..بخلاف.. (1) مير جاويد خان ولد مير لقمان خان (2) مير فاروق خان ولد مير لقمان خان (3) مير آفتاب خان ولد مير لقمان خان (4) مئنيجر يو بي ايل جهڏو برانچ (5) مئنيجر ميزان بينڪ ڏگهڙي برانچ (6) اسسٽنٽ ڊائريڪٽر نادرا ميرپورخاص (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. ريسپونڊنٽس

معين ريسپونڊنٽس ڏانهن

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي رقم چاڙي آهي فوتي مير علي نواز ولد مير حاجي فتح خان يو بي ايل جهڏو برانچ ۽ ميزان بينڪ ڏگهڙي برانچ ۾ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 27-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

اپيليٽ ڊسٽرڪٽ جج MCAC II ميرپورخاص

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي هن عام اطلاع ذريعي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته نالي غلام عباس ولد علي نواز خاصخيلي طرفان هن آفيس ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي آهي ته سندس والد علي نواز خاصخيلي ولد حاجي جتوئي فوت ٿي ويو آهي. فوتي جي وارثن جي حوالي سان معززين جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن. جن موجب فوتي جا جائز ۽ شرعي وارث هيٺيان آهن محمد موسىٰ ولد علي نواز (پٽ) غلام حيدر ولد علي نواز (پٽ)غلام عباس ولد علي نواز (پٽ) ذوليخا (ڌي)وارث نوري (ڌي/وارث) زينب (ڌي/وارث) زمين جا تفصيل سروي نمبر: 381، 384، ايراضي 16 ايڪڙ 10 گهنٽا ملڪيتو: تعلقو ٽنڊوباگو. ضلعو بدين (ديهه ڏگهو / تپو ڏاڏاهو)اعتراض لاءِ هدايت:معين ظاهر ڪيل وارثن يا زمين جي ڪاتي تبديل ڪرڻ بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض، اختلاف يا دعويٰ هجي، ته هو هي اطلاع شايع ٿيڻ (يا نوٽيس جاري ٿيڻ) کان پوءِ مقرره مدت (7 ڏينهن) جي اندر پنهنجو لکيت اعتراض مختيارڪار جي آفيس ۾ پيش ڪري. مقرره مدت گذرڻ بعد ڪنهن به اعتراض ٻڌو نه ويندو ۽ قانون مطابق فوتي ڪاتو معين ظاهر ڪيل وارثن جي نالي تبديل ڪيو ويندو.

مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو باگو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي نعيم حيدر ولد شوڪت علي درخواست ڏني آهي ته نالي شوڪت علي ولد حسن علي جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه پانڊار تپو بدين تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 217_219_220 بين ۾ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام اسڪائز ون سول ڪرائي ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي شوڪت علي ولد حسن علي جي جائز وارثن جا نالا وارثن جا 1 نعيم حيدر پٽ فوتي جو 2 حسنين علي پٽ فوتي جو 3 مسمات روماڻ محمود رضا تيجاڻي ڌي فوتي جي 4 مسمات ساجده نوشاد علي مرچنٽ ڌي فوتي جي 5 مسمات حنا فاطمه ڌي فوتي جي 6 مسمات نرگس بانو زال فوتي جي فوتي جي ڌي نالي مسمات شباڻ ڪريم فوتي کان اڳ گذاري وئيل آهي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن ۾ ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ اچي پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو ٻيو ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هرعام وخاص ماڻهن کي اطلاع ٿو ڪجي ته ڪيل درخواست جمع ڪلهوڙو ويئل خيرپور ناٿن شاهه جو عرض ٿو ڪريان ته منهنجي والد صاحب ولي محمد ولد جمع ڪلهوڙو کي سروي نمبر 141 ايراضي 31-03 ديهه خيرپور جاگير ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪيو وڃي (تفصيل وارثن جو) (1) جمع ولد ولي محمد ڪلهوڙو (پٽ) مٿين وارثن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه وارث وغيره آهي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجا اعتراض اسانجي آفيس ۾ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪي اين شاهه

عام اطلاع

جيئن ته اسان وٽ عرضدار فواد ولد غلام محمد ذات ٽالپر رهندڙ ديهه سوڪي تعلقو ڳولاڙچي تعلقو شهيد فاضل راهو درخواست پيش ڪئي آهي ته سندس والد/ مڙس/ پاءُ/ نالي بي بي سرداران عرف ممتاز بيگم زال غلام محمد کي زرعي زمين بلاڪ / سروي نمبر 468/1.2 ۽ ٻيا ڪل ايراضي 25-97 ايڪڙ ديهه سوڪي تپو مخدوم پور تعلقو شهيد فاضل راهو ضلعو بدين ۾ سندس ڪاتي تي آهي. عرضدارن جي چوڻ موجب ڪاتيدار مسمات بي بي سرداران عرف ممتاز بيگم زال غلام محمد ٽالپر سال ۾ فوت ٿي ويو آهي جنهن جي زمين جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي جي وفات بعد سندس هيٺ ڄاڻايل وارث ظاهر ٿيا آهن وارثن جي اهڙي تصديق ٻن شاهدن جي بيان موجب ڪئي وئي آهي جن پڻ ڏيکاريل وارث ٻڌايا آهن شاهدن جا نالا (1) محمد حسن ولد علي نواز شناختي ڪارڊ نمبر 41102464675853 رهندڙ وارڊ نمبر 04 ڳولاڙچي (2) محمد اشفاق ولد عبدالحميد شناختي ڪارڊ نمبر 4110237044311 رهندڙ چڪ نمبر 3 ڳولاڙچي تعلقو شهيد فاضل راهو فوتي سني مذهب سان واسطو رکندڙ هو ۽ فوتي جاڏيکاريل وارث ٿي آهن ٻيو ڪو به وارث ظاهر نه ڪيو ويو آهي (1) غلام محمد ٽالپر (مڙس) (2) فواد ٽالپر (پٽ) ان لاءِ هن اشتهار ذريعي عام اطلاع ٿو ڪجي ته فوتي ڪاتي ۾ ڪنهن جي دعويٰ هجي يا هو پاڻ کي فوتي جو وارث سمجهندڙ هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ روبرو پيش ڪري يا پنهنجو اعتراض لکت ۾ پيش ڪري يا پنهنجي وڪيل جي معرفت اعتراض پيش ڪري ٻي صورت ۾ فوتي جي ڄاڻايل وارثن ۾ ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته عرضدار نالي رفيق احمد شاهه ولد سيد سچل شاهه رهندڙ ڳوٺ ميرڻ شاهه ويهه تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي لڪاڏنو شاهه تاريخ 13-02-2026تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 201-200 ايراضي حصي موجب ديهه ويهه تپو اي هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) سيد پنهل شاهه (پٽ) (2) رفيق احمد شاهه (پٽ) (3) افروز شوڪت شاهه (ڌي) فوتڻ صابل ڌيءُ لڪاڏنو شاهه مورخ 27-01-2025 تي فوت ٿي وڃي جنهن جا وارث (1) عبدالستار شاهه (پاءُ) جن جي نالي تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي. جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالانڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو.

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

تاريخ پيدائش جي درستگي

جيئن ته هر عام وخاص کي اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته مان اختيار احمد ولد ولي محمد نوناري عرض ٿو ڪريان ته منهنجي پٽ جواد احمد جي اسڪول سرٽيفڪيٽ ۾ غلطي سان تاريخ پيدائش 20-08-2008لکجي وئي آهي. جنهن کي درست ڪري صحيح تاريخ پيدائش 20-8-2009ڪري لکيو پڙهيو وڃي ۽ هي بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

اختيار احمد ولد ولي محمد نوناري ويئل نزد مصطفائي اڪيڊمي جي اسپتال سکر

بقايا 1 روزاني عبرت

تي ڪهرام مچي ويو ۽ وارثن ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي حادثي ۾ زخمي ٿيل ٻئي نوجوان جي حالت پڻ ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي جي سنڌس اينڊ هٽني شادي ٿيڻ واري هئي جنهن سبب سنڌس گهرڀاتي سخت پريشاني ۽ صدمي ۾ مبتلا آهن شهرين مطالبو ڪيو آهي ته ٽريفڪ قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو وڃي ۽ تيز رفتاريءَ سان گڏ رات جي وقت وڏين گاڏين جي تيز روشنين سبب پيش ايندڙ حادثن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. جيئن قيمتي انساني جانيون بچائي سگهجن

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪيم ايس ايڇ او محمد هاشم هڪڙو جي اڳواڻي ۾ ڏوهارين خلاف ڪارروائي دوران ڦورن سان مقابلو ڪيو جنهن دوران هڪ ڦورو گرفتار ڪيو ويو جنهن وٽان موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪئي وئي

بقايا 3 روزاني عبرت

ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پيٽروليم شين تي ليوي ۽ ٻين محصولن سبب مهانگائيءَ جو بار سڌو سنئون عوام تي پوي ٿو جنهن ڪري عام ماڻهو پورهيت، هاري، مزدور ۽ وچولي طبقي جا خاندان سخت معاشي پريشانين جي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سان ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا، کاڌي پيتي جي شين ۽ روزمره جي استعمال جي شين جا اگهه به وڌي وڃن ٿا، جنهن سان غريب عوام جو گذر سفر وڌيڪ ڏکيو بڻجي ويو آهي. حڪمرانن کي گهرجي ته عوام کي مهانگائيءَ مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کڻي ۽ پيٽروليم ليوي بابت عوام دوست پاليسي اختيار ڪن احتجاج ڪندڙ اڳواڻن مطالبو ڪيو ته پيٽروليم ليوي جي بار ۾ گهٽتائي آڻي عوام کي رليف ڏنو وڃي ۽ مهانگائيءَ تي ضابطو آندو وڃي. هنن اعلان ڪيو ته عوامي مسئلن جي حل ۽ مهانگائيءَ خلاف سندن جدوجهد جاري رهندي

بقايا 4 روزاني عبرت

نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي ۽ ايل پي جي مبينا طور مرضي جي اگهن تي وڪري سبب شهرين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي شهرين موجب ايل پي جي وڪرو ڪندڙ ڪن دڪاندارن في ڪلو قيمت وڌائي 520 رپيا ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) پاران آڪٽوبر 2026 لاءِ ايل پي جي جي وڌ کان وڌ صارف قيمت 279 رپيا 34 پئسا في ڪلو مقرر ڪئي وئي آهي. سرڪاري اگهه ۽ مقامي مارڪيٽ ۾ بدايل قيمت وچ ۾ 240 رپيا 66 پئسا في ڪلو جو فرق آهي جنهن تي شهرين ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. گمبٽ سميت آسپاس جي علائقن ۾ گهرو صارف ڪاٺ بچائڻ لاءِ ايل پي جي استعمال ڪن ٿا، پر قيمتن ۾ مبينا واڌ وچولي ۽ غريب طبقي جي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي شهرين جو چوڻ آهي ته اڳ ئي مهانگائي سبب گهرو خرچ پورا ڪرڻ مشڪل ٿي چڪو آهي. اهڙي صورت ۾ ايل پي جي جي قيمتن ۾ غير معمولي واڌ سان روزمره زندگي وڌيڪ متاثر ٿي رهي آهي.

بقايا 5 روزاني عبرت

شمس ميمڻ جي مداخلت ڪانپوءِ نوجوان کي آزاد ڪيو ويو جڏهن ته لاڳاپيل پوليس اهلڪار سجاالدين سيال خلاف ايس ايس پي جي حڪم تي ڪوارٽر گهاٽ ڪرڻ جي تصديق ايس ايڇ او ٻڌائي ابراهيم بوزدار ڪئي آهي. متاثر نوجوان سلمان قريشي، جيڪو روز جي بنياد تي مٽياري کان موٽرسائيڪل تي مڇي کڻي حيدرآباد ايندڙ ويندڙ آهي ٻڌائي پوليس جي اهلڪارن طرفان طالب المولي ڪالوني وٽ موجود هو. پوليس اهلڪارن ڪيس روڪي سنڌس تلاشي ورتي جنهن دوران سنڌس کيسي مان روڪ رقم کڻڻ دوران مزاحمت تي ڪيس مبينا طور تشدد جو نشانو بڻايو ويو نوجوان موجب، واقعي ڪانپوءِ هن پنهنجي ويجهي دوست ايڊووڪيٽ شاهد شمس ميمڻ سان رابطو ڪيو سينئر وڪيل پاران معاملي بابت لاڳاپيل اهلڪار سان رابطو ڪرڻ تي مبينا طور بدتميزي ڪئي وئي ۽ هڪ اهلڪار سجاالدين سيال طرفان پاڻ کي هڪ معزز جسٽس جو سڳو ڀاڻيجو ظاهر ڪندي وڪالت جو لائسنس رد ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون شڪايت ۾ اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته لاڳاپيل اهلڪار پاڻ کي هڪ جج جو ويجهو مائٽ ظاهر ڪندي دعويٰ ڪئي ته هو ڪنهن به وڪيل جو لائسنس رد ڪرائي سگهي ٿو ايڊووڪيٽ شاهد شمس ميمڻ پاران ٻڌائي ٿاڻي جي ايس ايڇ او ابراهيم بوزدار سان رابطو ڪري معاملي جي شڪايت ڪرڻ ڪانپوءِ نوجوان کي آزاد ڪيو ويو واقعي بابت رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او ٻڌائي واقعي بابت ٻڌايو ته ايس ايس پي جي حڪم تي لاڳاپيل اهلڪار کي ڪوارٽر گهاٽ ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي متاثر نوجوان سلمان قريشي الزام هڻندي ٻڌايو ته مون کان 50000 روڪ رقم ڦر ڪئي وئي ۽ موبائل فون روڊ تي اڇلائي ڏنو ويو جيڪو مڪمل طور تي ڀڄي پيو آهي هن ايس ايس پي حيدرآباد ۽ اعليٰ اختيارين کا انصاف جي گهر ڪئي آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

روجهاڻ جمالي جو رهواسي مقصود جمالي مارجي ويو واقعي کان پوءِ حد جي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو جتي مقتول جا وارث پهتا جن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته وڏيري بهرام کوسو اسان مقصود جمالي کي پنهنجي ڪوٽ ۾ گهرائي بيگناهه قتل ڪيو آهي. هنن الزام مڙهيندي چيو ته وڏيرو بهرام کوسو اسان جو ڪارو آهي جيڪو نه پيو ڏئي ۽ ويتر اسان جي همراهه کي قتل ڪيو آهي ٻئي پاسي وڏيري بهرام کوسو پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته مقصود جمالي پهريان به مون کي اغوا ڪري چڪو آهي ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي ساٿين سان گڏجي مون کي اغوا ڪرڻ لاءِ آيو ۽ مزاحمت ڪرڻ تي هو پنهنجي ساٿين جي فائرنگ ۾ ئي مارجي ويو آهي جنهن جا 4 ساٿي فرار ٿي ويا آهن ٻنهي ڌرين جي هڪٻئي مٿان الزامن کان پوءِ ايس ايس پي جيڪب آباد فيضان علي واقعي جو نوٽيس وٺندي پنهنجي ٽيم سان گڏجي ٿل ۾ واقعي واري هنڌ پهچي ويو ۽ ٻنهي ڌرين کان بيان وٺڻ بعد جاءِ واردات جو معائنو به ڪيو جنهن بعد ايس ايس پي پاران واقعي جي اصل حقيقت تائين پهچڻ لاءِ جاچ ڪاميٽي جوڙي وئي آهي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي فيضان علي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته وڏيرو بهرام کوسو کي ڪجهه عرصو اڳ اغوا به ڪيو ويو هو ڌرين وچ ۾ مسئلو هلندڙ هو ۽ اوچتو هي قتل وارو واقعو پيش آيو آهي جنهن جي صحيح نموني جاچ ڪئي ويندي ته جيئن ڪنهن به ڌر سان ناجائزي نه ٿئي آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ڪري سگهيو هو

بقايا 7 روزاني عبرت

۽ ويو آهي جيڪو يونيورسٽي ۽ علمي شعبي لاءِ فخر جوڳو اعزاز آهي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي رجسٽرار پاران 23 آڪٽوبر 2026ع تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن نمبر ESTT/2033/2026of موجب، يونيورسٽي جي سنڊيڪيٽ جي 114هين اجلاس ۾ منظور ڪيل قرارداد نمبر 114 (Synd)-08 ۽ اسڪروٽني ڪميٽي جي سفارش جي روشنيءَ ۾ وائيس چانسلر پاران ڊاڪٽر حبيب الله مگسي کي سال 2026ع لاءِ بهترين يونيورسٽي استاد جو ايوارڊ ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي ڊاڪٽر حبيب الله مگسي زرعي سماجي سائنسز فيڪلٽي جي زرعي معيشت واري شعبي ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ڪين هي اعزاز تدريس، تحقيق ۽ علمي سرگرمين ۾ شاندار ڪارڪردگيءَ جي اعتراف طور ڏنو پيو وڃي ايوارڊ ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ سان گڏ هڪ لک رپيا نقد انعام پڻ شامل آهي جيڪو سندن علمي قابليت، محنت ۽ يونيورسٽيءَ جي تعليمي ميدان ۾ خدمتن جي مڃتا آهي ڊاڪٽر حبيب الله مگسي جي هن ڪاميابيءَ کي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام لاءِ اعزاز ۽ فخر جو سبب قرار ڏنو پيو وڃي يونيورسٽي انتظاميا پاران پڻ کيس هن اهم ڪاميابيءَ تي مبارڪباد پيش ڪئي وئي آهي ڊاڪٽر حبيب الله مگسي کي ملندڙ هي اعزاز نه رڳو سندن ذاتي علمي ڪاميابي آهي پر يونيورسٽيءَ جي تدريسي ۽ تحقيقي ماحول ۾ محنت، قابليت ۽ علمي خدمتن جي اهميت جو پڻ عڪاس آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

ٽيڪس مهانگائي بجلي ۽ گئس جي بلن ۾ ناجائز ٽيڪسن ۽ روزمرهه جي استعمال وارين شين جي قيمتن ۾ واڌ خلاف جماعت اسلامي پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو.مظاهري جي اڳواڻي جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير محمد افضل آرائين ڪئي.

بقايا 9 روزاني عبرت

سوڍو ظاهر ناهي ڪيو اسان سان زيادتي ٿي آهي ياد رهي سمان برادري ڦر زمين جي مالڪي جي دعوي جو مسئلو هلندڙ آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

پير پڪوڙي لعل جي ريگستاني علائقي ۾ رهندڙ پورهيت سورڙو محمداڻي جا ٻه جوان پٽ گردن جي بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ بعد سندس علاج جي سگهه نه هجڻ ڪري گهر ۾ ئي بغير علاج جي تڙپي تڙپي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته علائقي ۾ سوڳ واري لهر ڇانيل آهي ان سلسلي ۾ علائقي واسين ۽ وارثن جو چوڻ هو ته ڊي ايڇ او گهوٽڪي راڻو آفتاب ضلع ڪائونسل چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي فلاحي تنظيمن جي اڳواڻن سميت سالانه ڪروڙين رپيا منافعو ڪمائيندڙ ساڙي پيٽروليم گيس ڪمپني اينگرو يوريا ۽ ٻين صنعتي ادارن جي انتظاميه گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن کي پنڌرهن مهينن تائين منٿون ڪندو رهيس پر ڪوبه ڪوتيل نه ڪئو جنهن سبب منهنجا ٻچڙا سائين بخش عمر 24 سال ۽ ٻيو اشرف علي محمداڻي تڙپي تڙپي اکين جي آڏو فوت ٿي ويا آهن فوتين جي وارث والد سورڙو محمداڻي جو وڌيڪ چوڻ هو ته پنهنجي پٽن جي علاج لاءِ در در تي زندگيءَ جي خيرات گهري، اکين مان لڙڪ لاڙيندي ڊي سي گهوٽڪ چونڊيل نمائندن سميت هر سال ڪروڙين روپين جي بجيٽ کي رهڙو ڏيندڙ ڊي ايڇ او گهوٽڪي راڻو آفتاب ۽ مخير حضرات کي مدد جي اپيل ڪئي پر ڪنهن مدد نه ڪئي هنن صنعتي ادارن جي انتظاميه گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلع ڪائونسل چيئرمين بنگل خان مهر وائيس چيئرمين ضلع ڪائونسل گهوٽڪي ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته خدا را اڳ فوٽو سيشنن مان فارغ ٿيڻ ته غريبن جي ۾ سار لهن ته جيئن ٻيهر ڪنهن غريب جا جوان پٽ علاج کان بغير تڙپي مرڻ کان بچي سگهن

بقايا 11 روزاني عبرت

جو بند، بل ڏيندڙ صارفين به عذاب ۾ مبتلا جي گهر تفصيل موجب مسيرڳوٺ جي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي حيسڪو مٽياري ايس ڊي او پاران سوين ڳوٺن جي سجو سجو ڏينهن بجلي بند ڪرڻ روزانا جو معمول بڻيل بجلي ناجائز بند ڪرڻ واري عمل خلاف علائقي واسين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي رهواسين جو چوڻ آهي ته بجلي بند ڪري علائقي واسين کي سزا ڏني پئي وڃي جنهن سبب عورتن ٻارن بزرگن ڪاروباري ماڻهن ۽ شاگردن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي علائقي واسين موجب جيئنڊل ڪوٽ فيڊر سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ڳوٺن جي بجلي ڊگهي وقت تائين بند رهڻ سبب روزاني زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي جڏهن ته پاڻي جي فراهمي، ننڍا ڪاروبار زرعي سرگرميون ۽ ٻيا ضروري ڪم پڻ متاثر ٿي رهيا آهن علائقي واسين جوچوڻ آهي بجلي فراهم ڪندڙ اداري جي انتظامي ناڪاميءَ جو بار عام صارفين تي وجهڻ ناقابل قبول آهي. علائقي واسين وڌيڪ چيو ته بجلي بندش سبب سخت گرمي ۾ ٻار ۽ بزرگ پريشان آهن جڏهن ته رات جي وقت به اڪثر سمورا ڳوٺ اونداهي ۾ ٻڏل رهن ٿا. ڊگهي بندش سبب عوام ۾ بيچيني وڌي رهي آهي بجلي بحال نه ڪئي وئي ته احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي. رهواسين حيسڪو چيف ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بجلي جي بنيادي ضرورت آهي ان معاملي ۾ هتان چونڊيل نمائندا خاموشي بدران عملي قدم کڻي عوام کي هن اذيت مان نجات ڏيارين

بقايا 12 روزاني عبرت

بخش ٿيبو ٽرانسپورٽ اتحاد جي اڳواڻن حيدر بخش کوسو ايڊووڪيٽ جمشيد کوسو الياس کوسو جسقم اڳواڻ گلشير کوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي ڪڍي 40 ڪلوميٽر مارچ ڪري لاکڙا ڪوئلا زون آفيس آڏو جلسو منعقد ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته لاکڙا ڪول فيلڊ ۾ ڪوئلي جي في ٽرڪ کان 27 هزارن تان غيرقانوني رائلٽي ٽئڪس ورتي وڃي ٿي جيڪا قانون موجب ڪمپني مالڪن کي ادا ڪرڻ گهرجي پر لاکڙا ۾ زبردستي رقم وصول ڪئي وڃي ٿي جنهن سان سنڌن وڏو نقصان ٿي رهيو آهي مهانگائي جي دور ۾ ڪيترن هنڌن تي ٽول ٽئڪس ڏيڻي پوي ٿي وڌيڪ بار وجهڻ سبب گاڏين جون قسطون ادا نه ٿا ڪري سگهون جنهن سبب روزگار کسجڻ جو خدشو پيدا ٿيل آهي هنن وڌيڪ چيو ت آواز اٿارڻ تي دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا جنهن عمل خلاف 31 آڪٽوبر تي خاصائي وٽان انڊس هاءِ وي مطالبن جي مڃتا تائين بلاڪ ڪنداسين

بقايا 13 روزاني عبرت

ڇڏي آهي درخواست ۾ غلام زهره موقف اختيار ڪيو آهي ته منهنجي شمن علي ميرالي سان شادي ٿيل آهي شمن علي ميرالي سان مون کي نياڻي جاولاد آهي شمن علي ميرالي مون کي چيو ته جيستائين گهر تيار ٿئي ان وقت تائين پنهنجي مائٽن ۾ رهائش اختيار ڪر جنهن ٿي گهر تيار ٿيندو ته توکي گهر ۾ رهائيندس ان کي هڪ سال جو وقت ٿي ويو آهي مون کي خرچ نٿو ڏئي جنهن سبب منهنجي نياڻي جي تعليم متاثر ٿي وئي آهي مون ڪافي دفعا شمن علي ميرالي سان رابطو ڪيو آهي پر مون کي خرچ ڪونه ٿو ملي جنهن ڪري عدالت ۾ پهتي آهيان ٻئي طرف گلوڪار شمن علي ميرالي جو چوڻ آهي ته هي گهريلو مسئلو آهي جنهن کي اسان پاڻ ۾ حل ڪري ڇڏينداسين

بقايا 14 روزاني عبرت

پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي پريس ڪانفرنس ڪئي پريس ڪانفرنس دوران وارثن ۽ سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن الزام هنيو ته مهڪ ملاح جي قتل واري واقعي ۾ رڪشا ڊرائيور رضا چانڊيو ۽ احمد جمالي ملوث آهن هنن چيو ته پوليس رضا چانڊيو کي وقت سر گرفتار نه ڪيو جنهن سبب هن ضمانت ڪرائي ورتي جيڪا پوليس جي نااهلي آهي جڏهن ته پوليس تحقيقات ۾ ڏوهارين کي بچائي رهي آهي جنهن سان هن کي فائدو پهچي رهيو آهي هنن چيو ته آئي جي سنڌ ۽ ٻيا پوليس عملدار هن معاملي جي صاف شفاف جاچ ڪري پوسٽ مارٽم رپورٽ سميت مقتولا ۽ ملزم جي موبائيل جي رپورٽ جاري ڪن ته جيئن حقيقت سامهون اچي سگهي هنن الزام هنيو ته ايس ايڇ او ڄامشورو زاهد جهيتيال قتل جي هن مقدمي ۾ ڏوهاري کي فائدو پهچائي رهيو آهي جنهن تي اسان عدم اعتماد جو اظهار ڪيون ٿا جنهن کي هٽائي ڪنهن ايماندار آفيسر کي مقرر ڪيو وڃي مقتولا جي امڙ موجب منهنجي ڌي اسان جي پڙوسي سان گڏ رڪشا ۾ ويٺي هئي جنهن تي اسان جو پورو اعتماد آهي پر هن جي ڊرامي مان اسان شڪ ۾ آهيون ته اسان جي ڌي سان غلط ٿيو آهي . هنن انصاف جي گهر ڪئي آهي .

بقايا 15 روزاني عبرت

ريلي جي اڳواڻي ڪندڙ سماجي تنظيم ماتلي اتحاد جي صدر رفيق ميمڻ ۽ ٻين ۽ ٻين ڏانهيون ته گذريل ڪيترن ئي عرصي کان ماتلي جا شهري گهريلو گئس جي اڻ هوند ۽ گهٽ پريشر واري عذاب مان گذري رهيا آهن هنن چيو ته روزانو 12 کان 16 ڪلاڪن جي لوڊ شيڊنگ سبب شهري سخت ذهني دٻاءَ جو شڪار ٿي ويا آهن صبح جو اسڪولي ٻارڙا شاگرد بنان ناشتي جي اسڪول ۽ نوڪريون ڪندڙ به پيٽ بکئي پنهنجي آفيسن ۾ وڃن ٿا هنن ڏانهيون ته ان جي باوجود صارفين کي ڳرا بل ڏنا ٿا وڃن . مظاهرين گهر ڪئي ته گئس جي غير اعلانيل لوڊ شيڊنگ ختم ڪري وڌا بل ڏيڻ بند ڪيا وڃن

بقايا 16 روزاني عبرت

جي ڪوٽ جنم وٺي چڪو آهي ۽ نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿيڻ لڳي آهي ٻئي طرف جاڇو ذريعن مان مليل ڄاڻ موجب ايس ايم سي فنڊ، ڪانٽيجنسي ۽ اسپيسيفڪ بجيٽ ۾ خردبرد جا به اطلاع ملي رهيا آهن جنهن بابت اعليٰ شڪايتون پڻ سامهون آيون آهن پر اعليٰ اختيارين تمام مسئلن تي پراسرار طور خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي. ٻڌايو وڃي ٿو ته اسڪول جي هيڊ مسٽريس مقامي نه هجڻ جي ڪري اڪثر عملو ويزا تي ويل آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو صحافي محمد عظيم سيال جي اغوا ۾ ملوث جوابدارن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي چيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو آءِ جي سنڌ وڌيڪ چيو ته صحافين جي تحفظ ۽ کين انصاف جي فراهمي لاءِ ڏوهارين خلاف قانون موجب سخت قدم کنيا ويندا ۽ صحافين جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. هوڏانهن صحافي محمد عظيم سيال بازيابي لاءِ ڪوششون ڪرڻ تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو جا ٿورا مڃيندي اميد ظاهر ڪئي ته سنڌس اغوا ۾ ملوث جوابدارن ۽ سهولتڪارن خلاف جلد قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 18 روزاني عبرت

ڳوٺن تونڙي اسڪول ڏانهن ويندڙ رستن تي پکڙجڻ سبب روزاني زندگي ۽ تعليمي سرگرميون سخت متاثر ٿيون آهن جڏهن ته زرعي زمينون پڻ پاڻيءَ جي ليپيٽ ۾ اچڻ سبب آبادگارن ۾ سخت ڳڻتي ڇانئجي وئي آهي هنن وڌيڪ چيو ته سم نالي جي بروقت ڪاٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ سبب پاڻيءَ جي نيڪال جو نظام سخت متاثر ٿي ويو آهي، جنهن ڪري ڳوٺاڻن کي اچ وڃ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جڏهن ته اسڪول ويندڙ شاگردن جي تعليم پڻ متاثر ٿي رهي آهي.

بقايا 19 روزاني عبرت

اتحاد پاڪستان جي اڳواڻن چيف سردار سجاد حسين سومرو جي اڳواڻيءَ ۾ پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي بک هڙتال ڪئي احتجاج ڪندڙن قتل جو ڪيس داخل ڪرڻ، واقعي جي عدالتي جاچ ڪرائڻ ۽ ملوث جوابدارن جي گرفتاريءَ جو مطالبو ڪيو بعد ۾ چيف سردار سجاد حسين سومرو جي خاطريءَ تي بک هڙتال ختم ڪئي وئي ان موقعي تي سومرا اتحاد پاڪستان سنڌ جي صدر نظير احمد سومرو مرڪزي سيڪريٽري محمد مٺل سومرو صوبائي سيڪريٽري حاجي عبدالستار سومرو ضلعي حيدرآباد جي صدر نواب خان سومرو ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي.

سهولتون فراهم ڪرڻ، بجلي جا بل وقت سر پهچائڻ ۽ اداري جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ پڻ شامل آهي ان سلسلي ۾ اڄ هڪ اهم سنگ ميل حاصل ڪيو ويو آهي. جنهن تحت لڳ ڀڳ 35 سالن کان پوءِ پهريون ڀيرو ميرپورخاص سرڪل جي بلنگ ۽ بلن جي ڇپائيءَ جي مڪمل عمل کي الڳ ۽ خودمختيار بڻايو ويو آهي هن چيو ته ان کان اڳ حيدرآباد، ميرپورخاص لاڙ سرڪلز جي بلن جي ڇپائيءَ جو عمل هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هو جيڪڏهن ڪنهن هڪ علائقي جي ڪجهه بلن جو ڊيٽا اپڊيٽ نه هوندو هو ته لاڳاپيل بيچ جي ڇپائيءَ ۾ دير ٿي ويندي هئي، جنهن سبب بلن جي وقت سر پهچائڻ وارو عمل متاثر ٿيندو هو هن ميرپورخاص سرڪل جي بلنگ ۽ ڇپائيءَ جو نظام الڳ ڪرڻ سان هاڻي هن سرڪل جا بل آزاداڻي طور تي تيار ۽ ڇاپي سگهبا. هن قدم سان ميرپورخاص جي اداري لک کان وڌيڪ صارفين کي فائدو پهچڻ جي اميد آهي ۽ کين اڳ جي ڀيٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن اڳ بجلي جا بل ملڻ جا امڪان آهن جڏهن ته ڪجهه حالتن ۾ ان کان به وڌيڪ وقت جي بچت ٿي سگهندي، جنهن سان صارفين کي بل ادا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ مهلت ملندي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هن ڪاميابيءَ تي چيف ڪمرشل آفيسر ذڪي مختيار، ڊي جي ايم آءِ ايس نادر علي خشڪ، سي سي ايم ايس جي سربراهه عنبر شاهه، سپرنٽنڊنگ انجنيئر ميرپورخاص ۽ سندن سمورين ٽيمن کي مبارڪباد ڏيندي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته اها ڪاميابي گڏيل ڪوشش، باهمي سهڪار ۽ مؤثر ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي جيڪو ڊگهي عرصي کان جاري ڪم کان پوءِ اڄ عملي صورت اختيار ڪري ويو آهي. حيسڪو انتظاميا صارفين کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي "روشنيءَ جي سفر" تحت زيرو لوڊشيڊنگ فيڊرز قائم ڪرڻ سان گڏ بلنگ، انتظامي معاملن ۽ سروس ڊليوري ۾ پڻ بهتري آندي پئي وڃي انهن قدمن جو بنيادي مقصد صارفين کي سهولت فراهم ڪرڻ، اداري جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ بجلي جي فراهمي توڙي بلنگ جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

مقامي هال ۾ ڪوئايل ڪانفرنس ۾ پ پ، ايم ڪيو ايم، جماعت اسلامي، جي يو آئي، ايم ڪيو ايم پاڪستان سني تحريڪ سميت صحافين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي اڳواڻن چيو ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ڪوارٽر بجيٽ ڪروڙين روپيا هجڻ باوجود اسپتال ۾ صحت جون سهولتون ناهن علاج لاءِ ايندڙ مريضن کي دربدر ڪيو وڃي ٿو ڪروڙين روپين جي بجيٽ رکندڙ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ريفر سينٽر بڻجي چڪي آهي جڏهن ته ڪتي ڪاٽڻ جي درست ويڪسين نه لڳڻ سبب تازو ٻه ماڻهو حياتي وڃائي ويٺا آهن هنن چيو ته شهرين کي بهتر علاج نه ملڻ ڪري پرائيوٽ اسپتال توڙي ٻين شهرن ۾ وڃڻو پئي ٿو جڏهن ته اسپتال ۾ صفائي سترائي نه هجڻ سميت پيئڻ جو صاف پاڻي به مهيا نٿو ڪيو وڃي ٽي بي ۽ هيپاٽائيٽس جا مريض دوا وٺڻ لاءِ رلڻ جو شڪار بڻيل آهن پر ڪير پڇڻ وارو ناهي ان موقعي تي ڪتي ڏاڙهڻ سبب فوت ٿيندڙ ماڻهن جي وارثن ڏانهيندي چيو ته اسپتال ۾ وقت سر ۽ بهتر علاج ملي ها ته اسان جا ماڻهون فوت نه ٿين ها ڊي ايڇ ڪيو ۾ ڪتي ڏاڙهڻ جي ويڪسين مريض تي ڪو اثر نٿي ڪري مريض ويتر خراب ڪنڊيشن طرف هليو ٿو وڃي اسپتال ۾ جيڪو به مريض وڃي ٿو انهي کي ساڳيون دوائون ڏئي روانو ڪيو ٿو وڃي هنن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ٿيندڙ ڪروڙين رپيا ڪرپشن ۽ بي ضابطگين جو نوٽيس وٺي ملوث عملدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري عوام کي بهتر علاج مهيا ڪري انصاف ڪيو وڃي ان موقعي تي ايڊووڪيٽ سيد معشوق علي شاهه . ايڊووڪيٽ محمد حڪيم مستوئي . ايڊووڪيٽ عبداللطيف ٿيبو. ايڊووڪيٽ محمد سڪندر داؤدپوٽو ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 22 روزاني عبرت

يونيورسٽي جيڪب آباد جي شاگردن جي سخت ضرورت آهي چونڊيل نمائنده ۽ سنڌ حڪومت شاگردن جي يونيورسٽي واري مطالبي تي نظرثاني ڪن ۽ جيڪب آباد کي جلد کان جلد يونيورسٽي فراهم ڪن. هنن چيو ته جيڪب آباد ۾ يونيورسٽي هجڻ سان شاگردن کي وڏو فائدو ٿيندو ۽ اعليٰ تعليم پرائڻ ۾ شاگردن کي ڪا تڪليف درپيش نه ايندي، جڏهن ته روزگار ۾ به اضافو ٿيندو

بقايا 23 روزاني عبرت

زمان ماڇوٺو شامل هئا ان موقعي تي وسيم پاهي ٻڌايو ته ٽورناميٽ جاري آهي جنهن جو 15 نومبر تي سائنس ڪاليج سڪرنڊ ۾ فائنل کيڏيو ويندو جڏهن ته مهمان خاص همدرد آرگنائيزيشن جو باني چيئرمين گل محمد رند هوندو جڏهن ته همدرد سپورٽ پروگرام جو چيئرمين قاضي جاويد سنائي ۽ همدرد هائوس جو ترجمان فهيم ڪاهي اعزازي مهمان هوندا اجلاس ۾ گل محمد رند اعلان ڪيو ته هن ٽورناميينٽ ڪانپوءِ سنڌ ۽ بلوچستان جي اڳوڻي چيف سيڪريٽري ڪي بي رند جي ياد ۾ ضلعي سطح تي ٽورناميٽ ڪرايو ويندو اجلاس ڪي همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي ٻڌايو ته ضلعي ٽورناميٽ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ٽيمون فهيم پاهي ۽ امير گل رند سان رابطو ڪري سگهن ٿيون اجلاس ۾ اقبال رند ، مير حسن رند ، ڏٽي بخش مگسي ۽ ڪامل رند پڻ موجود هئا

بقايا 24 روزاني عبرت

لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ 6، 6 قيد ڪاٽيندا. ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ۽ منشيات جي روڪٿام جي خصوصي جج عبدالنعيم ميمڻ جي عدالت ۾ پير شير ايٽ عاقل ٿاڻي تي داخل منشيات ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جتي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت 3 جوابدارن عبدالقديم پٺاڻ سيد علي پٺاڻ ۽ عارف سڪندر ٽنيو کي عمر قيد ۽ 5، 5 لک روپيا ڏنڊ جهڙي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ جوابدار وڌيڪ 6، 6 قيد ڪاٽيندا. ياد رهي ته گذريل 24 جنوري 2026 تي پير شير ايٽ عاقل ٿاڻي جي پوليس حد جي عاقل برج واري علائقي ۾ چيڪنگ دوران ٽرڪ تي ڇاپو هڻي ٽرڪ مان 10 من ڀنگ هٿ ڪري ٽنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو هو جنهن کان پوءِ پوليس سرڪار جي فرياد تي گناهه نمبر 2026/03 سنڌ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽنسز ايڪٽ 2025 تحت اهڙو ڪيس داخل ڪري ٽنهي جوابدارن کي جيل اماڻي ڇڏيو هو هوڏانهن سزا بعد ٽنهي جوابدارن کي پوليس لاڙڪاڻو سينٽرل جيل منتقل ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

هڪ عورت مسمات جندل شامل آهن جيڪي سخت زخمي ٿي پيا واقعي ڪانپوءِ زخمين کي ترت طبي امداد لاءِ رورل هيلٿ سينٽر (RHC) هنگورجا منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد ڏني وئي. هنگورجا پوليس ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا 26 روزاني عبرت

سرڪاري اگهن جي فهرست نمايان هنڌن تي لڳل نه هجڻ ۽ انتظامن ۾ کوٽ سبب ڏنڊ لاڳو ڪيا. ڪارروائي دوران 50 هزار رپين کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو جڏهن ته هڪ ميڊيڪل اسٽور کي سيل پڻ ڪيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر غيرقانوني حددخليون قائم ڪندڙ ماڻهن کي فوري طور حددخليون ختم ڪرڻ جي هدايت ڪندي خبردار ڪيو ته عوام جي اچ وڃ ۾ رنڊڪون پيدا ڪندڙ ۽ سرڪاري ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته وڏي وزير سنڌ ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو جي هدايتن تي سرڪاري اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ ۽ حددخلين جي خاتمي لاءِ ڪارروايون شروع ڪيون ويون آهن. جيڪي اڳتي به جاري رهنديون ڪارروائي دوران اسسٽنٽ مختيارڪار پرويز ڪوريجو بلال سولنگي ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 27 روزاني عبرت

پاڻي تي قبضا ڪرڻ لاءِ نون صوبن جي آڙ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ چاهين ٿا جيڪا هڪ خطرناڪ سوچ آهي سنڌ جو ٻچو ٻچو پنهنجي تاريخي وطن جي حفاظت ڪندو هنن مطالبو ڪيو ته تيل ۽ کاڌي پيتي جي شين سميت هٿرادو ڪيل مهانگائي ختم ڪري حڪمرانن جا شاهاڻا خرچ گهٽائي غريب کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪندوهيس مهانگائي سوڙ وٽان برف وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪٽي وڃي رهيو هيو ته سنڌس رومال ڪارگو جي شافٽ ۾ ڦاسي پوڻ سبب هلندڙ ڪارگو ۾ هيٺ ڪري پيو جيڪو زخمن جا تاب نه سهندي ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو.جنهن بعد رستي ويندڙن سنڌس جي سڃاڻپ ڪري سنڌس جي وارثن کي اطلاع ڏنو.لاش گهر پڄڻ تي گهر اندر ڪهرام مچي ويو.

بقايا 29 روزاني عبرت

محمد نواز جکراڻي پاڻ مٿان فائر ڪري زندگي جو انت آڻي ڇڏيو جنهن کي وارث فوري طور سول اسپتال پهتا جتي ڊاڪٽرن محمد نواز جکراڻي جي موت جي تصديق ڪئي وئي جنهن بعد ڊاڪٽرن پاران لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي ايمبولينس ذريعي سنڌس گهر کڻائي ويا. لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو ان سلسلي ۾ خودڪشي ڪندڙ جي وارثن صحافين کي ٻڌايو ته محمد نواز جکراڻي بيروزگاري کان تنگ اچي اهڙو قدم کنيو آهي آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي اهڙي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو

بقايا 30 روزاني عبرت

والد مخدوم فضل وچ ۾ اختلاف شدت اختيار ڪري ويا آهن مخدوم محسن سنڌس پيٽرول پمپ تي صحافين سان ڳالهه ٻول ڪندي الزام هنيو آهي ته سنڌس ذاتي پيٽرول پمپ تي مخدوم فضل سنڌس پٽ حسنين، مئنيجر گل ساريو ۽ ضمير ڏاهري حملو ڪري ملازمن تي تشدد ڪيو ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ رقم پڻ ڦر ڪئي پنهنجي بيان ۾ مخدوم محسن چيو ته هن ڪافي عرصي کان ڪوشش ڪئي ته ذاتي معاملا ۽ گهرو اختلاف سوشل ميڊيا تي بحث جو موضوع نه بڻجن پر موجوده صورتحال سبب کيس پنهنجو موقف عوام آڏو رکڻو پئجي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته لاڳاپيل پيٽرول پمپ سنڌس ذاتي ملڪيت آهي جيڪو سنڌس نالي تي رجسٽرڊ آهي ۽ هو ان جا ٽيڪس پڻ ادا ڪري ٿو سنڌس دعويٰ موجب، ڄاڻايل ماڻهن پيٽرول پمپ تي پهچي ملازمن سان تشدد ۽ ڀڃ ڊاهه ڪرڻ سان گڏ 8 لک رپيا ڪئش رقم به ڦر ڪئي مخدوم محسن جو چوڻ هو ته سنڌس خلاف ميڊيا ٽرائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر هن اخلاقي قدرن کي نظر ۾ رکندي خاموشي اختيار ڪئي هن چيو ته هو هميشه ٻين جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو رهيو آهي ۽ هاڻي پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ به آواز بلند ڪندو هن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڄاڻايل ماڻهن خلاف فوري طور ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي مخدوم محسن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌس مطالبي تي عمل نه ڪيو ويو ته هو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪندو

بقايا 31 روزاني عبرت

مجلس وحدت المسلمين جو صوبائي اڳواڻ علامه مقصود علي ڊومڪي انجمن تاجران جو صدر مير احمد علي بروهي، مير گل محمد جکراڻي علامه سيف علي ڊومڪي سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا. ڪوئايل ڪانفرنس ۾ ايم اين اي جيڪب آباد جي فوڪل پرسن مير رافع حسين جکراڻي ۽ شيعا اڳواڻن شهيدن جي تصويرن آڏو ڏيئا ٻاري کين ڀيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اڄ کان 11 سال اڳ 23 آڪٽوبر تي نائين محرم الحرام تي عزادارن جي جلوس ۾ بم ڌماڪو ڪيو ويو جنهن ۾ معصوم ٻارڙن سميت 29 ڄڻا شهيد ٿي ويا جيڪو جيڪب آباد جي تاريخ جو وڏو سانحو هو هنن چيو ته اسين هر سال شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندا آهيون. هنن چيو ته ڌماڪو ڪندڙ دهشتگرد اهو سوچي واقعو ڪيو ته شايد خوف وچان حسينيت ختم ٿي ويندي پر بم ڌماڪي کان پوءِ حسينين ۾ وڌو اضافو ٿيو آهي هنن چيو ته اسين 23 آڪٽوبر جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪيون ٿا

بقايا 32 روزاني عبرت

گجر ڊيري ڪينٽ ۾ معائني دوران کير 240 رپيا في ليٽر وڪرو ڪرڻ تي 30 هزار رپيا ڏنڊ عائد ڪيو _ اهڙي طرح تعلقي سٽي ۾ ايل پي جي جي مقرر ڪيل اگهن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي ڪن دڪانن تي پڻ ڏنڊ عائد ڪيو ويو _ اسسٽنٽ ڪمشنر لطيف آباد سعود احمد ٻه کير جي سرڪاري اگهن کي چيڪ ڪرڻ لاءِ مختلف مارڪيٽن جو اوچتو معائنو ڪيو جڏهن ته ايل پي جي مقرر ڪيل اگهن کان وڌيڪ اگهن تي وڪرو خلاف ڪارروائي دوران تعلقي لطيف آباد ۾ ٻن دڪانن کي سيل ۽ هڪ دڪان تي ڏنڊ لاڳو ڪيو_اسسٽنٽ ڪمشنر قاسم آباد حنيف سيال گدو چوڪ وٽ ڪارروائي ڪندي هڪ ايل پي جي دڪاندار کي وڌيڪ اگهه وصول ڪرڻ تي 30 هزار رپيا ڏنڊ عائد ڪيو _ ضلعي انتظاميا دڪاندارن کي سرڪاري اگهن تي سختي سان عملدرآمد جي هدايت ڪندي واضح ڪيو آهي ته عوام کي صارفين کي وڌيڪ اگهن کان تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ سرڪاري اگهن کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪارروايون جو اهو سلسلو جاري رهندو

بقايا 33 روزاني عبرت

گرفتار ڪري ورتي پوليس ٻنهي ڄڻن مٿان مالي فراڊ جو ڪيس داخل. فراڊ ڪندڙن جو پوليس آڏو ڏوهه جي اعتراف بعد پوليس جاچ جي دائري کي وڌائي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻو موبائيل مارڪيٽ ۾ هول سيل موبائيل جي واپارين سميت مختلف واپارين کي مختلف برانڊ ڪمپنين جا موبائيل سيٽ ڏيڻ لاءِ آرڊر وٺڻ بهاني لکين رپيا پنهنجي اڪائونٽ نمبرن ۾ منتقل ڪري رقم هڙپ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي جنهن کان پوءِ مارڪيٽ پوليس جعلي ڪمپني جي ٻن ڄڻن عزيز بڙدي ۽ زين شاهه کي گرفتار ڪري ورتو جن مٿان موبائيل ڪميونيڪيشن جي ملازم صدام پٺاڻ جي فرياد تي مارڪيٽ ٿاڻي تي گناهه نمبر 2026/172 تحت قلم 420، 506/2 ۽ ٻين قلمن تحت اهڙو ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي ان حوالي سان مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن جعلي آرڊر ڏيڻ اڳواٽ رقم وٺڻ. ٽوڪن رقم وٺڻ جي نالي تي فراڊ ڪرڻ ۽ آواز جي نقل ذريعي ماڻهن کي ڦاسائي رقم پنهنجن بئنڪ اڪائونٽن ۾ منتقل ڪرائيندا هئا. جن کي گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس ذريعن موجب گرفتار جوابدارن پوليس آڏو پنهنجي ڏوهه جو اعتراف ڪندي ٻڌايو آهي ته هنن لاڙڪاڻو قمبر ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ پڻ اهڙي قسم جو فراڊ ڪري چڪا آهن جن مٿان ڄاڻايل ضلعن جي مختلف ٿاڻن تي اهڙا ڪيس پڻ داخل آهن اهڙي اعترافي بيان کان پوءِ پوليس جاچ جي دائري کي وڌائي ڇڏيو آهي .

بقايا 34 روزاني عبرت

موجود پوليس اوچتو آمهون سامهون ٿيا جنهن دوران ٻنهي طرف کان فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ پسٽل سميت گرفتار ڪيو ويو آهي گرفتار ڏوهاري جي سڃاڻپ وقار جي نالي سان ٿي آهي ايس ايس پي موجب شروعاتي معلومات ۽ هيئنر تائين حاصل ڪيل ڏوهاري رڪارڊ موجب، ڄاڻايل ڏوهاري لاڙڪاڻي جي مختلف ٿاڻن تي داخل سنگين ڪيسن ۽ ڏوهن ۾ ملوث آهي جنهن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 35 روزاني عبرت

ي ڪئي ان موقعي تي پيپلز پارٽي تعلقي ٽنڊوآدم جي صدر جاويد شورو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حيسڪو جون مبينا زيادتيون حد کان وڌي ويون آهن جاويد شورو چيو ته بجلي جا بل ادا ڪرڻ باوجود ڳوٺاڻن جي بجلي بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع ۽ واضح سبب جي بند ڪئي وئي آهي جنهن سبب رهواسي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هن چيو ته بجلي عوام جي بنيادي ضرورت آهي ۽ ان جي بندش سبب گهرن سميت روزمره جي ڪم ڪارين ۾ ڏکيائيون پيدا ٿي رهيون آهن هن وڌيڪ چيو ته حيسڪو عملدارن سان رابطو ڪرڻ باوجود ڳوٺاڻن کي بجلي بند ڪرڻ جو مناسب سبب نه ٻڌايو وڃي ۽ نه ئي سنڌن مسئلو حل ڪيو پيو وڃي هن الزام هنيو ته مختلف مدن ۾ رقمون وصول ڪرڻ باوجود ڪجهه عرصي کان پوءِ بجلي بند ڪئي وڃي ٿي جيڪا ڳوٺاڻن سان ناانصافي آهي جاويد شورو مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي متاثر ڳوٺن جي بجلي بحال ڪئي وڃي ۽ ذميوار عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن ڳوٺاڻن جو مسئلو حل نه ڪيو ويو ته احتجاج ۽ ڌرڻو جاري رکيو ويندو هوڏانهن حيسڪو ڊويزن ٽنڊوآدم جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر غياث الدين شيخ رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڄاڻايل ڳوٺ مان بجلي جا بل جمع نٿا ڪرايا وڃن جڏهن ته بلن جي ادائيگيءَ جو مطالبو ڪرڻ تي غيرقانوني ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون هن چيو ته جيڪڏهن مظاهرين بلن جي ادائيگيءَ جا ثبوت پيش ڪن ته سندن بجلي فوري طور بحال ڪئي ويندي

بقايا 36 روزاني عبرت

ڊجيٽل حل تيار ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ سان گڏوگڏ يوزر انٽرفيس (UI) ۽ يوزر ايڪسپيريئنس (UX) ڊيزائن ۾ سندن مهارتن کي بهتر بڻائڻ هو تقريب ۾ ڪيمپس ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر طفيل احمد چانڊيو هيڊ آف ڊپارٽمينٽ ڊاڪٽر ڪرشن ڪمار لوهانو هيڊ آف ڊپارٽمينٽ آف بزنس ايڊ منسٽريشن ڊاڪٽر خليل پلي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ اڪائونٽنگ اينڊ فنانس ڊاڪٽر عبدالقادر پاتولي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر حاجي احمد سولنگي شرڪت ڪئي عملي مقابلي اهتمام عنايت الله سمون جي رهنمائي هيٺ ڪيو ويو جن جي ڪوشش سان شاگردن ۾ عملي سکيا تخليقي سوچ ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي ٻڌل سرگرمين کي هٿي ملي ڪمپيوٽر سائنس جي ٽئين سال شاگردن کي مختلف ٽاسڪ ڏنا ويا شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪل 9 گروپن ۾ ورهائجي پنهنجن پنهنجن گروپن کي ڏنل ڪمن تي ڪم ڪيو ۽ پنهنجا منصوبا تيار ڪيا منصوبن جي جانچ لاءِ ججن جي پينل ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ڪمپيوٽر سائنس محمد عرفان اعوان اسسٽنٽ پروفيسر اڪائونٽنگ اينڊ فنانس حاجي احمد سولنگي مسٽر علي حاڪم ٿهڙيو ۽ عرفات احمد شامل هئا ججن شاگردن جي منصوبن جو معائنو ڪيو ڏهن مختلف معيارن جي بنياد تي سندن ڪارڪردگيءَ جو جائزو ورتو ۽ هر منصوبي کي آزاديءَ سان نمبر ڏئي درجه بندي ڪئي هن سرگرميءَ شاگردن کي پنهنجي ڊيزائن جي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ نوان ۽ تخليقي خيال پيش ڪرڻ ۽ جديد يو آءِ/يو ايڪس اصولن کي حقيقي زندگيءَ جي مسئلن جي حل لاءِ استعمال ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو تقريب ۾ ٽيم ورڪ تنقيدي سوچ مسئلن جي حل ۽ صارفين جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي ڊجيٽل پراڊڪٽس تيار ڪرڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ويو يونيورسٽي جي علمي قيادت جي شرڪت ان عزم جي عڪاسي ڪئي ته ادارو جدت، مختلف شعبن جي وچ ۾ سهڪار ۽ مهارتن تي ٻڌل تعليم کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي اهڙيون سرگرميون شاگردن جي پيشورانه صلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ ۽ کين سافٽ ويئر ڊوليپمينٽ يو آءِ/يو ايڪس ڊيزائن ۽ ڊجيٽل انڊسٽريءَ ۾ مستقبل جي موقعن لاءِ تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون آخر ۾ ججن پاران گڏيل بنياد حاصل ڪيل مارڪن تي پهرين ڪن پوزيشن تي ايندڙ شاگردن ۽شاگردياڻين کي شيلڊون ڏنيون ويون ان موقعي وسيلن ۽ سهولتن جي لاڙ ڪيمپس جي ڪوآرڊينيٽر پروفيسر ڊاڪٽر محمد طفيل چانڊيو چيو ته مختلف چئلينجن باوجود ڪمپيوٽر سائنس شعبو شاگردن کي جديد ٽيڪنالاجي سکڻ تخليقي مقابلن ۾ حصو وٺڻ ۽ صنعت جي ضرورتن مطابق مهارتون حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري رهيو آهي اجوڪو مقابلو سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ جدت گڏيل سهڪار ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ جي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ ڏانهن هڪ مثبت قدم ثابت ٿيندو شعبي جا شاگرد ۽شاگردياڻيون معاشري جو ڪارائتا فرد ثابت ٿيندا

بقايا 37 روزاني عبرت

منتقل ڪيو ويو آهي جتي فوتي جي سڃاڻپ ڪنڊيارو واسي عرفان علي سيلار زخمي علي خان سيلار طور ٿي آهي فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته زخمي کي سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي فوتي ۽ زخمي نوشهروفيروز مان ڊوميسائل وٺڻ لاءِ اچي رهيا هئا ته حادثي جو شڪار ٿي ويا.

بقايا 38 روزاني عبرت

شاگردن جو مقتول جي قبر تي حاضري رپورٽ موجب 6 ڏينهن اڳ ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ پٽ پاٿي ويجهو هٿيارٻندن هٿان موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ دوران مزاحمت تي قتل ٿي ويل نوجوان استاد بابر علي هنگورجو واري ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي پوليس ايس ايس پي سانگهڙ شاهنواز چاچڙ پاران يقين ڏيارڻ لاش سميت هنيل ڌرڻو ختم ڪرائڻ باجود گرفتار نه ٿيڻ تي مقتول جي وارثن ۽ علائقي واسين مايوسي جو شڪار ٿي رهيا آهن رات ايس ايس پي سانگهڙ ڪيرو ٿاڻي تي پهچي قاتلن جي گرفتاري لاءِ جوڙيل ٽيم جي آفيسرن سان گڏجاڻي ڪئي گڏجاڻي بعد ميڊيا سان مختصر ڳالهه ٻولهه ڪندي ايس ايس پي چيو ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري آهي ۽ جلد گرفتاري لاءِ جوڙيل حڪمت عملي تي ڪارروائي پڻ جاري آهي هوڏانهن پٽ پاٿي جي هاءِ اسڪول جي شاگردن ۽ استادن مقتول استاد بابر علي هنگورجو جي قبر تي حاضري ڀري سنڌس ايصال وثواب لاءِ قرآن خواني ڪئي قبر تي گلن جي چادر پڻ چاڙهي

بقايا 39 روزاني عبرت

پوليس پاران منعقد ڪيل پهريون شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسپورٽس امن فيسٽيول ٽئين ڏينهن به ڀرپور جوش ۽ جذبي سان جاري رهيو جتي مختلف راندين جي مقابلن ۽ تفريحي سرگرمين ۾ علائقي جي ماڻهن وڏي دلچسپي جو مظاهرو ڪيو ميلو منعقد ڪرڻ تي علائقي واسين پاران خوشي ۽ اطمينان جو اظهار ڪندي ان کي ڪڇي جي ماڻهن لاءِ هڪ مثبت ۽ سارهه جوڳو قدم قرار ڏنو ويو آهي ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جو چوڻ آهي ته راندين ۽ تفريحي سرگرمين سان نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ سنڌن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ سماجي رابطن کي مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ملندي اهڙن پروگرامن ذريعي علائقي جو مثبت تشخص اجاگر ڪرڻ سان گڏ امن ۽ هم آهنگي جو پيغام پڻ عام ڪري سگهجي ٿو ايس ايس پي محمد انور کيتران جو چوڻ آهي ميلي جو هڪ ڏينهن عورتن ۽ ٻارن لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد کين محفوظ ۽ خوشگوار ماحول ۾ تفريح جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي ان سلسلي ۾ کين ميلي تائين پهچائڻ لاءِ گاڏيون به فراهم ڪيون وينديون ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ۽ ايس ايس پي محمد انور کيتران جي ڀرپور تعاون سان ڪڇي ۾ شاندار ميلو منعقد ڪيو ويو آهي جنهن ۾ پنجاب سميت سنڌ جي مختلف علائقن جا رانديگر حصو وٺي رهيا آهن هن ٻڌايو ته ميلي جي اختتامي تقريب دوران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ رانديگرن ۾ انعام شيلڊون ۽ مڊل ورهايا ويندا

بقايا 40 روزاني عبرت

۽ 24 سالا نوجوان ناري زڪيا بليدي کي غيرت جي نالي تي ٻنو قتل ڪيو ويو آهي شهدادپور لڳ ڳوٺ مهراب شاهي سم نالي وٽ بليدي برادري جي هٿياربندن فائرنگ ڪري ٻنهي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي جنهن بعد شهدادپور پوليس ڊي ايس پي حق نواز اوڍهو ايس ايڇ او شهدادپور محمد حنيف مهر لاش کڻائي شهدادپور جي سمس اسپتال منتقل ڪري ڇڏيا آهن جتي ڊاڪٽرن پاران پوسٽ مارٽم ڪيو پيو وڃي پوليس جو چوڻ آهي ته پوسٽ مارٽم کان پوءِ فريادي ڌر جي چوڻ تي جوابدارن تي ٻٽي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويندو. اهڙو اطلاع گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو آهي

بقايا 41 روزاني عبرت

گهوٽڪي جي سينيئر نائب صدر چوڌري محمد آصف آرائين پاران پنهنجي آفيس ۾ صوبائي وزير ڄام اڪرام الله خان ڌاريجو جي فرزند ڄام عبدالستار خان ڌاريجو جي سالگرهه جي موقعي تي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي ۽ سماجي شخصيتن سميت معززين شرڪت ڪئي تقريب ۾ سليم الله خان ڪلوڙ سردار بگن خان ڪلادي، چوڌري ميشام آرائين رئيس رفيق احمد چاچڙ چوڌري عبدالستار آرائين فيروز ڪلوڙ محمد اڪرم مغل ثناءُ الله ڪلادي، رضا محمد مغل جعفر علي ڏايو عادل رحيم ملڪ رانا بابر علي راشد ملڪ ۽ راؤ فرحان سميت ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڄام عبدالستار خان ڌاريجو جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ کيس سالگرهه جون مبارڪون ڏنيون ويون ۽ سندس صحت، خوشحالي ۽ وڏي ڄمار لاءِ دعا ڪندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي گهوٽڪي جي سينيئر نائب صدر چوڌري محمد آصف آرائين تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ڄام عبدالستار خان ڌاريجو کي سالگرهه جون دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪريان ٿو دعا آهي ته الله پاڪ کيس صحت، خوشيون ڪاميابيون ۽ وڏي ڄمار عطا فرمائي ۽ زندگيءَ جي هر ميدان ۾ ڪاميابي نصيب ڪري

Oil & Gas Development
Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-DRLSL-341860144-2026	CATERING AND CAMP SERVICES AT KOT SARANG & TANDO ALAM FIELDS PUNJAB & SINDH PROVINCES	10.11.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDC-SCM-CB-EXPL-342086049-2026	2D SEISMIC DATA ACQUISITION OF SAMANDAR EXPLORATION LEASE (E.L)	11.11.2026 AT 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-341969692-2026	HIRING OF WATER SUPPLY SERVICES FOR BETTANI FIELD, F.R LAKKI MARWAT, KPK	12.11.2026 AT 1430 Hrs
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-342010676-2026	2D SEISMIC DATA ACQUISITION OF BOSTAN EXPLORATION LEASE (E.L)	12.11.2026 AT 1430 Hrs
5.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-341871200-2026	UNDERBALANCED DRILLING (UBD), MANAGED PRESSURE DRILLING (MPD) AND DOWNHOLE DEPLOYMENT VALVE (DDV) SERVICES	12.11.2026 AT 1430 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **12.09.2026, 26.09.2026** and **10.10.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-334468931-2026	PROVISION OF HEAVY OIL PROCESSING FACILITIES FOR RAJIAN FIELD, DISTRICT CHAKWAL, PUNJAB	10.11 .2026 AT 1430 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. This Tender Notice is available on PPRA **website at www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No. 252/17

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION   WE EXPLORE PROSPERITY

ٽنڊوآدم ۾ مزدا ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، هڪ نوجوان فوت، ٻيو زخمي

الله والا چوڪ وٽ تيز رفتار مزدا جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ملڪ علي رضا موقعي تي فوت، ملڪ رضوان زخمي ٿيو

لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم بي سيڪشن ٿاڻي جي حد الله والا چوڪ وٽ تيز رفتار مزدا ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان ملڪ علي رضا فوت ٿي ويو جڏهن ته ملڪ رضوان سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد جي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي فوت ٿيل نوجوان ملڪ علي رضا ٽنڊوآدم جي الهيار ڳوٺ جو رهواسي ۽ ملڪ شهباز بجلي واري جو پٽ آهي نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر گهر پهچڻ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو: گردن جي بيماري سبب فوت ٿيل ٻن ڀائرن جي لاشن مٿان وارث سوڳوار ويٺل آهن

ڳمبٽ پوليس جو ڦورن سان مقابلو، ٻه ڦورو موٽرسائيڪل سميت گرفتار

ڳمبٽ (ت ر) ڳمبٽ پوليس جو ڦورن سان مقابلو ايس ايڇ او ڳمبٽ محمد هاشم هڪڙو ۽ سنڌس ٽيم ڪارروائي ڪندي ڦورو کي موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪري ورتو ايس ايڇ او محمد هاشم هڪڙو جي ڳمبٽ ٿاڻي تي مقرري ڪانپوءِ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي تفصيل موجب ڳمبٽ پوليس جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم پرسان نوجوان بيدرديءَ سان قتل، جوابدار جي گهر مان لاش هٿ

ڳوٺ جهنگ ڪاتيار واسي عبدالعزيز ڪاتيار کي جوابدارن مبينا چوري الزام ۾ قتل ڪيو

وارثن جي اطلاع تي بلڙي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) بلڙي شاهه ڪريم پرسان نوجوان بيدرديءَ سان قتل، لاش جوابدار ڌر جي گهر مان هٿ، بلڙي شاهه ڪريم پرسان ڳوٺ جهنگ ڪاتيار واسي نوجوان 25 ورهين جو عبدالعزيز ڪاتيار کي جوابدارن مبينه چوري الزام هيٺ قتل ڪري ڇڏيو مقتول جي وارثن جي اطلاع تي بلڙي شاهه ڪريم پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل

ٽنڊوآدم: بجلي جي بندش خلاف پ پ تعلقي صدر جاويد شورو جي اڳواڻي ۾ ڳوٺاڻن جو ڌرڻو

ماٿيلي لڳ ڳردن جي بيماري ۾ مبتلا ٻه ڀائر علاج نه ٿيڻ سبب فوت

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو يارولنڊ لڳ پير پڪڙوٽي لعل جي ريگستاني علائقي ۾ انساني الميو ڳردن جي بيماري ۾ مبتلا ٻه نوجوان ڀائر غربت ۽ بيروزگاري سبب علاج نه ٿيڻ ۽ مالي مدد نه ملڻ سبب تڙپي تڙپي فوت ٿي ويا گهر ۾ روڄ راڙو متل گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلع ڪائونسل گهوٽڪي چيئرمين صنعتي ادارن جي انتظاميه ۽ ڊي ايڇ او هيلٿ گهوٽڪي سميت سوشل ميڊيا تي غريب عوام جي خدمت جون وڏيون وڏيون دعوائون ڪندڙ فلاحي تنظيمن جي اڳواڻن جون دعوائون ڌوڙ تفصيل موجب صنعتي ادارن سان مالا مال گهوٽڪي ضلعي جي شهر يارولنڊ ويجهو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز: ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿيل نوجوان جو لاش

مانجهند پرسان ڪوٺي جي ٽرڪن کان غيرقانوني اوڳاڙي خلاف ٽرانسپورٽرن جي احتجاجي ريلي

ايس يو پي مرڪزي نائب صدر منير حيدر شاهه خدا بخش ٽيپر ٽرانسپورٽ اتحاد جي اڳواڻي جلسو منعقد

لاڳا ڪرڻ ٺيڪيدار ۾ في ٽرڪ کان 27 هزارن تان غيرقانوني رائلٽي ٽئڪس اوڳاڙيندڙ ڪئي وڃي: مطالبو

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان خاصائي ۾ ڪوٺي جي ٽرڪن کان رائلٽي ٽئڪس جي غيرقانوني اوڳاڙي خلاف ٽرانسپورٽر وڏي تعداد ۾ ٽرڪن ڪارن موٽرسائيڪلن جي ريلي جي صورت ۾ شهيد دولهه درياهه خان جي اوطاق کان ايس يو پي مرڪزي نائب صدر سيد منير حيدر شاهه ضلعي صدر خدا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

شمن علي ميرالي ۽ سندس زال ۾ خرچ هلائڻ وارو معاملو عدالت تائين پهچي ويو

شمن علي ميرالي جي زال غلام زهره مڙس خلاف حيدرآباد عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي

شادي ٿيل آهي ۽ نياڻي جي اولاد آهي، سان گڏ رهي ويو آهي پر خرچ نٿو ڏئي: غلام زهره

هي گهريلو مسئلو آهي جنهن کي اسان پاڻ ۾ حل ڪري ڇڏينداسين: شمن علي ميرالي

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌجي نامياري فنڪار شمن علي ميرالي ۽سندس زال جي وچ ۾ گهر جو خرچ هلائڻ وارو معاملو عدالت تائين پهچي ويو گلوڪار شمن علي ميرالي جي زال غلام زهره پنهنجي مڙس شمن علي ميرالي جي خلاف گهر جو خرچ هلائڻ ۽نياڻي جي تعليم لاءِ خرچ نه ملڻ تي حيدرآباد جي مقامي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ۾ سم نالي جي تباهي، ڳوٺاڻا گندي پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا

ڳوٺاڻا گندي پاڻيءَ جي گهيري اچڻ سبب زرعي زمينون ۽ تعليمي سرگرميون داءَ تي لڳي ويون

ڪاٺي ۽ صفائي نه ٿيڻ سبب پاڻيءَ جي نيڪال جو نظام سخت متاثر ٿي ويو آهي: ڳوٺاڻا

ٺري ميرواهه/سيٺارجا(نمائندن وڪان) سيٺارجا ۾ سم نالي جي تباهي، ڳوٺاڻا گندي پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا زرعي زمينون ۽ تعليمي سرگرميون داءَ تي لڳي ويون آهن جنهن حوالي سان علائقي واسين محمد اعظم ،گل حسن ،محمد انور ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسڪارپ ڪاٺي ۽ لاڳاپيل ادارن جي لاپرواهيءَ سبب سم نالي جي ڪاٺي نه ٿيڻ ڪري علائقي جي ڳوٺن اندر سم جو پاڻي ڪاهي پيو آهي سم نالي جو گندو پاڻي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهه: سم نالي جي ڪاٺي نه ٿيڻ سبب پاڻي پرائمري اسڪول، گهرن ۽ مختلف ڳوٺن ۾ داخل ٿي وڃي رستا ٻڏل نظر اچي رهيا آهن

ٽنڊوالهيار ۾ سٽيزن ليگل ايڪشن فورم پاران صحت جي حوالي سان آل پارٽيز ڪانفرنس

ڪانفرنس ۾ پيپلزپارٽي، ايم ڪيو ايم، جماعت اسلامي، جي يو آءِ، سني تحريڪ، صحافين ۽ سول سوسائٽي جي شرڪت

ڪروڙين رپين جي بجيٽ باوجود ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ صحت جون سهولتون ناهن، اسپتال ريفر سينٽر بڻجي چڪي آهي: اڳواڻ

وقت سر علاج ملي ها ته ماڻهون فوت نه ٿين ها. ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جو نوٽيس ورتو وڃي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ سٽيزن ليگل ايڪشن فورم پاران صحت جي حوالي سان آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي شهر جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي جي عدالت پاران منشيات ڪيس ۾ 3 جوابدارن کي عمرقيد ۽ 5، 5 لک روپيا ڏنڊ جي سزا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ۽ منشيات جي روڪٿام جي خصوصي جج جي عدالت منشيات ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جيل ڀوڳيندڙ 3 جوابدارن کي عمرقيد ۽ 5، 5

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: ناز نگر ڪالوني واسڻ مسمات شهزادي ۽ مسمات امينا خاصخيلي احتجاج ڪندي

جيڪب آباد ۾ 29 شهيدن جي 11هين ورسي تي عظمت شهداءَ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ 11 سال اڳ 23 آڪٽوبر 2015 ع تي شهيد ٿي ويل 29 شهيدن جي 11هين ورسي جي موقعي تي شهداءِ ڪاميٽي پاران ڪوئيٽا روڊ تي عظمت شهداءِ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ايم اين اي جيڪب آباد جي فوڪل پرسن مير رافع حسين جکراڻي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو پوليس پاران مبينا مقابلي ۾ زخمي ڌاڙيل کي گرفتار ڪري پسٽل هٿ ڪرڻ جي دعوي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس مبينا مقابلي ۾ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو محمد اظهر مغل ٻڌايو ته ڪنگا ٿاڻي جي حد هيرا واهه واري علائقي ۾ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن ۽ گشت تي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ همدرد آرگنائيزيشن پاران ڪرڪيٽ ٽورناميٽ شروع

همدرد هائوس سڪرنڊ تي گل محمد رند جي اڳواڻي ۾ گڏجاڻي ٿي گذري

ٽورناميٽ جو فائنل 15 نومبر تي سائنس ڪاليج سڪرنڊ ۾ کيڏيو ويندو: وسيم ٻاهي

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ شهر ۾ صحت مند سرگرمين کي فروغ ڏيڻ واري روايت کي قائم رکندي همدرد آرگنائيزيشن پاران ڪرڪيٽ ٽورناميٽ شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ همدرد هائوس سڪرنڊ تي گل محمد رند جي اڳواڻيءَ ۾ اهم گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ نوجوان رانديگرن

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، عورت سميت ٽي ڄڻا زخمي

راڻو خان سولنگي اسٽاپ وٽ ڪراچي ويندڙ ڪار موٽرسائيڪل سوارن کي زوردار ٽڪر هڻي

زخمين ۾ اميدالله جمالي، نصرالله جمالي ۽ مسمات جنڊل شامل، اسپتال منتقل

هنگورجا(ن ع) هنگورجا ٿاڻي جي حد ۾ راڻو خان سولنگي اسٽاپ وٽ پنجاب کان ڪراچي طرف ويندڙ تيز رفتار ڪار موٽرسائيڪل سوارن کي زوردار ٽڪر هڻي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عورت سميت ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. حادثي ۾ زخمي ٿيلن ۾ پريا شهر ڳوٺ علي مراد جمالي جا

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ مهانگائي خلاف ڪارروائي، 50 هزار رپيا ڏنڊ ۽ ميڊيڪل اسٽور سيل

اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالشڪور سولنگي مقرر اگهن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪئي

مختلف دڪاندارن تي مجموعي طور 50 هزار رپيا ڏنڊ لاڳو، هڪ ميڊيڪل اسٽور کي سيل ڪيو ويو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ غيرقانوني حدخلين بابت شڪايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي عبدالشڪور سولنگي ڪوٽڙي جي مرڪزي روڊ جو دورو ڪري مختلف دڪانن جو معائنو ڪيو دوري دوران اسسٽنٽ ڪمشنر مختلف دڪانن تي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: اسسٽنٽ ڪمشنر مختلف دڪانن جو معائنو ڪندي، ٻئي طرف سيل ڪيل دڪان

ٽنڊوآدم ۾ مختلف ڳوٺن جي بجلي بندش خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

پ پ تعلقي صدر جي اڳواڻي ۾ سوين ڳوٺاڻن حيسڪو آفيس اڳيان ڌرڻو نعريبازي

بجلي بندش سبب گهرن سميت روزمره ڪمن ۾ ڏکيائيون پيدا ٿي رهيون آهن:مظاهرين

ٽنڊوآدم (ن ع) حيسڪو سب ڊويزن 2 پاران ڳوٺ پيرو فقير شورو سميت مختلف ڳوٺن جي بجلي بند ڪرڻ خلاف سوين ڳوٺاڻن پيپلز پارٽي تعلقي ٽنڊوآدم جي صدر جاويد شورو جي اڳواڻيءَ ۾ حيسڪو ڊويزن آفيس آڏو ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ حيسڪو انتظاميا خلاف نعريبازيبقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ ڪمپيوٽر سائنس شعبي پاران يو آءِ/يو ايڪس ڊيزائن مقابلو

مقابلي جو مقصد شاگردن کي صارفين لاءِ آسان ۽ ڪارائتا ڊجيٽل حل تيار ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ ۽ سندن مهارتن کي بهتر بڻائڻ هو

ٽئين سال جي شاگردن کي 9 گروپن ۾ ورهائي ڏنل ڪمن تي ڪم ڪرايو ويو، ججن ڏهن معيارن جي بنياد تي منصوبن جو جائزو ورتو

شعبو شاگردن کي جديد ٽيڪنالاجي سکڻ ۽ صنعت جي ضرورتن مطابق مهارتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪارڪردگي ڏيکاري رهيو آهي: طفيل چانڊيو

بدين (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين جي ڪمپيوٽر سائنس شعبي پاران جدت ۽ تخليقي صلاحيتن جي واڌاري لاءِ يو آءِ/يو ايڪس ڊيزائن جو عملي مقابلو جو مشاهدو ڪيو ويو تفصيل سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين جي ڪمپيوٽر سائنس شعبي پاران شاگردن ۾ تخليقي صلاحيتن جدت ۽ عملي ڊيزائن جي مهارتن کي هٿي وڌائڻ لاءِ يو آءِ/يو ايڪس (UI/UX) ڊيزائن عملي مقابلو ڪوٺايو ويو تقريب جو مقصد شاگردن کي صارفين لاءِ آسان ۽ ڪارائتا

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: مقامي هوٽل ۾ تاريون تصويري نمائش ڏسي رهيون آهن

مسو ڀرڳڙي لڳ نوجوان سان مبينا بدسلوڪي ۽ تشدد، پوليس اهلڪار خلاف ڪارروائي

اهلڪارن طالب المولي ڪالوني وٽ سلمان قريشي کي روڪي تشدد جو نشانو بڻايو

سينيٽر وڪيل شاهد شمس ميمڻ جي مداخلت کانپوءِ نوجوان کي آزاد ڪيو ويو

مسو ڀرڳڙي (ن ع)مسو ڀرڳڙي لڳ هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ طالب المولي ڪالوني پرسان قومي شاهراهه تي مڇي وڪرو ڪرڻ جو ڪاروبار ڪندڙ نوجوان سلمان قريشي سان مبينا بدسلوڪي تشدد ۽ سندس روڪ رقم کسڻ جي شڪايت تي واقعي بابت سينيٽر وڪيل ايڊووڪيٽ شاهد

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڳمبٽ ۾ ايل پي جي جي قيمتن ۾ اضافو، في ڪلو 520 رپين ۾ وڪرو، انتظاميه خاموش

اوگرا پاران آڪٽوبر لاءِ ايل پي جي جي وڌ کان وڌ قيمت 279 رپيا 34 پئسا في ڪلو مقرر

دڪاندارن مبينا طور مقرر اگهه کان تقريبن 86 سيڪڙو وڌيڪ وصولي ڪن ٿا: شهري

ڳمبٽ (رپورٽر: مريد ڪانوري) ڳمبٽ ۾ ايل پي جي جي قيمتن ۾ هوشربا اضافو في ڪلو 520 رپين ۾ وڪرو انتظاميه خاموش اوگرا جو آڪٽوبر لاءِ سرڪاري اگهه 279 رپيا 34 پئسا في ڪلو مقرر دڪاندارن پاران مبينا طور مقرر اگهه کان تقريبن 86 سيڪڙو وڌيڪ وصولي شهرين پاران

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ جماعت اسلامي جو پيٽروليم ليوي ٽيڪس خلاف احتجاجي مظاهرو

پيٽروليم شين تي ليوي ۽ ٻين محصولن سبب مهانگائيءَ جو بار سڌو سنئون عوام تي پوي ٿو

ڀاڙا، کاڌي پيتي جي شين ۽ روزمره جي استعمال جي شين جا اگهه ٻه وڌي وڃن ٿا:مظاهرين

بدين (ڊ ر) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي جماعت اسلامي بدين پاران پيٽروليم ليوي خلاف بدين پريس ڪلب آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جنهن جي اڳواڻي فتح الله ڪوسو سيد مردان شاهه ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. ان موقعي تي جماعت اسلامي جي اڳواڻن ۽

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: مهڪ ملاح جا وارث ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ڪوٽڙي ۾ مهڪ ملاح جي موت واري واقعي تي وارثن جو احتجاج، جي آءِ ٽي جو مطالبو

مبينا طور حادثي ۾ فوت ٿيل نياڻي جي وارثن ۽ سنڌ ملاح فورم پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

واقعي جي شفاف جاچ ۽ پوسٽ مارٽم رپورٽ سميت مقتوله ۽ مائٽن جي موبائل جي رپورٽ جاري ڪرڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي /سائيٽ (نمائندن وڪان) ڪوٽڙي مهڪ ملاح جي موت واري واقعي تي وارثن ۽ سنڌ ملاح فورم جو ڪوٽڙي پريس ڪلب آڏو احتجاج، جي آءِ ٽي جوڙڻ جو مطالبو مبينا طور رڪشا ۽ ٽرالر وچ ۾ پيش ايل حادثي ۾ فوت ٿيل مهڪ ملاح جي وارثن ۽ سنڌ ملاح فورم جي عهديدارن ڪوٽڙي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ماتلي ۾ گئس جي اڻ هوند ۽ گهٽ پريشر خلاف ماتلي اتحاد جو احتجاج

ماتلي اتحاد پاران ٽنڊو غلام علي روڊ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو

روزانو 12 کان 16 ڪلاڪن لوڊ شيڊنگ سبب شهري ذهني دٻاءُ جو شڪار ٿي ويا آهن:مظاهرين

ماتلي (ن ع) ماتلي شهر اندر گهريلو گئس جي اڻ هوند ۽ گهٽ پريشر خلاف سماجي تنظيم ماتلي اتحاد پاران هٿن ۾ گئس جا چلها ۽ سلينڊر کڻي ٽنڊو غلام علي روڊ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي گئس اختيارين خلاف نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

صحافي محمد عظيم سيال جي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان ملاقات

صحافي جي اغوا واري واقعي ۽ ان ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي بابت خيالن جي ڏي وٺ

صحافين جي تحفظ ۽ انصاف فراهمي لاءِ قانون موجب سخت قدم کنيا ويندا: آءِ جي سنڌ

خانپورمهر(ن ع) ڏاڙيلن جي چنبي مان بازياب ٿيل صحافي محمد عظيم سيال آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران صحافي جي اغوا واري واقعي ۽ ان ۾ ملوث جوابدارن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٺل پرسان ڳوٺ پيار ڪوسو ۾ فائرنگ، نوجوان مارجي ويو، وارثن ۽ وڏيري تي قتل جو الزام

رات دير سان فائرنگ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب روجهاڻ جمالي جو رهواسي مقصود جمالي مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي

وڏيري بهرام ڪوسو اسان مقصود جمالي کي پنهنجي ڪوٺ ۾ گهرائي بيگناهه قتل ڪيو آهي: وارث

ايس ايس پي جيڪب آباد واقعي جو نوٽيس وٺي جاچ ڪاميٽي جوڙي وئي، ڪيس داخل نه ٿيو

جيڪب آباد (ڊ ر) ٺل پرسان فائرنگ، نوجوان مقصود جمالي قتل مقصود جمالي بيهر اغوا ڪرڻ آيو هو ۽ پنهنجي ساٿي جي فائرنگ ۾ مارجي ويو آهي: بهرام ڪوسو بهرام ڪوسو ڪاروهو مقصود جمالي کي فيصلي جي بهاني گهرائي قتل ڪيو آهي: وارثن جو الزام واقعي جو نوٽيس وٺڻ بعد ايس ايس پي ٺل پهچي جاچ شروع ڪري ڏني خبر موجب: تعلقي ٺل جي ڳوٺ پيار ڪوسو ۾ رات دير سان فائرنگ ٿي جنهن جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

دھرنا
ليوي بھتہ ٹیکس ختم کرو
JAMAAT E ISLAMI HYD
NO MORE PETROLEUM LEVY

حيدرآباد: پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي پاران هنيل ڌرڻي جو ڏيک

ٽنڊوآدم ۾ جماعت اسلامي جو پيٽرول ليوي ٽيڪس ۽ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ جماعت اسلامي پاران پيٽرول ليوي، ڀتا ٽيڪس ۽ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو نعريبازي حڪمرانن جون شاهه خرچيون ختم ڪرڻ جو مطالبو رپورٽ موجب جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي سڏ تي ملڪ جي ٻين شهرن وانگر ٽنڊوآدم ۾ به پيٽرول ليوي، ڀتا

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام پاران سال 2026 ع لاءِ

پروفيسر ڊاڪٽر حبيب الله مگسي کي بهترين استاد قرار ڏنو ويو

بيسٽ يونيورسٽي ٽيچر ايوارڊ سان گڏ پروفيسر حبيب الله مگسي کي هڪ لک رپيا انعام طور ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو

سنڌ زرعي يونيورسٽي انتظاميه پاران پروفيسر حبيب الله مگسي کي مبارڪون

ٽنڊوڄام (ڊ ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام پاران سال 2026 ع لاءِ بهترين يونيورسٽي استاد جو اعزاز (Best

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: بهترين استاد قرار ڏنل پروفيسر ڊاڪٽر حبيب الله مگسي (فائل فوٽو)

اڇڙو ٿر جي ڳوٺ ۾ سمان برادري جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار، 12 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

کپرو (ت ر) اڇڙو ٿر جي ڳوٺ موڪريار ۾ سمان جي ٻن موڪريار واسي برادري ٻن ڌرين ۾ ٿرجي زمين جي مالڪي جي دعوي وارو تڪرار حل ٿي نه سگهيو سمان برادري جي هڪ ڌر پاران فريادي ٻاروچو سمون جي فرياد تي 12 نامزد جوابدار خلاف کپرو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو ويو کپرو پوليس ڪيس ۾ نامزد ٿي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڏانهن برڪت سمون موجب اسان جو هڪ همراهه پوليس اڄان

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

مسو ڀرڳڙي جي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي سوين ڳوٺن جي بجلي بند

حيسڪو مٽياري ايس ڊي او پاران بجلي بند ڪرڻ روزانو جو معمول بڻيل آهي:رهواسي

بجلي بندش سبب ڪاروباري ماڻهن تڪليفون پيش اچي رهيون، پاڻي فراهمي بحران پڻ پيدا ٿي ٿو

مسو ڀرڳڙي (ن ع) ايس ڊي او مٽياري مسو ڀرڳڙي جي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي ڏمريل سوين ڳوٺن جي بجلي روزانو ڏينهن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: جهانگارا ۾ گرلس هاءِ اسڪول جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار نظر اچي رهيو آهي

جهانگارا ۾ گرلس هاءِ اسڪول جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار، نياڻيون ٻوائز اسڪول ۾ پڙهڻ لڳيون

عارضي اسڪول ۾ پيئڻ جي پاڻي، واش روم، پکا ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي ڪوٽ، عملو ويزا تي هليو ويو

گرلز اسڪول جي ايس ايم سي فنڊ، ڪانٽيجنسي ۽ اسڪول اسپيسيفڪ بجيٽ ۾ مبينا خردبرد جا اطلاع

اسڪول جي تعمير مڪمل نه ٿيڻ سبب نياڻين جي تعليم سخت متاثر، تعليم کاتي جا عملدار خاموش تماشائي بڻيل

سيوهڻ(رپورٽ: اعجاز سولنگي) سيوهڻ تعلقي جي پٺتي پيل جابلو علائقي جهانگارا ۾ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول جو تعميراتي ڪم رولڙي جو شڪار ٿي ويو آهي جنهن ڪري نياڻيون ڇوڪرن جي اسڪول ۾ عارضي طور تي تعليم پرائڻ تي مجبور آهن جڏهن ته ڄاڻايل اسڪول انتظامي بي ڌيائي سبب ڪيترن ئي مسئلن جو شڪار بڻجي ويو آهي جنهن جي نتيجي ۾ عارضي اسڪول اندر پيئڻ جي پاڻي، واش روم، پکا ۽ ٻين بنيادي سهولتن

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڳمبٽ: اڳڙا ۾ رومال ڪارگو جي شافٽ ۾ ڦاسڻ سبب فوت ٿيل نوجوان جي حياتي جي تصوير

ميرپورخاص جي اياڻي لڪ بجلي صارفين جي بلن جي ڇپائيءَ جو الڳ نظام قائم

حيسڪو ڊجيٽلائيزيشن جي مدد سان35 سالن کان پوءِ اهم قدم کڻي ورتو

ڏوراهين علائقن جا صارفين وقت سر پنهنجا بجلي جا بل ادا ڪري سگهندا: چيف ايگزيڪيوٽو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيسڪو ترجمان موجب حيسڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري اڄ ميرپورخاص سرڪل جي بلنگ ۽ بلن جي ڇپائيءَ جي الڳ نظام جو باقاعده افتتاح ڪيو ان موقعي تي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر چيو ته حيسڪو جو "روشنيءَ جو سفر" زيرو لوڊشيڊنگ فيڊرز تائين محدود ناهي پر ان جي مختلف مرحلن ۾ صارفين کي بهتر

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

چمبڙ لڳ 22 ورهين جي نوجوان ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

چمبڙ (ن ع) چمبڙ ٿاڻي جي حد فاضل اسٽاپ لڳ ڳوٺ ڪارو ڀٽيل ۾ 22 ورهين جي نوجوان مبينا طور آپگهات ڪري زندگي جو انت آڻي ڇڏيو نوجوان جيرو ڪولهي گهرو اڻبڻت تان گهر اندر ڦاهو کائي خدڪشي ڪري زندگي جو انت آڻي ڇڏيو آهي

جيڪب آباد ۾ 6 ٻارن جي پيءُ بيروزگاري کان تنگ ٿي خودڪشي ڪري ڇڏي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي حد ملڪ ڪالوني ۾ مبينه بيروزگاري کان تنگ اچي 6 ٻارن جي والد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: حادثي ۾ زخمي ٿيل واقعي واري هنڌ پيل آهن

حيدرآباد ۾ کير ۽ ايل پي جي جا وڌيڪ اگهه وٺندڙن خلاف ڪارروائيون، ٻه دڪان سيل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي صائمه نور، اسسٽنٽ ڪمشنر لطيف آباد سعود احمد ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر قاسم آباد حنف سيال لاڳاپيل عملي سان گڏ مختلف علائقن ۾ کير ۽ ايل پي جي جي اگهن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪارروائيون ڪيون_اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي صائمه نور پاران گول بلڊنگ لڳ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

هالا مخدوم محسن ۽ والد مخدوم فضل وچ ۾ اختلاف شدت اختيار ڪري ويا

هالا (ت ر) مخدوم محسن ۽ سندس والد مخدوم فضل وچ ۾ اختلاف شدت اختيار ڪري ويا، پيٽرول پمپ تي حملي ۽ ڦرجا الزام. مخدوم محسن جو جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو ڪارروائي نه ٿيڻ جي صورت ۾ قومي شاهراهه تي ڌرڻي جي ڌمڪي. مخدوم محسن ۽ سندس والد مخدوم فضل وچ ۾ اختلاف شدت اختيار ڪري ويا آهن مخدوم محسن

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

کپرو ۾ ڦر دوران قتل ٿيل استاد جا قاتل گرفتار نه ٿيا

کپرو(ت ر) ڦر دوران هٿيارٻندن هٿان قتل ٿي ويل استاد جا قاتل 6 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس گرفتار نه ڪري سگهي ايس ايس پي جي کپرو ٿاڻي تي ڪيس لاءِ جوڙيل ٽيم سان گڏجاڻي هاءِ اسڪول جي اڳردن جو مقتول جي قبر تي حاضري. رپورٽ موجب 6 ڏينهن اڳ ڪاهي ٿاڻي جي حد ۾ پٽ پائڻي ويجهو هٿيارٻندن هٿان موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

راڻوٽي ڪڇي ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو راندين جو ميلو ٻئين ڏينهن به جاري

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو راڻوٽي ڪڇي ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو راندين جو ميلو ٻئين ڏينهن به جاري، هزارين ماڻهو پهتا. هڪ ڏينهن عورتن ۽ ٻارن لاءِ مخصوص ڪيو ويو علائقي واسين پاران

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5



ٽنڊوآدم: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ملڪ علي رضا جي حياتي جي تصوير

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.